☆☆
ABC CERTIFIED
عوامي حقن جي ترجمان، ڪمپيوٽر تي پهرين مڪمل اخبار
ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر مان هڪ ئي وقت شايع ٿيندڙ
Daily AWAMI AWAZ
روزاني
عوامي آواز
Daily AWAMI AWAZ Sukkur
سال 18_ شمارو 247 | خميس 12 سيپٽمبر 2024ع 7 ربيع الاول 1446هه | صفحا_08_قيمت 40 رپيا

بلاول ڀٽو جي تجويز تي قومي اسيمبلي ۾ "ميثاق پارليامينٽ" ٺاهڻ لاءِ ٺهراءُ پاس، 16 رڪني ڪميٽي جي به منظوري

حڪومت ٻرندي تي تيل هاريو ته هلي نه سگهندي: بلاول

اپوزيشن جو اهو ڪم ناهي ته هر وقت گاريون ڏي، ملڪ ڪيئن وڌندو؟، آئين جي بالادستي ڪانسواءِ ڪو به ادارو هلي نٿو سگهي

مخصوص لابي اتفاق نه چاهيندي پر مهانگائي جو مقابلو ڪرڻو آهي، اهڙو ڪم ناهي ڪرڻو جو آءِ ايم ايف ڊيل کي نقصان پهچي

مينگل کي پارليامينٽ ۾ ويهڻ گهرجي ها، منع باوجود پي ٽي آءِ اسيمبلين مان ٻاهر نڪتي، اڄ پاڻ ڀوڳي پئي ته ملڪ به ڀوڳي پيو

بلاول جي ڳالهين سان اختلاف ناهي، ماضي ۾ رابطا ۽ اختلاف رهيا پر 90 واري ڏهاڪي جي تلخين ۾ نه ورياسين: خواجا آصف

اسلام آباد(بيورو/ م ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته پي ٽي آءِ باني جي ڪا به ذاتي مخالفت ناهي، آئين جي بالادستي ڪانسواءِ ڪو به ادارو هلي نٿو سگهي، سياست پنهنجي جاءِ تي پر اسان کي ورڪنگ رليشن شپ رکڻي آهي. قومي اسيمبلي ۾ خيالن جو اظهار ڪندي بلاول ڀٽو چيو ته پي ٽي آءِ جي باني ماحول خراب ڪيو اوهان به ايئن ڪندا ته سياڻي /ڏسو صفحو 7 ڪالم 1

چيف جسٽس جو مدي ۾ واڌ بابت "وضاحتي" بيان، حڪومتي آڇ قبول ٿي وئي؟

قاضي فائز عيسيٰ تي الزام آهي ته هو اسٽيبلشمينٽ سان گڏجي عمران خلاف فيصلا پيو ڏئي

چيف جسٽس ٽن سالن لاءِ مدي ۾ واڌ وٺي رهيو آهي، ڪيس 25 آڪٽوبر تي رٽائر ٿيڻ جو اعلان ڪرڻ گهرجي ها

پارليامينٽ اندر گرفتارين تي محسن نقوي ڪان پڇائو نه ٿيو، وزيراعظم ٻي وسي جي تصوير بڻيل

اسلام آباد/لاهور(مطيع الله جان+اسد طور+امداد سومرو) ايڪسٽينشن جي معاملي تي چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ڪجهه اهڙي "ترديد" ڪئي آهي جنهن ۾ تصديق به نظر اچي رهي آهي، چا چيف جسٽس ٽن سالن لاءِ ايڪسٽينشن وٺي رهيو آهي؟ ذريعن موجب چيف جسٽس کي ادارن پاران چيو ويو ته پيا به ايڪسٽينشن وٺي رهيا آهن توهان ڇو پيا انڪار ڪريو؟ جنهن بعد قاضي فائز عيسيٰ پنهنجي سيڪريٽري ذريعي اها پريس رليز جاري ڪرائي، آف دي رڪارڊ ڳالهين جو استحقاق آئيني عهديدارن کي نه هئڻ گهرجي. چيف جسٽس کي وضاحتي بيان ۾ اهو چوڻ گهرجي ها ته مان نه 25 آڪٽوبر تي هر صورت ۾ رٽائر ٿي رهيو آهيان.پارليامينٽ اندر جيڪو ڪجهه ٿيو ان ۾ صدر زرداري، نواز شريف، شهباز شريف جي رضامندي شامل هئي، پي ٽي آءِ جي گرفتار ايم اين ايز بابت ايف آءِ آرز ۾ پوليس نهيل نڪيل ڪهاڻيون عدالت ۾ پيش ڪيون.ان تي ويٽر ماتحت عدالت ٻرندي تي تيل هاريندي ايم اين ايز جو 8 ڏينهن /ڏسو صفحو 7 ڪالم 6

پي ٽي آءِ گرفتارين تي اسپيڪر وائڙو،حڪومت جا پويان پير

اياز صادق خبرن جي زينت بڻيل رهڻ لاءِ اعلان مٿان اعلان ڪندو رهيو

پارليامينٽ اندر "نقاب پاتل" ماڻهن جي ڪارروائي تي اسپيڪر بي وس

اسلام آباد(اعزاز سيد+آصف بشير چوڌري) پارليامينٽ لاجز ۾ پي ٽي آءِ ايم اين ايز جي گرفتارين تي اسپيڪر اياز صادق کي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته مان چا ڪريان؟ ميڊيا کي چيو ويو ته اهي خبرون هلايون وڃن ته اسپيڪر ان معاملي تي سخت قدمن جو اعلان ڪيو آهي،اسپيڪر سارجنٽ ايٽ آرمز سميت چئن ڄڻن کي معطل ڪيو آهي، سي ڊي اي جي چار اليڪٽريشنن /ڏسو صفحو 7 ڪالم 8

حڪومت عدليه جا اختيار گهٽايا ته تحريڪ هلندي: حامد خان

آئيني پيڪيج تحت مرضيءَ جا جج آڻي من پسند فيصلا ورتا ويندا

سرڪار صوبائي خودمختياري به ختم ڪرڻ چاهي ٿي: لاهور ۾ پريس ڪانفرنس

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي مرڪزي اڳواڻ سينيٽر حامد خان چيو آهي ته وڪيل ڪنهن به صورت ۾ سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جي اختيارن ۾ گهٽتائي برداشت نه ڪندا. لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سينيٽر حامد خان چيو ته سپريم ڪورٽ بار /ڏسو صفحو 7 ڪالم 7

ڪنهن جو غلام ناهيان،ادارا پنهنجي اصلاح ڪن
علي امين گنڊاپور

جنهن جي چوڻ تي ظلم ڪيو ، انهن جا نالا اوهان ڪان اوڳرائيندس

عمران خان جي نظريي تي قائم آهيان،افغانستان سان ڳالهيون ڪرڻ پاڻ ويندس

مون کي پنجاب نه اچڻ جو چوندڙن کي چيلينج آهي ته گرفتار ڪن

پشاور(م ڊ) خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور چيو آهي ته مان پاڪستان جو شهري ۽ آزاد ماڻهو آهيان. توهان کي مون کي جواب ڏيڻو پوندو، جيڪڏهن توهان جواب نه ڏيندو ته پوءِ مان پاڻ ڳالهائيندس. آواز اٿاريندس. بار ڪائونسلز ايسوسي ايشن جي تقريب کي خطاب ڪندي علي امين گنڊاپور چيو ته چاپلوس آهيان نه غلام. ساڦت ويٽر اپڊيٽ ڪري سگهون ٿا. وڪيل برادري جي سڀ ڪان وڏي ذميواري آهي ته انصاف ۽ انصاف لاءِ ڪردار ادا ڪن /ڏسو صفحو 7 ڪالم 6

پشاور:علي امين گنڊاپور بار ڪائونسلز کي خطاب ڪري رهيو آهي

وفاق ۽ ڪي پي حڪومت ۾ جنگ تيز، پشاور مان ليگلن جون گرفتاريون شروع

پشاور (م ڊ) ڪي پي ڪي جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور صوبي مان مخالف ڌر جي اڳواڻن جون گرفتاريون شروع ڪري ڇڏيون آهن. پشاور مان نواز ليگ جي اڳواڻ امير مقام جي پاڻ ڊاڪٽر عباد کي گرفتار /ڏسو صفحو 7 ڪالم 5

سنڌ جي سموريي درگاهن ۽ تاريخي ماڳن جي زمين جو نقشو ۽ حدبندي بابت رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم

ڪارونجهر کي ورثو چو نه ٿا ٻڌايو، درگاهن جا پئسا حڪومت ڇو ٿي کڻي؟
سنڌ هاءِ ڪورٽ

موهن جو دڙو، رني ڪوٽ سميت سنڌ جي تاريخي درگاهن ۽ ماڳن جي زمينن تي قبضا ٿي رهيا آهن: سهيل ميمڻ

ماڳن جي زمين جو رڪارڊ موجود آهي؟(عدالت) رڪارڊ ۽ نقشي لاءِ 60 ڏينهن مهلت ڏني وڃي: روينيو عملدار

درگاهن جا پئسا ڪهڙي کاتي ۾ ٿا وڃن؟(عدالت) سنڌ حڪومت جي خزاني ۾ جمع ٿيندا آهن: اوقاف عملدار

درگاهن جا پئسا ٽرسٽ جا آهن، حڪومت وٽ ڇو ٿا وڃن؟ وڏو ڏوهه ڪري رهيا آهيو، ڪيس داخل ٿيڻ گهرجي: عدالت

ڪراچي(رپورٽ: ماريا اسماعيل) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس صلاح الدين پنهور ۽ جسٽس امجد علي سهتو تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ تاريخي ماڳن تي قبضن خلاف داخل درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. عدالت 60 ڏينهن اندر بورڊ آف روينيو اوقاف کاتي ۽ ڪلچر کاتي کي سنڌ جي سموري /ڏسو صفحو 7 ڪالم 8

ناانصافين جو ازالو ٿئي ها ته استعيفيٰ تي افسوس جي نوبت نه اچي ها: اختر مينگل

سنڌ ۽ بلوچستان ۾ پ پ جي حڪومت آهي،جتي احتجاج ڪرڻ به نٿو ڏنو وڃي

ملڪ اڄ جتي بيٺل آهي اتي پ پ ۽ ن ليگ پهچائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو

ڪوئيٽا (م ڊ) بلوچستان نيشنل پارٽي جي سربراهه سردار اختر مينگل چيو آهي ته نهايت ئي احترام سان چئي رهيو آهيان ته سنڌ ۽ /ڏسو صفحو 7 ڪالم 8

اسلام آباد: بلاول ڀٽو زرداري وزيراعظم شهبازشريف سان ملاقات ڪري رهيو آهي

پي ٽي آءِ جي گرفتارين جي جاچ لاءِ اسپيڪر جو گهرو کاتي کي خط

سيڪيورٽي ناڪامي، سارجنٽ ايٽ آرمز ۽ چار اهلڪار معطل

سارجنٽ چئن مهينن لاءِ معطل، فيڪٽ فائنڊنگ ڪميٽي قائم

اسلام آباد(م ڊ) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر اياز صادق پارليامينٽ اندران ميمبرن جي گرفتارين تي ايڪشن /ڏسو صفحو 7 ڪالم 5

پي ٽي آءِ جي گرفتار ميمبرن جا پروڊڪشن آرڊر جاري

اسلام آباد (بيورو+م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي گرفتار ٿيل اسيمبلي ميمبرن جا پروڊڪشن آرڊر جاري ڪيا ويا آهن. بيرسٽر /ڏسو صفحو 7 ڪالم 1

اسٽيبلشمينٽ جي ويجهو سمجهيو ويندڙ محمد علي دراني جي فضل الرحمان سان ملاقات، سياسي صورتحال تي ڳالهيون

آئيني ترميم جي حمايت بابت حڪومتي دعويٰ رد، مخالف ڌر ۾ آهيان ۽ رهندس
فضل الرحمان

حڪومتي وجود ۽ عمل عوامي مفادن سان ٽڪراءُ ۾ آهن، سنڌن سان نه ٿو ڏئي سگهجي

آئين ۽ جمهوريت خلاف قانون سازي ۾ جي يو آءِ سميت ڪا به مخالف ڌر پارٽي مدد نه ڪندي

اهڙي حڪومت جو ساٿ ڏيڻ عوام جي ڪاوڙ ۽ غضب کي دعوت ڏيڻ برابر آهي

محمد علي دراني پاران مولانا جي حمايت، جي يو آءِ سربراهه جمهوري قدرن جو امين قرار

اسلام آباد(م ڊ) جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان حڪومت جي آئيني ترميم جي حمايت جي دعويٰ کي رد ڪندي چيو آهي ته جي يو آءِ سميت ڪا به اپوزيشن ان قانون جي حمايت نه /ڏسو صفحو 7 ڪالم 7

بلاول ڀٽو زرداري جي وزيراعظم سان ملاقات، سياسي صورتحال تي ڳالهيون

اسلام آباد(م ڊ) پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪري سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي آهي. بلاول ڀٽو جي وفد ۾ نويد قمر ۽ ڪراچي جو ميئر مرتضيٰ وهاب به شامل هئا. ملاقات ۾ نائب وزيراعظم اسحاق ڊار، وفاقي وزير اعظم نذير /ڏسو صفحو 7 ڪالم 8

لڪي مروت ۾ پوليس جو ڌرڻو، فوج ۽ ايجنسين جي نيڪالي جو مطالبو

ٽن مهينن ۾ دهشتگردي ختم ڪنداسين يا وري اسان کي شهيد ڪريو: اهلڪار

باجوڙ ۾ به احتجاج، پوليو ڊيوٽي جو بائيڪاٽ، اهلڪار سميت 2 ڄڻا شهيد

پشاور(م ڊ) ڪي پي ۾ پوليس جي ٽارگيٽ ڪلنگ خلاف لڪي مروت ڪانيوءِ باجوڙ ۾ به پوليس اهلڪار سراپا احتجاج آهن. ڌرڻي سبب ڪاروهنوار معطل ٿي ويو آهي. اهلڪارن جو چوڻ آهي ته روڊ بن صورتن ۾ ڪوليو وڃي، هڪ ته فوج ۽ ايجنسيون لڪي مروت ضلعي مان واپس هليون وڃن. پوليس پاڻ ٽن مهينن ۾ دهشتگردي جو خاتمو آڻيندي، ٻي صورت /ڏسو صفحو 7 ڪالم 5

ڪي پي اسيمبلي جو ٺهراءُ اسٽيبلشمينٽ ڏانهن سخت پيغام ،سرد جنگ ويتر تيز

گذريل ٻن سالن کان ڪجهه فوجي آفيسرن جي سياست ۾ مداخلت جاري آهي: ٺهراءُ

خيبرپختونخوا سرڪار منظور پشتين جا مطالبا تسليم ڪري سخت نيا پوامائي چڙيو

ادارن ۽ سياسي جماعتن ۾ هم آهنگي نه هئڻ ڪري ملڪ جو عوام مسئلن ۾ ٿي ڦاٿل

اسلام آباد(عمر چيما+فخر دراني+اعزاز سيد) علي امين گنڊاپور جي حوالي سان صحافين ۾ وڏو تجسس آهي ته گذريل رات هن سان ڇا ٿيو؟ اهو اجلاس ۾ به نه آيو. سلمان اڪرم راجا علي امين جي صحافين جي حوالي سان ڪيل بدزباني تي ميڊيا کان معذرت ڪري ورتي،جڏهن ته اهو به معلوم ٿيو آهي ته علي امين کي آءِ ايس آءِ آفيس گهرائي چيو ويو ته توهان وڊيو بيان جاري ڪري 9 سيپٽمبر واري جلسي ۾ ڪيل ڳالهين تي افسوس جو اظهار ڪيو پر بقول پي ٽي آءِ جي هن انڪار ڪيو آهي. جڏهن ته ڪي پي اسيمبلي گذريل ٻن سالن ۾ سياست ۾ فوج جي /ڏسو صفحو 7 ڪالم 7

لڪي مروت:پوليس اهلڪار بينر کڻي احتجاج ڪري رهيا آهن

ملڪ خلاف ٿيندڙ اندروني سازشن جو اتحاد ذريعي مقابلو ڪنداسين: سيد مراد علي شاهه

ارسا معاملي تي سنڌ حڪومت اهو ڪندي جيڪو عوام چاهيندو: وڏو وزير

ايڪٽ ۾ ترميم خلاف عوام سان گڏ هونداسين، سنڌ اسيمبلي ڪالاباغ ڊيم خلاف به گڏيل ٺهراءُ پاس ڪيو

معمول کان وڌيڪ برساتون پيون، سامونڊي پٽي ۽ ڪيرٿر رينج ۾ وڏو نقصان ٿيو، ڪراچي ۾ روڊ رستا به ٽٽي ويا

ڪراچي(رپورٽر) وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته ارسا ايڪٽ ۾ ترميم واري معاملي تي سنڌ حڪومت اهو ئي ڪندي جيڪو سنڌ جو عوام چاهيندو. سنڌ اسيمبلي ڪالاباغ ڊيم خلاف به گڏيل ٺهراءُ منظور ڪيو هو /ڏسو صفحو 7 ڪالم 6

ڪراچي: وڏو وزير مراد علي شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي،شرجيل ميمڻ به موجود آهي

قائد اعظم جي 76 ورسي، گورنر، وڏي وزير پاران مزار تي حاضري

ڪراچي(رپورٽر) ملڪ جي باني قائد اعظم محمد علي جناح جي 76 ورسي جي موقعي تي سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري، وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ سنڌ ڪابينا جي ميمبرن قائداعظم جي مزار تي حاضري ڀري، گلن جي چادر چاڙهي ۽ فاتحه خواني ڪئي. ڊي جي رينجرز ميجر جنرل اظهر وقاص، ٽنهي هٿياربند فوجن جي /ڏسو صفحو 7 ڪالم 5

جيڪب آباد ۾ پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيئاريندڙ ناري سان اجتماعي زيادتي
وڏي وزير نوٽيس ورتو

ڳوٺ الله بخش جکراڻي ۾ ٻن هٿياربندن پوليو ورڪر کي يرغمال بڻائي اجتماعي زيادتي جو نشانو بڻايو

پوليو ورڪر جو موبائل بند ٿيڻ بعد انتظاميا لوڪيشن ٽريس ڪري پوليو ورڪر کي آزاد ڪرائي ورتو

ٻن هٿياربندن ناري سان زيادتي ڪئي، جوابدارن جي نشاندهي ٿي وئي آهي، گرفتاريون جاري آهن: ڊي سي جيڪب آباد

وڏي وزير ۽ چيف سيڪريٽري پاران ڪمشنر ۽ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻي کان رپورٽ طلب، پوليو ورڪرن کي تحفظ فراهم ڪرڻ جي هدايت

جيڪب آباد(رپورٽ: حضور بخش سومرو) جيڪب آباد جي علائقي ڳوٺ الله بخش جکراڻي ۾ هٿياربندن پوليو ورڪر کي اغوا ڪري زيادتي جو نشانو بڻايو. پوليو ورڪر جو موبائل نمبر بند ٿيڻ بعد انتظاميا لوڪيشن /ڏسو صفحو 7 ڪالم 8

ڪي پي جي عوام کي پي ٽي آءِ بابت اکيون کولڻيون پونديون: شرجيل ميمڻ

پي ٽي آءِ جو ٽيون دور آهي پر عوام روزگار لاءِ ٻين صوبن ۾ وڃي ٿو

ملڪ جي توانائي بحران جو حل ٿر جو ڪوئلو آهي: ڪي پي جي صحافين سان ڳالهيون

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته خيبر پختونخواهه جي عوام کي اکيون کولڻيون /ڏسو صفحو 7 ڪالم 8

بلديا سانحي کي 12 سال مڪمل، وڏي وزير پاران واقعي جي ننڊا

بلديا سانحي تي جيترو افسوس ۽ مذمت ڪجي گهٽ آهي: وڏو وزير

پاڪستان پيپلز پارٽي مظلوم شهيدن جي خاندانن سان گڏ آهي

ڪراچي(رپورٽر) وڏي وزير مراد علي شاهه بلديا ٽائون سانحي کي 12 سال مڪمل ٿيڻ تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته بلديا ٽائون /ڏسو صفحو 7 ڪالم 1

نوابشاهه ۾ سڱاوتي تڪرار تان 2 عورتن سميت 3 ڄڻا مارجي ويا، ڌرڻو

ڳوٺ ٻاغ زرداري ۾ ڪار سوار هٿياربندن دادلو زرداري جي گهر تي فائرنگ ڪري ڏني

فائرنگ ۾ دادلو زرداري سندس زال ثانيا زرداري ۽ امڙ شريفان ٿڏي تي مارجي ويا، وارثن جو لاش رکي ڌرڻو

نظير زرداري وارن سان سڱاوتي تڪرار هلندڙ هو، نيڪ مردن جي ڏانهن ڏيڻ باوجود مسئلو حل نه ڪرايو ويو:راهب زرداري

نوابشاهه/قاضي احمد(نمائندا)نوابشاهه تعلقي ٿاڻي جي حد ڳوٺ ٻاغ زرداري ۾ ڪار سوار هٿياربندن دادلو زرداري جي گهر ۾ داخل ٿي هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا، جنهن جي نتيجي ۾ دادلو زرداري سندس زال ثانيا زرداري ۽ /ڏسو صفحو 7 ڪالم 3

نوابشاهه:قتل ٿيلن جا لاش رکي وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

اسلام آباد،لاهور،پشاور سميت ملڪ جي مختلف شهرن ۾ زلزلي جا لوڏا

اسلام آباد (بيورو+م ڊ) اسلام آباد، لاهور، پشاور سميت ملڪ جي مختلف شهرن ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا آهن، زلزلي جي شدت 5.7 رڪارڊ ڪئي وئي، لاهور، ملتان، فيصل آباد، ميانوالي، ڀکر، ڪماليا، /ڏسو صفحو 7 ڪالم 6

پارليامينٽ تي حملو برداشت نه ٿو ڪري سگهجي: محمود اڇڪزئي

اسلام آباد(م ڊ) پشتونخوا ملي عوامي پارٽي جي سربراهه محمود خان اڇڪزئي چيو آهي ته علي امين گنڊاپور جي ڳالهين جو بهانو بڻائي پارليامينٽ تي حملي ڪرڻ /ڏسو صفحو 7 ڪالم 2

نئين ديري جي ڪچي ۾ فائرنگ، هڪ نوجوان قتل، ٻيو زخمي

ڪيٽي ممتاز ٿاڻي جي حد ۾ گلزار پٽ سونل ۽ عرفان کهڙو زخمي ٿي پيا

واقعي جو ڪارڻ پتا _ ڪهڙا تڪرار آهي، وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون: پوليس

نئون ديرو(رپورٽ: محمد علي جروار) نئين ديري پرسان ڪيٽي ممتاز ٿاڻي جي حد ڪچي واري علائقي ۾ نامعلوم هٿياربندن /ڏسو صفحو 7 ڪالم 4

ملڪ ۾ 76 سالن کان مارشل لا لڳل آهي: جاويد هاشمي

پارليامينٽ جو تقدس نه رکڻ دهشت گرديءَ جو بدترين مثال آهي

هڪ ڏينهن وزيراعظم کي به هلندي ايوان مان ڪڍي ويندا

اسلام آباد(م ڊ)ملڪ جي سينيئر سياستدان جاويد هاشمي چيو آهي ته پاڪستان ۾ 76 سالن کان مارشل لا آهي. ان جون شڪليون بدلبيون آهن پر هڪ ڏينهن لاءِ به مارشل لا نه هٽيو آهي. اسٽيبلشمينٽ ٿي هميشه حڪمراني ڪئي آهي. هڪ نجي ٽي وي جي پروگرام ۾ ڳالهائيندي جاويد هاشمي چيو ته هنن پارليامينٽ جو ويساهه رکي گرفتاريون ڪيون آهن. هنن مونکي پارليامنٽ لاجز ۾ منهنجي بيڊ روم جا شيشا ٽوڙي گرفتار ڪيو هو هن چيو ته /ڏسو صفحو 7 ڪالم 7

60 سيڪڙو ڪاروبار اسٽيبلشمينٽ ڪري ٿي: زاهد چن زيب

پشاور(م ڊ) خيبرپختونخواهه جي سياحت واري مشير زاهد چن زيب چيو آهي ته ملڪ ۾ ٿيندڙ 60 سيڪڙو ڪاروبار فوج ڪري ٿي. اسان پوئتي رهجي ويا آهيون جڏهن ته فوج اڳتي نڪري وئي آهي. خيبرپختونخواهه اسيمبليءَ ۾ خطاب ڪندي هن چيو ته اسان جو ملڪ نقصان ۾ آهي پر هي فائدي ۾ آهن. هنن جو ڪاروبار سون ۽ اسان جو مٽي ٿي وڃي ٿي هن چيو ته ڇو ٿا اسان ادارن ۾ مداخلت نه ٿا ڪيون. سياحت ۾ برگيڊيئر سميت فوج جو هر ماڻهو مداخلت ڪري ٿو. هن چيو ته نگران حڪومت ۾ به پي ٽي ڊي سي تي هنن جو قبضو هو هو هر هنڌ ڪاروبار ڪن ٿا. ڪاروبار سان هنن جو ڪهڙو ڪم آهي؟ ڪاروبار ته عوام جو ڪم آهي پر هتي گرين پاڪستان جي نالي تي هنن پنهنجا ڪاروبار کوليا آهن. عوام حڪومت کي ٽئڪس ڏئي ٿو پر هنن جي ٽئڪس جي ڪا خبر ئي ناهي. هنن کي به پنهنجي ڊٻل ٽئڪس ظاهر ڪرڻ گهرجي.

پي آءِ اي نجڪاري، ملازم نه ڪڍڻ جي شرط تي ڪمپنين کي اعتراض

ڪمپنين ملازم نه ڪڍڻ جي شرط ۾ نرمي جو مطالبو ڪري ڇڏيو

ادارو خانگائڻ جو ڪم آخري مرحلي ۾، آڪٽوبر ۾ واڪ گهرائڻ جو امڪان

پي آءِ اي ملازمن جي قابليت ۽ تجربي کي ڏسندي پاڻ فيصلو ڪنداسين: ڪمپنيون

اسلام آباد(م ڊ) پاڪستان انٽرنيشنل ايئر لائنز (پي آءِ اي) جي نجڪاري جو عمل آخري مرحلي ۾ داخل ٿي ويو آهي. ذريعن /ڏسو صفحو 7 ڪالم 2

قاضي فائز لاءِ هاڻ امتحان آهي،عزت بچائي يا مدي ۾ واڌ وٺي: شاهد خاقان

نام نهاد جمهوري حڪومت جي موجودگي ۾ اڄ ڪارا قانون ناهيا پيا وڃن

اها ڪهڙي جمهوريت آهي جو حڪومت پاڻ گهيري هيٺ آهي

اسلام آباد(بيورو+م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي چيو آهي ته چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ لاءِ هاڻ امتحان آهي، عزت بچائي يا واڌ وٺي، هن چيو آهي ته اسپيڪر کي پارليامينٽ مان گرفتارين جو معاملو استحقاق ڪميٽي حوالي ڪرڻ گهرجي ها، چاڪاڻ ته پارليامينٽ جو استحقاق مجروح ٿيو آهي. شاهد خاقان عباسي چيو آهي ته ملڪ جي بدقسمتي آهي ته اڄ نام نهاد جمهوري حڪومت جي موجودگي ۾ ڪارا قانون ناهيا پيا وڃن جيڪي مارشل لا جي بدترين دور ۾ به نه هئا. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شاهد خاقان عباسي چيو ته حڪومت /ڏسو صفحو 7 ڪالم 4

وفاقي اردو يونيورسٽيءَ ۾ ملازمن جي احتجاج تي بندش

ڪراچي (رپورٽر)وفاقي اردو يونيورسٽيءَ ۾ ملازمن جي پگهارن، پينشن، برطرف ڪيل ملازمن جي احتجاج کي روڪڻ لاءِ آفيس آرڊر جاري ڪيو ويو آهي. يونيورسٽيءَ جي وقتي رجسٽرار ثمر ضمير پاران جاري ڪيل ليٽر ۾ چيو ويو آهي ته وفاقي /ڏسو صفحو 7 ڪالم 6

چوهاڻ برادري جي 3 ماڻهن جي قتل جو ڊي آءِ جي سکر نوٽيس ورتو

ٺاراچاڻي ٿاڻي تي مقرر ايس ايڇ او غلام حبيب گوپانگ معطل

ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ وارثن جي انتظار ۾ آهيون، قاتل گرفتار ٿيندا: پوليس

سکر(رپورٽ: شفيع محمد ابڙو)سکر جي ٺاراچاڻي ٿاڻي جي حد ۾ هٿياربندن پاران چوهاڻ برادري جي ٽن ڄڻن کي قتل ڪرڻ واري معاملي /ڏسو صفحو 7 ڪالم 3

هاڪس بي ۾ ڊي ايڇ اي کي 6 هزار ايڪڙ سرڪاري زمين ڏيڻ وارو معاملو

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران ڪارروائي کان منع، اسٽي ۾ واڌ

ڊي ايڇ اي پاران ايڊووڪيٽ حڪيم احمد وڪالت نامو جمع ڪرائي ڇڏيو

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس صلاح الدين پنهور ۽ جسٽس امجد علي سهتو تي ٻڌل 2 رڪني بئنچ ڊي ايڇ اي کي هاڪس بي ۾ 6 هزار ايڪڙ سرڪاري زمين ڏيڻ خلاف درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي. عدالت هاڪس بي جي رهواسين جي ٻي دخلي ۽ ڪارروائي روڪيندي اسٽي آرڊ ۾ واڌ ڪري ڇڏيو آهي. ڊي ايڇ اي پاران ايڊووڪيٽ حڪيم احمد وڪالت نامو جمع ڪرايو جڏهن ته درخواست گذار اشفاق پنهور کي ڊي ايڇ اي جي وڪيل کي درخواست جي ڪاپي ڏيڻ جي هدايت ڪئي وئي. عدالت درخواست جي ٻڌڻي 3 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي. هاڪس بي جي 6 هزار ايڪڙ زمين ڊي ايڇ اي کي ڏيڻ جي خلاف مقامي ماڻهن درخواستون داخل ڪيون آهن.

ڪملا هيرس صدر ٿي ته اسرائيل تباهه ٿي ويندو: ڊونلڊ ٽرمپ

واشنگٽن(م ڊ) اڳوڻي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته هيرس صدر ٿي ته اسرائيل تباهه ٿي ويندو. ڪملا هيرس چيو ته اسرائيل کي پنهنجي دفاع جو حق حاصل آهي. جڏهن ته منهنجو سمورو ڪيريئر اسرائيل جي حمايت ۾ گذريو آهي. آمريڪي صدارتي چونڊن کان اڳ صدارتي /ڏسو صفحو 7 ڪالم 6

پينشن ضابطن ۾ ترميمون، فيملي پينشن 10 سالن تائين محدود

ريٽائرڊ ملازمن جي وفات کان پوءِ مدو 10 سالن لاءِ مقرر ڪيو ويو

هٿياربند فوجن ۽ سول آرمڊ فورسز جي فيملي پينشن ۾ 50 سيڪڙو واڌ

اسلام آباد(بيورو+م ڊ) پينشن ضابطن ۾ اهم ترميمون ڪيون ويون آهن. فيملي پينشن 10 سالن تائين محدود ڪئي وئي. جڏهن ته رضاڪارانه طور رٽائرمينٽ وٺندڙ تي ڏنڊ وڌو ويندو. ذريعن موجب وفاقي حڪومت رٽائرڊ ملازمن جي فوتگي ڪانپوءِ فيملي پينشن جو مدو 10 سال مقرر ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته رٽائرڊ ملازمن جي پينشن جي ادائيگي جي بل جو وڌندڙ بار گهٽائڻ لاءِ اسپيشل فيملي پينشن جو مدو 25 سال مقرر ڪيو ويو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته فوت ٿيل رٽائرڊ ملازم جي فيملي پينشن جو حقدار ٻار معذور يا خاص ٻار جي صورت ۾ سڄي زندگي فيملي پينشن حاصل ڪندو. ذريعن /ڏسو صفحو 7 ڪالم 3

حڪومت مهانگائي جي ماريل عوام مٿان بجلي بم ڪيرائي ڇڏيو

سرڪار بجلي جي قيمت ۾ هڪ رپيا 74 پئسا في يونٽ واڌ ڪري ڇڏي

نيون قيمتون ڊسڪوز سميت ڪي اليڪٽرڪ صارف تي به لاڳو ٿينديون

اسلام آباد(بيورو+م ڊ) حڪومت بجلي مهانگي ڪري ڇڏي آهي. بجلي جي قيمت ۾ 1 رپيا 74 پئسا في يونٽ واڌ ڪئي /ڏسو صفحو 7 ڪالم 3

ڪراچي ۾ پيٽرول پمپ کي باهه ، هڪ شخص فوت، 10 موٽرسائيڪل سڙي رک

شاهه فيصل ڪالوني ۾ باهه لڳڻ دڪانن ۽ رهائشي عمارتن کي به لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو

فائر برگيڊ جي 5 گاڏين باهه تي ضابطو آڻي ورتو، ڪيترائي دڪان پڻ متاثر

ڪراچي (حفيظ ڦلپوٽو) ڪراچي جي علائقي شاهه /ڏسو صفحو 7 ڪالم 2

ڪارساز حادثو، منشيات ڪيس ۾ دليل مڪمل، فيصلو محفوظ

ڪراچي (رپورٽر) ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج اوڀر جي عدالت ڪارساز حادثي جي مک جوابدار نتاشا جي منشيات واري ڪيس ۾ ڌرين جا دليل مڪمل ٿيڻ کان پوءِ فيصلو محفوظ ڪري ورتو آهي. فيصلو 13 سيپٽمبر تي ٻڌايو ويندو ياد رهي ته جڊيشل مئجسٽريٽ اوڀر منشيات ڪيس ۾ ضمانت رد ڪري چڪي آهي.

سنڌ ٽيڪسٽ انتظاميا پاران درسي ڪتاب پهچائڻ وارو ڪم مڪمل ڪرڻ جي دعويٰ

تاريخ ۾ پهريون ڀيرو شفاف طريقي سان ڪتاب پهچايا ويا: چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ

2ڪروڙ 43 لک 51 هزار 475 ڪتاب پاران تائين پهچايا ويا آهن

ڪتابن جي ورهاست مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ جائزو وٺڻ لاءِ ٽيم دورا ڪري رهي آهي

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشورو جي چيئرمين عبدالعليم لاشاري جو چوڻ آهي ته سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ۽ /ڏسو صفحو 7 ڪالم 2

هڪ لک 32 هزار 706 ايڪڙن تي فصلن کي نقصان پهتو : سرڪاري انگ اکر

ميرپورخاص ۾ زراعت تباهه ٿي وئي آهي، آفت سٽيل قرار ڏيو: آبادگار

2لک 80 هزار ايڪڙن کان وڌيڪ تي بيٺل فصل تباهه ٿيا آهن: جاويد جوڻيجو

آفت سٽيل قرار ڏئي ڊل ۽ زرعي قرض معاف ڪريو: آبادگار حاجي عمر ڳهيو

ميرپورخاص (رپورٽ: صالح اوٺو) برساتن سبب سنڌ ۾ ٿيل فصلن جي نقصانن جي حوالي سان حڪومت پاران ڪيل سروي بابت رپورٽ /ڏسو صفحو 7 ڪالم 7

ڪورنگي ۾ ڪيميڪل فيڪٽريون قائم ڪرڻ خلاف درخواست

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪورنگي جي رهواسي جهانگير راڄپر پاران رهائشي علائقن ۾ ڪيميڪل فيڪٽريون قائم ڪرڻ خلاف داخل درخواست تي ٻڌڻي ٿي. عدالت کي ايم سي، ايس سي بي اي ۽ ٻين کي نوٽيس جاري ڪندي /ڏسو صفحو 7 ڪالم 6

سمنڊ ۾ پاڻي ڏيان ٿيڻ واري ڳالهه بي بنياد ۽ ڪوڙي آهي: عوامي تحريڪ

91 ع ناهه موجب ڊيلٽا کي پاڻي ڏيئي نٿو ملي، سمنڊ زمينون ڳڙڪائي رهيو آهي

ڪارپوريٽ فارمنگ سنڌ جي زراعت کي تباهه ڪرڻ وارو منصوبو آهي

حيدرآباد (پ ر) عوامي تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر ايڊووڪيٽ وسند ٿري، مرڪزي اڳواڻ نور احمد ڪاتيار، ايڊووڪيٽ /ڏسو صفحو 7 ڪالم 1

دعا ڀٽو شادي جي 7 سالن بعد حليم عادل شيخ کان ڌار ٿي وئي

ڌرين ۾ اڳيرائي جون ڪوششون ناڪام ٿي ويون آهن: عدالت

حليم عادل کي ٻارڙي جي خرچ لاءِ 24 هزار رپيا ماهوار ادا ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (رپورٽر) سول جج جڊيشل مئجسٽريٽ اولهه جي عدالت ۾ اڳوڻي ايم پي اي طاهره عرف دعا ڀٽو 7 سالن ڪانپوءِ پي ٽي آءِ اڳواڻ حليم عادل شيخ کان ڌار ٿي وئي. عدالت چيو ته ڌرين ۾ اڳيرائي جون ڪوششون ناڪام ٿي ويون آهن. عدالت حليم عادل شيخ کي ٻارڙي جي خرچ لاءِ 24 هزار رپيا ماهوار ادا ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت ٻارن جي خرچ واري /ڏسو صفحو 7 ڪالم 2

باجوڙ ۾ پوليو ٽيم تي فائرنگ، پوليو ورڪر ۽ پوليس اهلڪار شهيد

باجوڙ (م ڊ) خيبرپختونخواهه جي ضلعي باجوڙ ۾ پوليو ٽيم تي فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ پوليس اهلڪار ۽ هڪ پوليو ورڪر مارجي ويو رپورٽ موجب فائرنگ جو واقعو باجوڙ جي علائقي سلرزئي ۾ پيش آيو پوليس جو چوڻ آهي ته /ڏسو صفحو 7 ڪالم 8

پ پ زمينون ۽ پاڻي وڪرو ڪري ڇڏيو آهي: زين شاهه

هن وقت سڀ کان ضروري اهو آهي ته ڪرپٽ ٽولي مان جان ڇڏايون

سياسي يتيمن ماروئڙن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي

سينارجا (ن ع) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه سينارجا ۾ ورڪرز ڪنوينشن کي خطاب ڪندي چيو ته پ پ /ڏسو صفحو 7 ڪالم 4

سپريم ڪورٽ کي پنهنجي حڪم تي عملدرآمد ڪرائڻ جو اختيار نه آهي: چيف جسٽس

حڪومت ڊيم فنڊ ۾ جمع ٿيل رقم سپريم ڪورٽ کان گهري ورتي

ڀاشا ۽ مهمند ڊيم بابت ٻڌڻي دوران حڪومت رقم حاصل ڪرڻ بابت ڊار درخواست داخل ڪرائي

سپريم ڪورٽ جي نگراني ۾ اڪائونٽ کوليو ويو، ويهه ارب رپيا ڊيم فنڊ ۾ موجود آهن: واپڊا

رقم سپريم ڪورٽ جي اڪائونٽ ۾ رکجي يا نه؟ طئي ڪنداسين،عملدرآمد بئنچ جو اختيار آئين ۾ ڪٿي آهي؟ : جسٽس فائز

عدالت اينڊڙ ٻڌڻي تي اڳوڻي اٽارني جنرل خالد جاويد، اڳوڻن عدالتي مددگارن کي به طلب ڪري ورتو

اسلام آباد(م ڊ) وفاقي حڪومت سپريم ڪورٽ کان ڊيمز فنڊ ۾ جمع ٿيل رقم گهري ورتي. ديامر ڀاشا ۽ مهمند ڊيم فنڊ بابت ڪيس جي ٻڌڻي چيف جسٽس پاڪستان جي سربراهي ۾ سپريم ڪورٽ جي چار رڪني /ڏسو صفحو 7 ڪالم 4

چين منصوبا مڪمل نه ڪرڻ تي ناخوش، سي پيڪ ٽو جي دعويٰ ڪوڙي نڪتي

اڪانامڪ زون جي 36 منصوبن مان رڳو 9 رٿائن جو به ڪان تي سيڪڙو ڪم ٿي سگهيو

رڳو گوادر پورٽ جو ڪم پورو ٿي چڪو، چين کي ورڪرن جي سيڪيورٽي جو وڏو خطرو

چيني بئنڪن کان وياج تي ورتل 25 ارب ڊالر قرض به پاڪستان جي ڳچيءَ ۾ ڦاسجي ويو

اسلام آباد(امتياز گل) چين _ پاڪستان معاملن تي گهري نظر رکندڙ ۽ سي پيڪ جي هڪ ٿنڪ ٽينڪ ۾ شامل ماهر ڊاڪٽر حسنين جاويد چيو آهي ته چين سي پيڪ تحت ڀرپيان توانائي، ٻيون مواصلات ۽ ٽيون فائبر آپٽيڪل وڇائڻ جا منصوبو ناهيا پر بدقسمتيءَ سان پاڪستان انهن جي سوچ کي سمجهڻ جي ئي ڪوشش نه ڪئي. دنيا جا ملڪ ون بيلٽ ون روڊ منصوبي مان وڏو فائدو ورتو آهي پر پاڪستان ان کي سنجيده ئي نه ورتو ان رٿا کي پوڳ سمجهي ان ۾ مالي بدعنواني ڪئي. هنن سمجهيو ته اسان کي خيرات ملي رهي آهي. هن چيو ته ملڪ تي هن وقت 133 بلين ڊالرز جو قرض آهي. ملڪي قرض 2.5 کرب رپين تائين پهچي چڪو آهي. ملڪ وڏي مصيبت ۾ آهي. آءِ پي پيز جو مسئلو ڪڏهن حل ٿي نه ٿو ٿي سگهي. اهي ڪمپنيون ملڪ کي لٽي رهيون آهن. گوادر پورٽ سڄو چين ناهيو آهي. ان ۾ پاڪستان جو ڪو به ڪردار ناهي. ليبر، پئسا، مشينري ۽ ٻيون شيون چين جون هيون. اهو منصوبو مڪمل ٿي چڪو آهي. هن چيو ته چين کي پئسن کان وڌيڪ سڪيورٽي جو مسئلو آهي. ان لاءِ چيني وزيرن مختلف وقتن تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪري چڪا آهن. چين سڀ کان وڌيڪ سڪيورٽي ۽ ٻيو ٿان پئمنٽ سبب ناخوش /ڏسو صفحو 7 ڪالم 7

دائود يونيورسٽيءَ جي وي سي کي ڌمڪين وارا خط ملڻ جو انڪشاف

ڊاڪٽر ثمرين هڪ خط آفيس ۽ ٻيو گهر جي ائڊريس تي موڪليو ويو

خطن ۾ ايڇ اي سي جي چيئرمين شپ تان دستبردار ٿيڻ جي ڌمڪي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي دائود انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر ثمرين حسين کي ڌمڪين وارا خط ملڻ جو انڪشاف ٿيو آهي،ڊاڪٽر ثمرين حسين ڌمڪين وارا خط ملڻ بعد سيڪيورٽي وڌائي ڇڏي، ذريعن موجب ڊاڪٽر ثمرين حسين کي اهڙين ڌمڪين وارا به خط مليا آهن جن مان هڪ سندس آفيس ۽ ٻيو گهر جي ائڊريس /ڏسو صفحو 7 ڪالم 3

[redacted] خيرپور / بيواهه احتجاج

پارڙن بي ٿمرن. ڪلپنا ديوي. منوج ڪمار سان گڏجي احتجاج ڪندي چيو ته 2 سال اڳ بي بي خاتون اوڏ جو مڙس فوت ٿي ويو جنهن بعد رميش جي وڏي پاه 55 سالن جي گل چند اوڏ پيين جوابدارن سن گڏجي بيواهه پاڄاڻي جي گهر ۾ داخل ٿي گهر جو سمورو سامان، سونا زيور ۽ ٽي معصوم پار پير جو ڳوٺ ڪلي ويو جنهن بعد بي بي خاتون جڏهن ظالم ڏير کان پرغمال بڻيل اولاد جي گهر ڪئي ته گل چند ڪيس بليڪ ميل ڪري جنسي زيادتي جو نشانو بڻايو ۽ لڳاتار جنسي زيادتي ڪندو رهيو جنهن جي شڪايت بي بي خاتون پنهنجي مائٽن کي ڪئي جن اواز اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي ته گل چند اوڏ پوليس جي معرفت ڪين چوري جا ڪوڙا الزام مڙهي حراسان ڪيو هاڻي تشدد. ظلم کان تنگ ٿي وچهه وٺي گل چند جي گهر مان پچي ماڻوت آئي اهيان. پر جوابدار ڏر ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ. قتل ڪرائڻ. سخت نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون پيا ڏين. هنن مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

[redacted] ڏوڪري / ٻار ڪري پيا

ڏوڪري پرسان ڳوٺ خير محمد جهتيال ۾ ٻه معصوم ٻارڙا 6 ورهين جو نعمان جهتيال ۽ 5 ورهين جي پسرا جهتيال راند ڪيڏي رهيا هئا ته ٻال پاڻي جي ناري ۾ ڪري پيو جنهن کي ڪڍڻ لاءِ پاڻي ۾ لهي ويا جنهن دوران ٻڏڻ لڳا ته ڳوٺاڻن معصوم ٻارڙن کي ٻڏڻ کان بچائي جان بچائي ورتي آهي معصوم ٻارڙن کي ڏوڪري اسپتال آندو ويو جتي علاج هلندڙ آهي. هوڏانهن معصوم ٻارڙن جي وارث جاويد جهتيال جو چوڻ هو ته راند ڪيڏي رهيا هئا ته ٻال پاڻي جي ناري ۾ ڪري پيو جنهن کي ڪڍڻ لاءِ پاڻي ۾ لٿا. هن وڌيڪ چيو ته پاڻي جي ناري ۾ ٻڏي رهيا هئا ته اسان ڪين ڏسي بچائي ورتو آهي ۽ ڏوڪري اسپتال علاج لاءِ ڪٺائي آيا آهيون

[redacted] احسان شيخ قتل ڪيس

مامرو پوليس واقعي جو ڪيس بي سيڪشن ٿاڻي تي داخل ڪري ڇڏيو ڊي ايس پي سٽي خيرپور فراز ميتلو جي پنهنجي ٽيم سان گڏ هنگامي پريس ڪانفرنس. ان موقعي تي ڊي ايس پي سٽي فراز ميتلو پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته خيرپور پوليس کي نوجوان احسان شيخ جي قتل واري ڪيس ۾ اهم ڪاميابي ملي آهي ته نوجوان احسان شيخ کي اغوا ڪرڻ بعد ڪيس تشدد ۽ تذليل جو نشانو بڻائي ڪيس قتل ڪيو ويو هو واقعي جو مک جوابدار ماجد ميمڻ آهي. جنهن اعتراف ڪندي چيو آهي ته مقتول احسان شيخ سالنس ناجائز لاڳاپا رکڻ لاءِ زور ڀريندو آهي ۽ ڪنهن ٻئي سان ڳهمڻ به نه ڏيندو هو جنهن تان تنگ اچي هن اهڙو قدم ڪنيو. جڏهن ته جوابدار ماجد ميمڻ سان گڏ عابد سومرو جيڪو پوليس اهلڪار آهي. سليم پلهه جيڪو درزي آهي ۽ شاهد شيخ جيڪو پٺاڻ جي چيس ڪيائيندڙ هو آهي به جوابدار آهن.

[redacted] بدائي/مظاهرو

ڳوٺن زمينن ۾ به ڪان تي فوٽ ٻهيجي ويو آهي پر انتظاميا هن وقت تائين اسان جي سار سنڀال نه لڌي آهي. اسان جو لکين روپين جو فصل به برساتي پاڻي ۾ ٻڏي ويو آهي ۽ اسان جي گهرن ۽ رستن ۾ به پاڻي بيٺل آهي. اسان ڊي سي ڪشمور کي اپيل ڪيون ٿا ته ٽيم ڪي موڪلي اسان جي ڳوٺن ۽ فصلن ۾ بيٺل برساتي پاڻي نيڪال ڪري اسان جي پريشاني ختم ڪئي وڃي. 02

[redacted] نصيرآباد/عوامي ورڪرز

گڏيل پريس بيان ۾ چيو آهي ته ارسا ايڪٽ ۾ ترميمون آئين ۽ ارڙهين ترميم جي روح جي خلاف آهن. ان بل تي ملڪ جي صدر آصف زرداري پاران دستخط ڪرڻ ۽ وري سنڌ اسيمبلي مان ان خلاف ٺهراءُ پاس ٿيڻ بڌائي رهيو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي عوام سان اڪبوٽ واري راند کيڏي رهي آهي. هڪ ته 91 واري ناهه تي سوال آهن ۽ بيو ان تي به عمل نه ٿو ٿئي. نتيجي طور سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي نه ٿو ملي ۽ ڊيلٽا تيزيءَ سان تباهي جي ور ٿو چڙهي. مٿان وري ايس آءِ ايف سي جهڙا ادارا جوڙي ۽ گرين اينشيئيٽو جهڙيون پاليسيون آڻي، سنڌ جون زمينون بي زمين هارين کي ڏيڻ بدران ڏيهي ۽ عالمي ڪارپوريٽ ادارن جي جهولي ۾ وڌيون ٿيون وڃن ۽ بيو سنڌو درياهه منجهان نوان ڪينال ڪڍي، پهرين کان پاڻي لاءِ سڪندڙ سنڌ کي وڌيڪ سڪائڻ جون سازشون ٿي رهيون آهن. تازو ارسا ايڪٽ ۾ آمرانيون ترميمون ڪري صوبن کي نمائندگي جي حق کان محروم ڪري درياهه تي قبضي جي ڪوشش ٿي رهي آهي. اڳواڻن چيو ته عوامي ورڪرز پارٽي، ڪابي ذر جي ٻين پارٽين سان گڏجي ان ڏوهه خلاف متحرڪ ٿيندي. ان ڏس ۾ حيدرآباد اندر 22 سيپٽمبر تي عوامي احتجاج ڪيو ويندو. 02

[redacted] ڪيرو/ سزا

داخل هو 3 سال اڳ ۾ نوجوان زمان بوزدار کي گوليون هڻي قتل ڪيو هو جنهن جي اڄ ٻيشي هئي جوابدار واصل بوزدار کي ايڊيشنل سيشن جج علم الدين جاتوئي فيصلو ٻڌايو ته جوابدار واصل بوزدار کي 25 سال قيد ۽ 2 لک روپيه ڏنڊ جي سزا ٻڌائي جڏهن ته غير قانوني هٿيار رکڻ جي ڪيس ۾ 7 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي جڏهن ته ڪيس ۾ عرس بوزدار تي ڏوهه ثابت نه ٿيڻ تي ڪيس باعزت بري ڪري ڇڏيو جڏهن ته جوابدار واصل بوزدار کي جيل حوالي ڪري ڇڏيو

[redacted] جوهي/ گم

پورهيت نوجوان ڇهن مهينن کان پراسرار نموني گم ٿي ويو آهي. وارثن پاران ڳولا ۾ مدد جي اپيل ڪئي وئي آهي. پورهيت نوجوان جاويد ولد محمد عرس لنڊ چار مهينا اڳ پورهيتي خاطر ڪراچي ويو جتي ٽن ڏينهن بعد سندس موبائيل بند ٿي وئي جنهن بعد سندس وارثن پاران ڪافي ڳولا جي باوجود به سندس ڏس پتو ناهي پئجي سگهيو ان سلسلي ۾ سندس

[redacted] ٺٽو/2 جوابدار گرفتار

ڪي پوليس گرفتار ڪري ورتو. مڪلي ٿاڻي تي مقتول رضوان سمون جي والد رضا محمد سمون جي فرياد تي ٻن ڄاڻل جوابدارن پيار علي بروهي ۽ علي رضا بروهي رهندڙ لڳ هاءِ اسڪول ٺٽو ۽ ٻن اڻڄاتل جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪرايو ويو آهي. جنهن ڪانپوءِ مڪلي پوليس ٻن جوابدارن پيار علي بروهي ۽ علي رضا بروهي کي گرفتار ڪري رهيل ٻن اڻڄاتل جوابدارن جي به ڳولا جاري ڪري ڇڏي آهي. آخري اطلاعن تائين رهيل به جوابدار گرفتار ٿي نه سگهيا هئا. مڪلي پوليس موجب جاچ جاري آهي. جلد رهيل ٻين جوابدارن کي ٻڻ گرفتار ڪري بيدردي سان قتل ٿي ويل رضوان سمون جي خون سان انصاف ڪرايو ويندو. 02

[redacted] عورت احتجاج

دادو (ٻر) دادو شهر جي شهباز ڪالوني جي رهواسڻ 3 ٻارن جي ماءُ شبانه برهماڻي پنهنجي امڙ چامل سان گڏجي پنهنجن/ڏسو صفحو 2 ڪالم 2

معصوم ٻارن کي هٿ ۾ وٺي پريس ڪلب پهچي وئي. شبانه برهماڻي جنهن تي مڙس پاران سخت تشدد ٿيل هو ۽ 3 معصوم ٻارڙن جي امڙ شبانه برهماڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجي شادي امتياز کوسو سان ٿيل هئي. جنهن بعد اسان جي وچ ۾ اختلاف ٿي ويا ۽ دادو جي عدالت مان خلع ورتو هاڻي آءُ پنهنجي 3 معصوم ٻارڙن سان گڏ پنهنجي امڙ چامل جي گهر رهان ٿي. منهنجي امڙ گهرن ۾ مزدوري ڪري اسان جو پيٽ پالي ٿي پر طلاق ٿيڻ جي باوجود به مڙس امتياز کوسو جيڪو نشي جو عادي آهي

[redacted] پرياسڻي/مظاهرو

سولنگي برادري جي ٻنهي ڌرين ۾ تڪرار تيز ٿي ويو ڳوٺ ۾ فائرنگ جو سلسلو هلندڙ گولي لڳڻ سبب ڳوٺاڻو مظهر سولنگي سخت زخمي ٿي ويو جنهن کي نازڪ حالت ۾ پرياسڻي اسپتال داخل ڪيو ويو جتان ڊاڪٽرن پاران طبي امداد بعد نازڪ حالت ۾ نوابشاهه اسپتال ريفر ڪيو ويو پرياسڻي ٿاڻي تي نور محمد سولنگي، اڄر سولنگي، نظام سولنگي سميت 11 ڄڻن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي. ان سلسلي ۾ ڳوٺاڻن مردن عورتن جو معصوم ٻارڙن سميت احتجاج ڪندي ٻڌايو ته 10 ڏينهن اڳ مخالف ڌر جا ماڻهو اسان جي ڳوٺ مٿان هٿيارن جي زور تي هلان ڪري شادي شده ناري بختاور سولنگي کي اغوا ڪري کڻي ويا، اهڙي واقعي جو ڪيس پرياسڻي ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو ان باوجود پرياسڻي پوليس جوابدار گرفتار ناهن ڪيا. خونريزي ٿيڻ جو خدشو آهي. هنن ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهرو فيروز ڊي ايس پي پرياسڻي ۽ شيشن جج نوشهرو فيروز سميت وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور نوٽيس وٺي جوابدار گرفتار ڪري اغوا ٿيل ناري بازياب ڪرائي وڃي. 02

[redacted] ميهڙ/تعريبازي

خاتون، شبيران خاتون، صغري خاتون، خادم حسين، روشن لاشاري ۽ ٻين نيشنل پريس ڪلب ميهڙ پهچي احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته 3 ڏينهن پهرين ميهڙ پوليس ۽ ڪجهه سول ڪپڙن ۾ ملبوس ماڻهن ميهڙ جي سينڊل مهيسر روڊ تان اسان جي نوجوان کي شڪي جوابدار طور گرفتار ڪري وٺي هئي پوليس اسان جي نوجوان فيض محمد لاشاري کي گرفتار ڪرڻ بعد گم ڪري ڇڏيو آهي ۽ اسان کي ڪجهه ٻڌائڻ لاءِ تيار ناهي اسان جانچ ڪري ۽ ٿاڻي جا چڪر ڪاٽي ٿڪجي پيا آهيون پر پوليس اسان جي نوجوان بابت ڪجهه به نه ٻڌي ٻڌائي هنن چيو ته جيڪڏهن اسان جي نوجوان جو ڪو ڏوهه، ڪيس وغيره يا ڪو الزام آهي ته ڪيس عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي. هنن خدشو ڏيکاريندي چيو ته اسان کي شڪ آهي ته پوليس نوجوان کي ڪوڙي مقابلي ۾ ماري ڇڏيندي. هنن چيف جسٽس سنڌ ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته پوليس هٿان گرفتاري بعد گم ڪيل نوجوان کي آزاد ڪيو وڃي ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي. 02

[redacted] پنوعاقل/ٻڏي فوت

ويو وارثن پنهنجي مدد پاڻ تحت ڳولا بعد نينگر کي واهه مان ڪڍي مقامي اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن پاران فوت ٿيڻ جي تصديق بعد لاش کي وارث گهر کڻائي ويا لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. 02

[redacted] لاش هٿ

عورت جا سي سي ٽي وي فوٽيجز هٿ ڪيا ويا، معصوم ٻار کي زائرينن لاوارث حالت ۾ پيل ڏسي پوليس کي اطلاع ڏنو اوقاف ملازمن ۽ پوليس پهچي تازي ڄاول ٻارڙي کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو ڳولا باوجود ٻار جو ڪو وارث ۽ اها عورت هٿ اچي نه سگهي آهي. درگاهه تي لڳل سي سي ٽي وي ڪئميرائن مان ٻار کي درگاهه ۾ ڪڻي داخل ٿيندڙ عورت جا فوٽيجز به هٿ ملي ويا. ٻار جو ڪو وارث نه مليو ته جنهن کي ايڌي سينٽر حوالي ڪيو ويو

[redacted] گهوٽڪي/2 وارداتون

جي ڏيوري روڊ تان ڏينهن ڏٺي جو عبدالرحمان ولد ذوالفقار سميجو ۽ ٽنڊو قائڪ وٽان نوجوان توحيد ڪولاچي مٿان هٿياربند تشدد ڪري روڪ رقم موبائل فون هٿيارن جي زور تي ڦر ڪري فرار ٿي ويا. اهڙو اطلاع اي سيڪشن ٿاڻي تي ڪيو ويو پوليس ڦورن خلاف ڪابه ڪارروائي نه ڪئي. شهر ۾ وڌندڙ بدامني سبب شهري پريشاني جو شڪار بڻيل آهن. اي سيڪشن ٿاڻي گهوٽڪي جو ايس ايڇ بدلي ٿيڻ بعد اڃا تائين ڪو نئون ايس ايڇ مقرر نه ٿي سگهيو آهي. بغير ايس ايڇ او جي اي سيڪشن ٿاڻو ڪيترن ڏينهن کان منشي ۽ پوليس اهلڪار هلائي رهيا آهن. 02

[redacted] اباڙ پليجو

شهرن ڪان وٺي ڳوٺن تائين منشيات فروشن جي نيٽورڪ ڪي مضبوط ڪيو ويو آهي. سچي سنڌ ۾ وزيرن. اين پي اين. ايم اين اين. سردارن ۽ وڏيرن جي مرضي جا

[redacted] شتر بند هڙتال

جي وقار ملڪ، ديشي اعجاز ملڪ، صادق تنداني، منصور ملڪ جي اڳواڻي ۾ ٽڪنل ريلي ۾ ايس ٽي پي جي ضلعي صدر اڪرم باجڪاڻي، جيوڻ سبزوئي، غلام حسين، شاهد ملڪ، ايس يو پي جي رحمدل لاشاري، استاد اڳواڻ نياز کوسو نور خان بکراڻي، عبدالله باجڪاڻي، حافظ محمد يعقوب لاشاري، اصغر ڏاهاڻي ۽ ٻين سياسي سماجي اڳواڻن شهرين، صحافين شرڪت ڪري ريلي ڪڍي. شهر جي ريلوي لائين، ملڪ مارڪيٽ، اسد مارڪيٽ، رهبر چوڪ سميت چوڪ چوراهن جو گشت ڪندي وين ٽرمينل تي ڌرڻو هنيو ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته هر روز چوريون، ڦرلٽ، اغوا ۽ ڀتا وصولي معمول بڻيل آهي. پوليس چوڪين مٿان ڌاڙيل ڪاهه ڪري اهلڪارن کي شهيد ڪن ٿا. چونڊيل نمائندن جي ٻي حسي جو الميو آهي ته شهيدن جي تڏي تي به لڙي نه آيا. بدامني سبب شهر شام ٿيندي ويران ٿيو وڃي ٿو صوبائي توڙي وفاقي حڪومت ڪان گهر ڪئي ته عام شريف شهرين توڙي ڳوٺاڻن کي تحفظ فراهم ڪري رليف ڏنو وڃي.

[redacted] ٺٽو/ٻچايو ويو

ٻڏي ويون. جن مان هڪ نياڻي مسڪان ڏيءُ بهرام جاکرو ٻڏي فوت ٿي ويئي، جڏهن ٻئي نينگري شاهده ڏيءُ شريف جاکرو کي ٿيم بيهوشي واري حالت ۾ پاڻي مان ڪڍي سول اسپتال مڪلي پهچايو ويو آهي. جتي سندس علاج جاري آهي. ٻئي طرف ٻڏي ويل نياڻي مسڪان جو ٻڻ لاش پاڻي مان ڪڍي گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ڪيس اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي

[redacted] پيرو لاشاري/ پاڻي نه نڪتو

عذاب واري زندگي گذارڻ تي مجبور بڻيل، پوسي پيرولاشاري جي ديهه ولهار، ديهه پتارو، ديهه شورڪي جي ڳوٺن ڳوٺ ماوو ڪولهي، ڳوٺ محرم عمراڻي، ڳوٺ زوبير اوٺو سميت ٻين ڪيترن ئي ڳوٺن جا پيرولاشاري، ٺلهار، ٽنڊو باگو سميت ٻين شهرن سان زميني رابطا ڪٽيل آهن. جڏهن ته گهرن اندر برسات جو گندو پاڻي ڪافي ڏينهن بيهڻ ڪري مڇرن جو آزار وڌي ويو آهي. اسڪول تي ٻارن جو اچڻ جو تعداد گهٽ ٿي ويو ڳوٺاڻن مولوي سائين تاج محمد سنبان، خوشي عمراڻي، جملعو ڪولهي، ابراهيم ملاح ۽ ٻين عوامي آواز کي ٻڌايو ته برسات کي ڪافي ڏينهن گذري وڃڻ باوجود به اسان جي گهرن ۽ رستن تي بيٺل پاڻي نيڪال نه ڪرائي ڏنو ويو آهي. اسان جو تيار ٿيل ساريالي فصل سميت اسان جا ڳوٺ پاڻي ۾ ٻڏل آهن. ڪنهن به چونڊيل نمائندي اسان جي سار ناهي لڌي. هنن ٻڌايو ته گندو پاڻي گهڻا ڏينهن بيهڻ ڪري مختلف بيمارين مليريا، الٽي، جلاب، گيسٽرو، پيٽ جو سور ۽ ٻيون بيماريون ٿيڻ لڳيون آهين. جنهن سبب پريشاني واري زندگي گذاري رهيا آهيون. هنن ايم پي اي مير الله بخش ٽالپر، ايم اين مير غلام علي ٽالپر يوسي چيئرمين سائين امام علي شاهه ڊي سي بدين ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪندي چيو ته اسان جا ڳوٺ سروي ڪرائي ڳوٺن مان برساتي پاڻي نيڪال ڪرائي مچرمار اسپري ڪرايو وڃي.

[redacted] ميهڙ/ ٻار ٻڏي ويو

واسين تن ڄڻن کي بچائي ورتو ۽ هڪ ڄڻو 14 ورهين جو نينگر اسدالله پٽ ذوالفقار علي لاڪير بوڏ جي پاڻيءَ ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو آهي پوليس ۽ وارثن موجب ته ڪچي جي علائقي پنڊ ماڙيءَ ۾ آيل درياءَ جي ٻوڏ واري پاڻي ۾ وهندڙ واهڙ ۾ علائقي جا چار ٻار وهنجي رهيا هئا ته پاڻي وڌو هئڻ سبب ٻارڙا ٻڏڻ لڳا اطلاع تي علائقي واسين پهچي تن ٻارڙن کي بچائي ورتو ۽ 14 ورهين جو نوجوان اسدالله لاڪير ٻڏي ويو جڏهن ته اڌ ڪلاڪ ڳولها بعد نوجوان کي بيهوشي واري حالت ۾ ٻاهر ڪڍي مقامي اسپتال پهچايو جتي ڊاڪٽرن نوجوان جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي آهي هوڏانهن فوتي نوجوان جو لاش گهر پهچڻ بعد گهر ۾ روڄ راڙو مچي ويو ۽ ڳوٺ ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانئجي ويو آهي.

[redacted] ٺٽو/مظاهرو

چيو ته 4 سيپٽمبر تي پاءُ امير بخش شورو جو لاش ڪراچي پوليس کي بحريا ٽائون ڪراچي وٽان مليو هو جنهن لاوارث ڄاڻائي لاش ايڌي وارن حوالي ڪري ڇڏيو جن لاش مواچ ڳوٺ ڪراچي واري قبرستان ۾ دفنائي ڇڏيو اطلاع ملڻ تي اسان گڏاپ سٽي ٿاڻي تي پهچي پوليس کي سموري صورتحال کان واقف ڪري ڪائنس به ڄاڻ حاصل ڪري منهنجي پاءُ سومار شورو جي مدعيت تحت ڪيس اڻڄاتل ماڻهن تي گڏاپ سٽي ٿاڻي تي داخل ڪرايو پر هاڻي اسان سموري جاچ ڪرائي آهي ته منهنجي پاءُ جي قتل ۾ اتان جا رهواسي الهبخش پڪٽي ۽ ساجد پالاري شامل آهن جن ظلم ڪري پاءُ کي بيگناهه بيدردي سان قتل ڪري اسان جو گهر اجاڙي ڇڏيو آهي. هن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، آءِ جي سنڌ. ايس ايس پي ملير. ايس ايڇ او گڏاپ ٽائون کان مطالبو ڪيو ته سائين انصاف ڪري سندس پاءُ جي قاتلن کي گرفتار ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪرڻ سان گڏ انصاف لاءِ عدالت ۾ ويندا سين. 02

[redacted] شهدادڪوٽ/ احتجاج

ڪلب پهچي احتجاج ڪيو آهي ڳوٺاڻن صدورو کوسو شاهنواز کوسو مسمات پٺاڻي، مسمات عجيبان ۽ ٻين ڏانهيو ته قبو سعيد خان ٿاڻي جي ايس ايڇ او مختيار مگسي اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي جنهن اسان جي مخالفن کان لکين روپيا وٺي اسان مٿان ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪري وڌيڪ سخت نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏيئي رهيو آهي. هنن چيو ته ايس ايڇ او اسان جي شهر ۾ اچڻ تي به پابندي هڻي ڇڏي آهي ۽ اچڻ جي صورت ۾ وڌيڪ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جون به ڌمڪيون ڏيئي رهيو آهي هنن آءِ جي سنڌ. ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ کان مطالبو ڪيو ته ايس ايڇ او مختيار مگسي جي ناانصافين جو نوٽيس وٺي

[redacted] ڪڪڙ/احتجاج

احتجاج ڪندي روئيندي دانهيندي ٻڌايو ته مان ڳوٺ جي پلاٽ تي گذريل 32 سالن ڪان ويٺل ۽ گهر اڏيل آهي. جنهن تي ڳوٺ جي وڏيري محمد هاشم ابڙو پنهنجن سائين جي مدد سان زبردستي طور مبينا گهر خالي ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي. جنهن گهر ٻاهران مونکي مسجد جو تعميراتي ڪم روڪيو آهي ۽ ڌمڪيون ڏئي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري مون کي حراسان پريشان ڪيو پيو وڃي. مون غريب مسڪين جو وڏيري جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي مان ايس ايس پي دادو توڙي وس وارن کان مطالبو ڪيان ٿو ته وڏيري جي ڪيل ظلم خلاف ڪارروائي ڪري ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي. 02

[redacted] مبارڪپور/منتقل

جهان شاهه راجا ڪونهارو ۽ راشد علي اوٺو ڪي جمن شاهه واري علائقي مان گرفتار ڪري نبي بخش ڪٽو جي فرياد تي تنهي جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪري اڻڄاتل هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو ياد رهي ته 2 ڏينهن پهريان خان ڪٽو جي رهواسي نبي بخش ڪٽو ڪان مبارڪپور ٿاڻي جي بيگاري پڪٽ لڳ هٿياربند موٽرسائيڪل، موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦري فرار ٿي رهيا هئا ته ڳوٺاڻن ۽ پوليس

ملڪ ۾ مقامي حڪومتن ۽ جمهوريت کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ نئون منصوبو شروع

هي پروگرام آگسٽ 2024 کان جون 2025 تائين ملڪ جي وڏن شهرن ۾ جاري رهندو

سنڌ اسيمبلي جي اپوزيشن ليڊر سان ليگل رائٽس فورم جي سي اي او جي پهرين گڏجاڻي

ڪراچي (پ ر) سموري ملڪ ۾ مقامي حڪومتن ۽ جمهوريت کي مستحڪم ڪرڻ جي لاءِ هڪ نئون منصوبو شروع ڪيو ويو آهي . جنهن جو نالو ايس ايل جي بي ڊي آهي . هن پروجيڪٽ کي ليگل رائيٽس فورم، آواز سي ڊي اي ۽ پاڪستان ڊولپمينٽ الائنس ملي ڪري سموري ملڪ ۾ لاڳو ڪيو آهي . هي پروگرام آگسٽ 2024 کان جون 2025 تائين اسلام آباد ،لاهور ،پشاور ، ڪوئيٽا ۽ ڪراچي ۾ جاري رهندو . پروگرام جي حوالي سان گڏجاڻين جو سلسلو جاري آهي . پهرين گڏجاڻي سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر علي خورشيدي سان ليگل رائٽس فورم جي سي اي او طاهر ملڪ ۽ پروگرام مينيجر شرين اعجاز جي وچ ۾ ٿي . گڏجاڻي ۾ پروجيڪٽ کي بهتر بڻائڻ ۽ موثر عملدرآمد جي لاءِ مختلف تجويزن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي .

گهوٽڪي ضلعي چيئرمين ناراض ميمبرن جا جائز مطالبا مڃي ورتا

بنگل خان مهر احتجاج ڪندڙ 20 کان وڌيڪ ناراض ميمبرن کي سڏائي ورتو

آفتاب مزاري، منير چاچڙ ۽ ٻين کي خاطري، اجلاس 13 سيپٽمبر تي طلب

ميرپورماٿيلو (رپورٽ : خالد وسيم) گهوٽڪي ضلعي چيئرمين جي ناراض ميمبرن سان ملاقات، سندن جائز مطالبا مڃي ورتا. سيپٽمبر تي ضلعي ڪائونسل جو بجيٽ اجلاس طلب ڪيو ويو. ٻه ڏينهن اڳ ميرپورماٿيلو ۾ ضلعي ڪائونسل گهوٽڪي جو بجيٽ اجلاس چيئرمين بنگل خان مهر جي صدارت ۾ ٿيو. اجلاس دوران ڪائونسل جي ميمبرن فنڊ نه ملڻ خلاف احتجاج طور بجيٽ جون ڪاپيون ڦاڙي ڇڏيون ۽ احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو ميمبرن جي اهڙي احتجاج بعد بجيٽ پاس نه ٿي سگهي. اجلاس چيئرمين ملتوي ڪري ڇڏيو جنهن بعد اڄ ضلعي ڪائونسل هال ۾ ضلعي چيئرمين بنگل خان مهر احتجاج ڪندڙ 20 کان وڌيڪ ناراض ميمبرن کي سڏائي سائن ڳالهيون ڪيون ۽ ڪين جائز مسئلا پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي. جنهن بعد ضلعي ڪائونسل جي 20 کان وڌيڪ ميمبرن آفتاب خان مزاري، منير چاچڙ، علي مراد چاچڙ، لالا زمان شر، ڪوڙو خان ۽ ٻين جائز مطالبا پيش ڪيا. جنهن تي ضلعي چيئرمين پاران ڪين سندن جائز مسئلا حل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي. جنهن بعد ضلعي ڪائونسل ميمبرن احتجاج ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ بجيٽ جي ايندڙ اجلاس ۾ حمايت جو اعلان ڪيو. جنهن بعد ضلعي ڪائونسل گهوٽڪي جو بجيٽ اجلاس 13 سيپٽمبر تي طلب ڪيو ويو آهي.

حيدرآباد ۾ بااثر ملازم خلاف وڪيل جو احتجاج، انصاف جي گهر

قاسم آباد جي رهواسي ايڊووڪيٽ زاهد علي ڪانڊڙو ۽ پيا پريس ڪلب پهتا

انچارج انڪروچمينٽ سيل خلاف سخت محڪماڻي ڪارروائي ڪئي وڃي: وڪيل

حيدرآباد(رپورٽر) قاسم آباد جي رهواسي ايڊووڪيٽ زاهد علي ڪانڊڙو حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ساٿي وڪيلن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن ۾ 16 گريڊ جي ملازم رشيده بانو 18 گريڊ جي پوسٽ انچارج انڪروچمينٽ سيل مقرر ٿيل آهي. سنڌس درخواست تي اينٽي ڪريشن ڪورٽ رشيده بانو کي اڄ پيش ٿيڻ جا نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن. هن الزام هڻندي چيو ته انچارج اينڪروچمينٽ سيل منهنجي دڪان واقع آٽوپان روڊ تي ڇاپو هڻي منهنجي ملازم کي ڊيڄاري ۽ ڌمڪائي 15 هزار رپيا ڏنڊ طور وصول ڪري ورتي آهي. جنهن جي ڪا به رسيد يا چالان ڪاپي به نه ڏني وئي. جنهن مان صاف ظاهر ٿي رهيو آهي ته رشيده بانو انڪروچمينٽ ختم ڪرائڻ جي آڙ ۾ شهر ۾ رشوت جي بازار گرم ڪري رکي آهي. هن وس وارن کان گهر ڪئي ته انچارج انڪروچمينٽ سيل رشيده بانو خلاف سخت محڪماڻي ڪارروائي ڪري ڪيس نوڪري تان فوري هٽايو وڃي. 17

اڏيرو لعل ۾ ڳوٺاڻن جو استادن جي کوٽ خلاف احتجاج

اوڏيرولال (ن ع آ) اوڏيرولال ۾ ڳوٺاڻن ۽ شاگردن جو تعليم کاتي متياري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ڳوٺ نوبت مري ۾ ڳوٺاڻن ۽ شاگردن استادن جي کوٽ ۽ زبون حال عمار خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي مجيد خاصخيلي، پورو خاصخيلي، اشرف خاصخيلي، اڪرم خاصخيلي، الطاف خاصخيلي، غلام مصطفي خاصخيلي، جمن خاصخيلي، غلام نبي خاصخيلي، خالد خاصخيلي، ملوڪ خاصخيلي ۽ ٻين ڏانهيو آهي ته گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول نوبت مري ۾ استادن جي کوٽ سان گڏ اسڪول جي عمارت پڻ زبون بڻيل آهي جنهن ڪري سوين شاگردن جون زندگيون داءُ تي لڳي چڪيون آهن ۽ تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي. هنن ٻڌايو ته ڪوڙ ڀيرا تعليم کاتي متياري جي آفيسرن کي شڪايتون ڪيون ويون آهن. پر ڪير ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي. هنن تعليم واري صوبائي وزير ۽ سيڪريٽري تعليم کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي اسڪول ۾ استاد مقرر ڪري عمارت نئين سر تعمير ڪرائي وڃي.

ربيع الاول جي حوالي سان عيد ميلاد نبي صہ، شاندار ريلي

سيٺارجا (ن ع آ) سموري دنيا جيان سيٺارجا ۾ به ربيع الاول جشن ولادت عيد ميلاد نبي صلي الله عليه وسلم وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو پيو وڃي سيٺارجا پرسان ڳوٺ محمد صادق ڪبر جامعه غوثيه مسجد مان جماعت اهلسنت صدام حسين، بهادر علي، محمد بچل ڪبر پاران ٻنهي جهانن جي سردار غمگين جي يار محبوب خدا حضرت محمد مصطفي صلي الله عليه وسلم جن جي آمد مبارڪ جي خوشي ۾ هڪ شاندار ريلي ڪڍي وئي.

سکر ۾ 12 ربيع الاول جي حوالي سان اجلاس، سيڪيورٽي سخت ڪرڻ جو فيصلو

سکر (رپورٽر) ايس ايس پي سکر امجد احمد شيخ جي صدارت هيٺ 12 ربيع الاول جشن عيد ميلاد النبي جي حوالي سان اهم اجلاس ٿيو اجلاس ۾ سڄي ضلعي مان عالمن ۽ مذهبي جماعتن جي نمائندن شرڪت ڪئي. اجلاس جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي وئي. جنهن ڪانپوءِ ايس ايس پي سکر امجد احمد شيخ چيو ته ربيع الاول جي مهيني ۾ امن امان جي حوالي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ايس ايس پي سکر عيد ميلاد النبي صلي الله عليه وآله وسلم جي سلسلي ۾ منعقد ٿيندڙ جلسن ۽ جلوسن جي سيڪيورٽي جا ڀرپور انتظام ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو

ٽنڊوآدم ۾ چور گهر ٻهاري ويا، متاثرن جو مظاهرو

ٽنڊو آدم (ن ع آ) ٽنڊي آدم جي سٽي ٿاڻي جي حد چانڊيا ڪالوني مان نامعلوم چور گهر جا تالا ٽوڙي گهر اندر پيل فرج، ٻه ايل سي ڊي، ٻه عدد بيٽريون، اسٽيبلائيزر، ڇت جا پنکا، 28 هزار روپيا روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا. متاثر گهر جي مالڪياڻي مسمات زهرا زال فياض شيخ عوامي پريس ڪلب ٽنڊو آدم ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته هفتا اڳ ٻن پوليس اهلڪارن پاران منشيات جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو جنهن جي ضمانت ڪرائڻ ڪانپوءِ 15 ڏينهن بعد گهر پهتس ته گهر جي چوري ٿيل هئي. جنهن جو فرياد سٽي ٿاڻي تي ڪئي ويس پر پوليس مونکي ڪوڙو ۽ ٻونگي قرار ڏئي موٽائي ڇڏيو. منهنجي پوليس ڪابه مدد نٿي ڪري. هن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته منهنجو ڪيس داخل ڪيو وڃي.

ڪراچي جي علائقي سکڻ ۾ بدامني خلاف ٿاڻي آڏو مظاهرو

ملير (ڊ ر) سکڻ ٿاڻي جي علائقي ۾ بدامني ۽ ڦرن جي وارداتن ۾ واڌ خلاف علائقي واسي پاران سکڻ ٿاڻي آڏو احتجاجي مظاهرو، پوليس خلاف نعريبازي ڪئي وئي، احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي مظاهرين چيو ته پينس ڪالوني، ريڙهي ڳوٺ ۽ ٻين علائقن مان ڦرن جون وارداتون روزانو جو معمول بڻجي ويون آهن جنهن کي پوليس ڪنٽرول ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام بڻجي وئي آهي. پوليس ڏوهارين خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران علائقي ۾ ڀتا خوري ڪندي گٽڪو ماٿو هلائيندڙ جي سرپرستي ۽ ڪين شيلٽر ڏيڻ ۾ مصروف آهي جڏهن ته مقامي پوليس ڏوهارين خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران متاثرين کان درخواست وٺي ردي جي ٽوڪري ۾ ڦٽو ڪري ٿي. هنن چيو ته علائقي کي ڏوهارين جي رحم و ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي. اسان جو ايس ايس پي ملير کان مطالبو آهي ته ڏوهارين جي سرپرستي ڪندڙ سکڻ پوليس عملدارن خلاف ڪارروائي ڪري علائقي مان بدامني ختم ڪرائي وڃي. 02

پريالوءِ ۾ ڳوٺاڻن جو ٽائون چيئرمين خلاف احتجاج

سيد محمد آفاق شاهه پريس ڪلب پهچي جمن شاهه خلاف دانهيو

چيئرمين مون کي گذريل ٽن مهينن کان پگهارون ناهن ڏنيون: آفاق شاهه

پريالوءِ (ن ع آ) پريالوءِ جي رهواسي سيد محمد آفاق شاهه پريس ڪلب پريالوءِ پهچي ٽائون چيئرمين جمن شاهه خلاف ميڊيا آڏو احتجاج ڪندي دانهيون آهي ته ڪجهه مهينا اڳ ٽائون چيئرمين جمن شاهه پاران عوام جي سهولت لاءِ ايمرجنسي ڊسپينسري جو افتتاح ڪيو ويو جنهن ۾ مون کي بطور ڊسپينسر نائيٽ ڊيوٽي تي مقرر ڪيو ويو آهي. پر چيئرمين مون کي گذريل ٽن مهينن کان پگهارون نه ڏنيون آهن. جنهن جي ڪري مان پنهنجي گهر جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ سخت پريشان آهيان.هن چيو ته مان ڪيترائي ڀيرا ٽائون چيئرمين جمن شاهه وٽ پگهارون وٺڻ لاءِ ويو آهيان. پر چيئرمين رڳو ٿلها آسرا ڏئي خالي هٿين واپس موٽائي ڇڏي ٿو پ پ ايم اين اي سيد جاويد علي جيلاڻي، ضلعي صدر نواب علي خان وسان ۽ ٻين پگهارون ڏيارين.

پرياسڻي جي سيني وارڊن ۾ ترقياتي ڪم جاري آهن: ٽائون چيئرمين

شهرين سان اٽوٽ رشتو آهي، هميشه قائم رهندو. اسين سڀ هڪ گهرياڻي مثل آهيون

شهرين کي بنيادي سهولتن جي فراهمي کان پوئتي نه هٽنداسين: سيد نور محمد شاهه

پرياسڻي (ن ع آ) پرياسڻي جي وارڊ نمبر 3 جي ڇنا برادري پاران چيئرمين ٽائون ڪاميٽي پريا سيد نورمحمد شاهه جي مان آجياڻي تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن شهرين، صحافين وائيس چيئرمين ٽائون ڪاميٽي پريا راڻو صغير احمد راجپوت، سيد ڪاظم علي شاهه، عبدالمجيد ڪيريو، راڻا شير محمد، الاهي بخش ڇنا، عاشق علي ڀٽي سميت ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب کي چيئرمين ٽائون ڪاميٽي پرياسڻي سيد نورمحمد شاهه خطاب ڪندي چيو ته شهرين سان اسان جو اٽوٽ رشتو آهي جيڪو هميشه قائم رهندو اسين سڀ هڪ گهر ڀاتي مثل آهيون. اسان جي خاندان هميشه اوهان جي ۽ علائقي واسين جي ڀرپور خدمت ڪئي آهي ۽ اڳتي به خدمت جو سلسلو جاري رهندو پرياسڻي جي سيني وارڊن ۾ ترقياتي ڪم جاري آهن. هر گهٽي ۾ ڊرينج ۽ پيور بلاڪ جو ڪم ٿي چڪو آهي. سولر لائيٽ جو ڪم پڻ هلندڙ آهي ۽ انشاالله شهرين کي بنيادي سهولتون مهيا ڪرڻ ۾ ڪڏهن به پوئتي نه هٽنداسين. تازين برساتن دوران شهر مان بروقت پاڻي ڪڍي شهر کي صاف سٿرو رکيو ويو انشاالله تمام جلد عيدگاهه جو ڪم ڪرائي ان ۾ نمازين لاءِ بهتر سهولتون فراهم ڪيون وينديون. 02

سرڪاري ملازمت ۾ بدلين ۽ مقررين معمول جو حصو هونديون آهن

اڳوڻو اين ايڇ اي ڊائريڪٽر

،سرڪاري ملازم جتي به ڪم ڪري ايمانداري ، نيڪ نيتي ۽ جذبي سان ڪري : سهيل آفتاب

اين ايڇ اي جي سڏ سماءُ ڪاتي طرفان سنڌس اعزاز ۾ ڊنل مانجهاندي ۾ شرڪت ڪندڙن سان ڳالهيون

لطيف آباد (پ ر) نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جي سڏ سماءُ واري ڪاتي جي اڳوڻي ڊائريڪٽر سهيل آفتاب چيو آهي ته مقررين ۽ بدلين سرڪاري ملازمت ۾ معمول جو حصو هونديون آهن . تنهنڪري سرڪاري ملازمن جو فرض آهي ته هو جتي به ڪم ڪن پوري ايمانداري، نيڪ نيتي ۽ نيڪ جذبي سان ڪن. سڏ سماءُ وارو کاتو ڪنهن به اداري جو چهرو هوندو آهي . اهڙن خيالن جو اظهار هن اين ايڇ اي جي سڏ سماءُ واري ڪاتي جي عملي طرفان سنڌس اعزاز ۾ ڊنل مانجهاندي ۾ شرڪت ڪندڙن سان ڳالهائيندي ڪيو ان موقعي تي اين ايڇ اي جي ميمبر ايڊمنسٽريشن منصور اعظم سهيل آفتاب جي خدمت ۾ يادگاري شيلڊ پڻ پيش ڪئي . هن چيو ته اين ايڇ اي جي سڏ سماءُ واري ڪاتي ۾ هن اين ايڇ اي جي اميج ۽ مثبت چهري کي اجاگر ڪرڻ ۾ بي مثال ڪردار ادا ڪيو آئي .

اسلام ڪوٽ ۾ بينظير جي پئسن مان ڪٽوتي، عورتن جو احتجاج

مستحق عورتن جمنا ،ڊيلي،فاطمه،امرو ۽ ٻين جون صحافين اڳيان دانهون

وظيفي جي قسط مان ڪٽوتي ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي: متاثر عورتون

اسلام ڪوٽ(ت.ر) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت مستحق عورتن لاءِ آيل وظيفي واري قسط لاءِ جيز ڪيش نيٽ ورڪ فرنچائيز پاران قائم ڪيل اسلام ڪوٽ ۽ ڳوٺ وڪڙيو ۾ سينٽر تي ڊوائيز هولڊرن پاران مقرر انتظاميه جي روبرو وظيفي واري قسط مان مبينا 1000 کان 1500 تائين جي ڪٽوتي ڪئي پئي وڃي.انهي سلسلي ۾ مستحق عورتن جمنا،ڊيلي،فاطمه،امرو ۽ ٻين دانهيندي چيو ته اسلام ڪوٽ سينٽر تي ڊوائيز هولڊر 1000 کان 15000 روپيه سري عام ڪٽوتي ڪري رهيا آهن پوليس ۽ بي آءِ ايس پي جا عملدار ويٺا آهن پر ڪير به انهن کي روڪي نٿو جيڪڏهن ڪا عورت اعتراض ڪري ٿي ته ان کي لوڏي ٻاهر ڪڍيو وڃي ٿو جڏهن ته سينٽر تي ٽڪي جي سهوليت نه آهي پيئڻ جي پاڻي لاءِ به پريشان آهيون چيو وڃي ٿو قائم ٿيل سينٽرن لاءِ وڏي بجيٽ جاري ٿي آهي پر فرنچائيز انچارج ملر پڳٽ ڪري هڙپ ڪري ڇڏي آهي سينٽر تي ڪي به سهوليتون نه ڏنيون آهن.متاثر عورتن گهر ڪئي آهي ڊي سي ٿرپارڪر ۽ ايس ايس پي ماملي کو نوٽيس وٺي وظيفي جي قسط مان ڪٽوتي ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

موجب ڪوٽڏيجي ٿاڻي جي حد ۾ گذريل ڏينهن پراڻي نيشنل هاءِ وي حسين آباد اسٽاپ وٽان ڪوٽڏيجي پوليس جي تحويل مان قيدي اعجاز چانڊيو هٿڪڙين سميت فرار ٿيڻ واري واقعي جو ايس ايس پي خيرپور سميع الله سومرو سختي سان نوٽيس وٺندي قيدي اعجاز چانڊيو کي هڪ پرائيويٽ ڪار ۾ کڻي ويندڙ اي او مشتاق بگٽي مٿان ڊيوٽي ۾ غفلت ڪرڻ تي سرڪار مدعيت ۾ ڪوٽڏيجي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ته گذريل ڏينهن مختلف ڏوهن ۾ ملوث جوابدار اعجاز چانڊيو جي عدالتي رماند پورو ٿيڻ بعد جاچ آفيسر مشتاق بگٽي هڪ خانگي ڪار ۾ ڪڻي جيل ڪسٽيڊي ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو هو ته حسين آباد اسٽاپ وٽ اسپيڊ بريڪر اچڻ ڪري جوابدار قيدي اعجاز چانڊيو پوليس کي چڪمو ڏئي هٿڪڙين سميت فرار ٿي ويو هو جڏهن ته پوليس تحويل ۾ فرار ٿيل جوابدار اعجاز چانڊيو کي پوليس گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي.

تالي ۾ برساتي پاڻي رکڻ سبب شهر ٻڏي رهيو آهي. پٽيشنر موجب نالي تان رهائشي منصوبا ڊي سي شهيد بينظيرآباد پاران ختم ڪيا ويا هئا پر بااثر ان تي عدالت مان اسٽي ورتو اسان جي درخواست آهي ته اسٽي ختم ڪري ڊپٽي ڪمشنر جي حڪمن تي عملدرآمد ڪرايو وڃي. عدالت دليل ٻڌڻ بعد ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي 4 هفتن جواب طلب ڪري ورتو 02

[redacted] سيراڻي/احتجاج

ويا ۽ 30 گهر جزوي طور تي متاثر ٿيا، جنهن سبب پورهيتن جون 9 ٻڪريون ۽ هڪ مينهن مري ويون. ڳوٺ ٻاهران وارو داخلي رستو برسات سبب ٽٽڻ ڪري 200 فوٽن جو گهارو لڳي ويو جنهن کي ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪٽا ڀري بند گهاري لڳڻ ڪري ڪيترائي ٿي فصل ساريون ٿيون تماٽا گجر پاڻي ۾ ٻڏي سڙي ويا ڳوٺاڻن ۾ منظور ملاح، خادم ملاح، ستار ملاح، حنان ملاح، شيرمحمد ملاح، رياض ملاح ۽ ابراهيم ملاح ميڊيا سان ڳالهائيندي ۽ احتجاج ڪندي چيو ته هيلوڪين برساتن ۾ اسان جو وڏو نقصان ٿيو آهي جنهن اسان غريبن جا ڪچا گهر ڪري پيا ڪيترائي گهر جزوي طور متاثر ٿيا آهين جيڪي گهر 2022 جي ٻوڏ ۾ لڪجي ويا هئا انهن جا پئسا اڃا ناهن مليا. مٿان وري برسات اسان جا رهيل گهر به ڪيرائي ڇڏيا گهر ڪرڻ سبب اسان جا ٻه ماڻهو زخمي ٿيا آهن هڪ شخص بيمار رستو نه هجڻ سبب تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو. اسان ان کي اسپتال نه پهچائي سگهياسين اسان جي ڳوٺن کان پري هڪ سرڪاري اسپتال آهي جتي سدائين دوائن جي کوٽ هوندي آهي ڳوٺاڻن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته اسان جا پوڪيل فصل ٻڏي سڙهي ويا ليڪن ڪنهن به اسان جي واهر نه ڪئي آهي اسان جا ڳوٺ 200 گهرن تي مشتمل آهين اسان وٽ زندگي جي ڪابه سهولت ناهي اسان جي ڳوٺن ۾ 250 ڪان مٿي ٻار آهن جن لاءِ اسڪول ناهي جيڪي دربدر ٿي مال چاري رهيا آهن اسان وٽ پاڻي پيئڻ لاءِ سرڪار طرفان ڪوبه واٽر سپلاءِ ڏنل ناهي اسان پوليو جا ڦڙا پيئارڻ جو به بائيڪاٽ ڪيو آهي.

[redacted] لاڙڪاڻو/ وليد احتجاج

ڪيل ٻن نوجوانن جي آزادي لاءِ قائد عوام پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

چڏي آهي ۽ ڪاميٽي ٽن ڏينهن اندر رپورٽ ڊي ايڇ او خيرپور آفيس ۾ ڏيڻ هدايت ڪئي وئي آهي. صحت کاتي جي جوڙيل جاچ ڪاميٽي جي تعلقي هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر عبدالرحمان ميمڻ ٻڌايو ته سياٽي ڳوٺ محمد خان جاتوئي ۽ ڳوٺ نيڪ محمد جاتوئي ۾ وڃي ڪري جاچ ڪنداسين ته ڇيڪيريا بيماري ڪيترن ٻارن کي متاثر ڪيو آهي ۽ فوٽ ٿيل ٻارڙن بابت به جاچ ڪنداسين ته اهي ڪهڙي بيماري فوت ٿيا آهن.

[redacted] ڪنري/مظاهرو، ڌرڻو

بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا ۽ 6 ڪلاڪن بعد آبپاشي کاتو سجاڳ ٿيو جنهن بعد مشينري ۽ ڳوٺاڻن جي مدد سان گهارو بند ڪيو ويو گهاري سبب ماڻهن جي گهرن ۽ فصلن کي سخت نقصان ٿيو ۽ گهر پاڻي هيٺ اچي ويا جنهن بعد شاخ جي گهاري جو پاڻي گهرن ۾ داخل ٿيڻ سبب متاثر ٿيل رهواسين جو احتجاجي مظاهرو ڪندي ڌرڻو هڻي ڇڏيو متاثر ڳوٺاڻن مين ڪنري _ نئون ڪوٽ روڊ بلاڪ ڪري روڊ بلاڪ ڪري وينگر رکي ڇڏيا ۽ ٽائرن کي باهيون ڏئي نعريبازي ڪئي. ڌرڻي دوران مظاهرين ۽ شهرين ۾ ڏند چڪ ٻڻ ٿيندي رهي، ان موقعي تي متاثر مظهاين جيرام ڪولهي، روو ڪولهي، هيمن، پريي موهن ميگهواڙ ۽ ٻين دانهيندي چيو ته ٽن شاخن جو پاڻي هڪ شاخ ۾ ڇوڙ ڪيو ويو جنهن سبب اسان جي ڪالوني وٽ گهارو لڳي ويو گهاري جو پاڻي اسان جي گهرن ۽ فصلن ۾ داخل ٿي ويو گهر ٻڏي ويا آهن. ڪير پڇڻ ناهي آيو هنن چيو ته گهاري جي پاڻي سان 4 گهر ڪري پيا آهن ۽ باقي سمورا گهر پاڻي جي لپيٽ ۾ آهن جنهن سبب سخت پريشاني ۾ ورتل آهيون. هنن مطالبو ڪيو ته فوري طور نوٽيس وٺي ڪالوني مان پاڻي نيڪال ڪرائي واهر ڪئي وڃي، ان موقعي تي ڪنري پوليس پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري ڌرڻو ختم ڪرايو 02

[redacted] وڳڻ/ڌرڻو

132 پوريون چوري ڪري ويا هئا. چوري ٿيل ٻاڻ واپس نه ٿيڻ خلاف واپارين ۽ شهرين وارهه _لاڙڪاڻو روڊ تي ٽائرن کي باهه ڏيئي لعلو رائيڪ پوليس خلاف ڌرڻو هنيو. ڌرڻي سبب ٽريفڪ معطل ٿي وئي. جنهن سبب مسافر طبقو سخت پريشان

ڪرايو آهي هن مطالبو ڪيو ته جوابدارن کي گرفتار ڪري عبرتناڪ سزا ڏئي اسان سان انصاف ڪيو وڃي. 02

[redacted] ميرپور خاص/ آپگهات

بعد پوليس لاش وارثن حوالي ڪئي. نوجوان جي لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ نوجوان جي زال صدمي ۾ بيهوش ٿي ويئي. نوجوان جو مڙهه تدفين لاءِ مرحوم جي زال جي حيدرآباد ڪڻائي ويئي. پوليس موجب وارثن ۽ علائقي واسين جي بيانن موجب نوجوان گهريلو پريشانين سبب آپگهات ڪيو آهي پوليس پنهنجي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

[redacted] پاڻي نيڪال نه ٿيو

برسات ۽ زمينن جو خارج ٿيندڙ گندو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو ته پنون يو سي جي سڀ کان وڏي ديهه پڊ ۾ ڳوٺ حاجي عمر لاشاري سميت ڪيترن ئي ڳوٺن مان اڃا تائين برساتن جو گندو پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو آهي ڪيترائي گهر ڪري پٽ ٿيا آهن. ڳوٺ، زرعي زمينون پاڻي هيٺ آهن. ڪروڙين روپين جو نقصان ٿيو آهي. سر تالو نه هئڻ زمينن جو گندو پاڻي به ڳوٺ ۾ ڪاهي پيو آهي. ايمرجنسي رين فوڪل ڪميٽي، ڊي سي سجاول ۽ ٻين اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته پنون جي ديهه پڊ جي ڳوٺن ۽ زمينن مان برساتن جو گندو پاڻي نيڪال ڪرائي ڪريل گهرن جي بحالي سميت مالي سهائتا ڪئي وڃي.

[redacted] پوليس ڦر

رورل هيلٿ سينٽر تي پوليو جا ڦڙا پيارينڊڙ ٽيم کي نامعلوم هٿياربندن يرغمال بڻائي پوليو ورڪر سليم الله بيچوهو کان موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا. ان سلسلي ۾ ميان صاحب پوليو بيٽ جي انچارج محمد علي شاهه ٻڌايو ته هٿياربند پوليو ورڪرس کي يرغمال بڻائي موٽرسائيڪل ڦري ويا آهن. اهڙو اطلاع پوليس کي ڪيو آهي. ميان صاحب پوليس موجب ته پوليو ورڪرن کان موٽرسائيڪل ٿي آهي. جلد موٽرسائيڪل واپس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون.

[redacted] موٽر سائيڪل ڦر

جوابدار فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب گرفتار ٿيل جوابدارن وٽان 16 شناختي ڪارڊ هٿ سندن مٿان گناهه نمبر 284/24 تحت ڪيس داخل ڪري ڪين جيل موڪليو ويو جڏهن ته ڊوائيز وارا عورتن جي آيل پئسن مان هڪ هزار کان 2 هزار ڪٽوتي ڪري رهيا هئا.

[redacted] ڪراچي جو صحافي

کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي. تازو مهينو اڳ سندس هڪ دفعو پيهر ڏينهن ڏٺي جو جڏهن گهٽي ۾ پاڙي وارن ۽ رستي ويندڙن جي اڳ وچ هئي ته چور سندس گهر جو تالو پچي پاڻي جو موٽر ۽ ٻيو سامان چوري ڪري. ان حوالي سان صحافي ذوالفقار راڄپر چيو آهي ته ڏڙي ٿاڻي جي حد ۾ حد ڪان وڌيڪ نشي واپرائڻ ۽ وڪڻڻ جو ڪاروبار هلي رهيو آهي. هن ڊي آئي جي ايس ايس پي لاڙڪاڻو کان مطالبو ڪيو آهي ته هن جي گهر جي چوري ۾ ملوث چورن کي پڪڙڻ ۽ چوري ٿيل سامان واپس ڪرائڻ لاءِ مارڪيٽ ٿاڻي جي ايس ايڇ او سرتاج جاگيراڻي مٿان هن ڪيس جي ذميواري رکي وڃي.

[redacted] معجزاتي طور محفوظ

شهرين کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي دڪان مالڪ جو چوڻ هو ته دڪان ۾ ڦرلٽ ڪرڻ ۽ سڌيون گوليون هلائيندڙ هٿياربندن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي.

[redacted] اغوا جو شڪ ظاهر

ٻر پوليس 2 ڏينهن کان نوجوان جي ڳولا ۾ ڪابه مدد نه ڪئي آهي ۽ اسان کي شڪ آهي ته نوجوان کي ڏوهارين اغوا ڪري ڪجي ڪئي ويا آهن نوجوان جي وارثن ايس ايس پي ڪشمور ڪنڌڪوٽ کان مطالبو ڪيو ته نوجوان عرفان علي پتو ڪي بازياب ڪرائي گهر ۾ پيدا ٿيل ماتم ختم ڪرائي خوشي جو ماحول مهيا ڪري ڏنو وڃي.

[redacted] قتل ٿيل نوجوان جي تدفين

جي اچڻ کان پوءِ مقتول نوجوان جي قتل جو ڪيس داخل ڪري جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

[redacted] 6 ڄڻا فوت

جو محمد يونس ولد رحمان الله طور تي

Daily AWAMI AWAZ
روزاني
عوامي آواز
خميس 12 سيپٽمبر 2024ع 7 ربيع الاول 1446ھ

وڳڻ ۾ پرپاسي غربت جا ديرا، معصوم ٻارڙا پڙهائي بدران مزدوري ڪرڻ تي مجبور

ننڍي عمر جا ٻارڙا گهر جو گاڏو هلائڻ لاءِ صبح سوير روڊ ڪنارن تي مگيرا، پڪوڙا، گنڊيري سميت ٻيون شيون وڪڻڻ لڳا

حڪومت، ادارا، ٻارڙن جي حقن جون ٺيڪيدار تنظيمون ۽ نام نهاد اين جي اوز مستقبل جي معمارن جي حال تي خاموش

گهر جي گهرجن خاطر پورهيو ڪري والدين جو سهارو بڻجون ٿا، حڪومت واهر ڪري ته ضرور پڙهنداسين: پورهيت ٻارڙا

بيروزگاري کان تنگ غريب ماڻهو غربت، بک ۽ بدحالي سبب پنهنجي ٻارڙن کي پورهيو ڪرائڻ لڳا آهن: سماجي اڳواڻ

وڳڻ (رپورٽ: علي گل مغيري) وڳڻ ۽ پرپاسي ۾ تعليم جي گهٽتائي سبب غربت ڪاهي پئي، ٻارڙا پڙهڻ بدران پورهيو ڪرڻ لڳا. شهر ۽ پرپاسي جا ٻارڙا جن جي عمر پڙهڻ جي آهي اهي صبح سوير روڊن تي مگيرا، پڪوڙا، گنڊيري سميت ٻيون شيون کپائيندي نظر اچن ٿا پر ٽڪ جي چونڊيل نمائندن جي اکين تي پٽيون ٻڌل پڻ سنڌ حڪومت. ٻارڙن جي حقن جي ٺيڪيدار تنظيمن ۽ اين جي اوز ٻه ٻارڙن جي تعليم ۽ جبري پورهيو ڪرڻ تي اکيون ٻوٽي ڇڏيون آهن. ان سلسلي ۾ شهر جي سياسي سماجي اڳواڻن ڪامريڊ غلام حسين مغيري، گلاب خان وڳڻ، شرف الدين پنهور، عبدالقيوم بليدي ۽ ٻين چيو ته امير ڏينهون ڏينهن امير ٿيندو پيو وڃي غريب ماڻهو غربت، بک، بدحالي ۽ بيروزگاري کان تنگ اچي پنهنجي معصوم ٻارڙن کي پورهيو ڪرائڻ لڳا آهن. جن جي عمر آهي پڙهائڻ جي پر والدين مجبورين سبب کين پورهيو ڪرائڻ تي مجبور آهن. پورهيت معصوم نينگرن محسن علي، حسنين خان، جنيد احمد، ڪامران مغيري، احمد علي، جنسار علي، اياز خاصخيلي ۽ ٻين چيو ته گهر جون ضرورتون وڌيڪ آهن پورهيو ڪري والدين جو سهارو بڻجون ٿا حڪومت اسان جي واهر ڪري ته اسين تعليم حاصل ڪري سگهنداسين.02

ڏهرڪي ۾ پورهيت جو ٻاراڻن ۽ پوليس جي ڏاڍ خلاف احتجاج

سڳاوتي تڪرار تان ٻااثر گهر تي حملو ڪري تشدد ڪائي، مينهن ڪاهي ويا: ساجن ڏوٽدو

ڏهرڪي (رپورٽ: اجيت ڪمار) ڏهرڪي ۾ گذريل ڏينهن ٻيلو ميرپور ماٿيلو ٿاڻي جي حد ڳوٺ باگو ڏاهر واسي پورهيت ساجن ڏوٽدو ميڊيا سينٽر پهچي برادري جي ٻااثرن ۽ ٻيلو ميرپور پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪندي دانهيو ته هڪ هفتو اڳ سڳاوتي تڪرار تان برادري جي ٻااثرن بشير احمد، تنوير احمد، جلال، لالو لطيف، نظير ڏوٽدو ۽ ٻين اسان جي گهر تي حملو ڪري ٻينل 9 مهينون ڪاهي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، مزاحمت ڪرڻ تي ڏنڊا ۽ لٺيون هڻي 4 عورتن ۽ مون سميت 6 مردن کي ڏڪي ڪندي زبردستي هڪ مينهن ڪاهي فرار ٿي ويا، ليٽر لاءِ ٻيلو ميرپور ٿاڻي تي ويس ته ٿاڻي ٻاهريان ٻيهر ٻااثر لٺيون کڻي مارڪٽ لاءِ پهتا ته ٿاڻي تي موجود ڊيوٽي آفيسر اي ايس آءِ جبار پٺاڻ اسان کي ڏڪي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران گارگند ڪري واپس ڪيو پر هوهاڻ ٻيهر ڏنڊا کڻي اسان سان وڙهڻ لاءِ رستن تي گهمي رهيا آهن.

ڳڏاپ ۽ ٻيري ۾ عيد ميلادالنبي بابت انتظام يقيني بڻائڻ جون هدايتون

ملير (ڊ ر) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن ڳڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ، ميونسپل ڪمشنر احمد يار، ڪائونسل ميمبر ۽ علائقي جي معززين سان گڏ جشن عيد ميلاد النبي صہ جي حوالي سان يونين ڪميٽي ٻيري ۽ ڳڏاپ ٽائون جي ٻين يوسين جو دورو ڪيو ۽ انتظامن جي لاءِ فوري طور تي حڪم جاري ڪيا. چيئرمين طارق عزيز بلوچ جشن عيد ميلادالنبي جي موقعي تي چيو ته ڳڏاپ ٽائون جي انتظاميه ڪوشش آهي.

ڀرياسٽي لڳ پسند پرڻي تان گهر تي حملو، ناري کي ڪڻڻ جي ڪوشش، مظاهرو

ڳوٺ دلاور سولنگي واسي عورتن ۽ معصوم ٻارڙن ذوالفقار سولنگي جي اڳواڻي ۾ حملي ۽ اغوا ڪوشش خلاف مظاهرو ڪيو

ڀاءُ رفيق سولنگي ۽ فرزانا سولنگي جي پسند پرڻي ڪانپوءِ ڏنڊ جا 7 لک رپيا ادا ڪرڻ باوجود ٻااثرن جيئڻ جنجال بڻايو آهي

ڀرياسٽي (ن ع آ) ڀرياسٽي ويجهو ڳوٺ دلاور سولنگي جي ڳوٺاڻن جو عورتن ۽ معصوم ٻارڙن سان گڏ زخمي نوجوان ذوالفقار سولنگي، رفيق سولنگي، مسمات ضميران سولنگي، مسمات مومل، مسمات ذوليخان سولنگي ۽ ٻين هٿياربند ٻاران گهرن اندر داخل ٿي گهر ڀاتين تي سخت تشدد ڪري زخمي ڪرڻ ۽ 15 سالا نياڻي سومبان کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ ٻااثرن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي ميڊيا آڏو دانهيندي ٻڌايو ته ڳوٺ جي ٻااثر ڏوهاري قسم جي ست کان وڌيڪ هٿياربندن محبت سولنگي جي پيچ تي ياسين سولنگي، مبين سولنگي، عليم سولنگي، عبدالرحمان سولنگي ۽ اڻڄاڻ هٿياربندن لٺيون ڪهاڙيون سان گهرن اندر ٿي معصوم ٻارڙن، عورتن ۽ مردن مٿان حملو ڪري نوجوان ذوالفقار سولنگي کي سخت زخمي ڪري 15 سالا نياڻي سومبان سولنگي کي زبردستي اغوا ڪري کڻي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي، رڙين تي پاڙي وارا پهچي ويا جن کي ڏسي هٿياربند گارگند ۽ موت مار ڌمڪيون ڏيندي هليا ويا، زخمي نوجوان ذوالفقار سولنگي ٻڌايو ته هڪ سال اڳ منهنجي ڀاءُ رفيق سولنگي حاجي محبت سولنگي جي ڌي فرزانه سولنگي سان نوشهروفيروز جي عدالت ۾ پسند جو پرڻو ڪيو هو جنهن مان ڪيس هڪ اولاد به آهي. جنهن جو فيصلو علائقي جي معزز شخصيت جاويد جلباڻي وٽ ٿيو هو جنهن موجب اسان ست لک روپيا ڏنڊ ڀري ڏنو هو پر ٻااثر اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، اسان جي حياتين کي خطرو آهي، هنن آءِ جي سنڌ، سيشن جج نوشهروفيروز، ايس ايس پي نوشهروفيروز سميت اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته حملي ۾ ملوث هٿياربندن کي گرفتار ڪري تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.02

راڻي پور جي سرڪاري اسپتال ريفر سينٽر بڻيل، دوائون ملڻ بند، مريض دربدر

رورل هيلٿ سينٽر ۾ سهولتون اڻلڀ، مقرر ڊاڪٽر پنهنجون خانگي ڪلينڪون هلائڻ لڳا، اڀوجهه ماڻهو تڪي لاءِ پريشان

گمس اسپتال ۾ ضم ٿيڻ ڪانپوءِ صحت مرڪز بي لاپ بڻجي ويو، ڊي ايچ او خيرپور ۽ گمس انتظاميا دانهن تي ڌيان نه ڏريو

صحت مرڪز کي گمس کان واپس وٺي غريب مريضن لاءِ علاج جون تڪڙيون سهولتون مهيا ڪيون وڃن: سڄاڻ ڏريون

راڻي پور (رپورٽ: فياض حسين راڄپر) راڻي پور جي سرڪاري اسپتال رورل هيلٿ سينٽر مريض لاءِ بي لاپ بڻيل آهي، ڪا به سهولت نه هجڻ سبب اڪثر اينڊڙ مريض هتان ٻين علائقن جي اسپتالن ۾ ريفر ٿيڻ لڳا. تعلقي صوڀوديرو جي اهم اسپتال ۾ ڪا به سهولت موجود نه آهي. هتان جي مقامي سماجي سياسي اڳواڻ سينئر صحافي اڪبر شاهاڻي، شهري فورم اڳواڻ فاروق دايو ايس ايل ايف جي صدر مشتاق مغل ڳالهائيندي چيو ته اسپتال قومي شاهراهه تي هجڻ باوجود هتي ڪا به سهولت موجود نه آهي، دوائن جي کوٽ، ليبارٽري نه هجڻ برابر، سرڪاري ايمبولنس خانگي ماڻهن ۽ من پسندن لاءِ موجود پر غريبن لاءِ پريشاني ۽ رسوائي کان سواءِ ڪجهه به نه آهي. اسپتال گمس حوالي ٿيڻ ڪانپوءِ هتي صرف بلڊنگ پلي ملي آهي پر غريب، بي پهچ ۽ بي سهارا مريضن کي ملندڙ دوائون ۽ علاج جو سهولتون چڻ بند ٿي ٿي ويون آهن. ڪافي ڀيرا ڊي ايچ او خيرپور کي لکيو آهي پر سنڌس چوڻ آهي ته ان جي ذميواري گمس اسپتال انتظاميه جي آهي. گمس ڊائريڪٽر رحيم بخش پٽي چوي ٿو ته راڻي پور اسپتال لاءِ ڪا به دوا نه ٿي ملي پنهنجي خرچ تي سمورو ڪم ڪري رهيا آهيون. اسان جي هيلٿ منسٽر، وڏي وزير سميت اعليٰ اختيارين کي اپيل آهي ته هن اسپتال کي واپس سرڪار حوالي ڪري ان ۾ سهولتون ڏنيون وڃن.02

متياري ۾ مبينا غلط علاج سبب نينگر فوت ٿيڻ وارو معاملو

سالو ڊاڪٽرن کي بليڪ ميل پيو ڪري: خليل ڪوريجو

فوتي پٽ امان الله جو اصل وارث آئون آهيان، ڪيس يا قانوني ڪارروائي لاءِ ناهي چيو

متياري (رپورٽ: ضمير خاصخيلي) ڪجهه ڏينهن اڳ متياري جي DHQ اسپتال ۾ 12 سالن جي نينگر امان الله ڪوريجي کي بخار سبب آندو ويو جنهن کي بعد ۾ ڊاڪٽرن پاران حيدرآباد ريفر ڪيو ويو جتي هو فوت ٿي ويو سندس مامي محبوب پاران نينگر جي موت جو سبب غلط علاج ٻڌايو ويو جنهن جو الزام متياري جي ڊاڪٽر مٿان مڙهيو ويو ۽ متياري پوليس کي ايم ايس خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جي درخواست پڻ ڏني وئي. جنهن بعد اوچتو فوتي نينگر جي والد ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته منهنجي پٽ جو اصل وارث آئون آهيان ۽ مون اڃا ڏاڍين کو به ڪيس داخل ڪرڻ يا قانوني ڪارروائي جو ناهي چيو. منهنجو سالو هتان جي ڪجهه ماڻهن سان ملي ڊاڪٽرن کي بليڪ ميل ڪري پئسا وٺڻ چاهي ٿو. هن منهنجي اجازت کان بغير منهنجي پٽ جو پوسٽ مارٽم پڻ ڪرايو. آئون اها ڳالهه واضح ڪرڻ ٿو چاهيان ته منهنجي پٽ جو وارث آئون آهيان ۽ ڪنهن به قسم جي ڪارروائي ڪرڻ نٿو چاهيان ۽ نڪو منهنجي پاران اڃا ڏاڍين پوليس کي ڪا درخواست ڏني وئي آهي. نينگر جي والد چيو ته منهنجي پٽ جو چالهيو گذري ان کان پوءِ آئون ڪو فيصلو ڪندس ته ڇا ڪرڻو آهي.02

ڪرپشن کان انڪار
گورنمينٽ آف پاڪستان
منسٽري آف ڪميونيڪيشنز
نيشنل هاءِ وي اٿارٽي
(سنڌ نارٿ ريجن)
عزم استحڪام

درستگي-I
واڪن لاءِ دعوت

- روٽ N-55 تي KM: 335 -345 کان AMP 2019-20 جو 01x پيريوڊڪ/ ريهيبليٽيشن مينٽيننس ورڪ (بيلنس ورڪ)
- AMP 2023-24 جو قاضي احمد ويجهو روٽ N-5 تي KM 280-281 تي عارضي ٽول پلازا جي تعمير لاءِ 01x ڪم

حوالو:
قومي روزاني اخبارن ۾ تاريخ 31 آگسٽ 2024 تي بذريعه PIDNO.PID(I)1476/24 اڳواٽ شايع ٿيل ۽ بذريعه PPRA No. TS546770E تاريخ 02.09.2024 تي NHA ۽ PPRA ويب سائيٽس تي اپلوڊ ڪيل …

1. … ۾ درستگي ڪئي وئي آهي:

نمبر شمار	ڪانٽريڪٽ نمبر	تڪميل جو مدو (مهينا)	ويليڊيٽي (مهينا)
2	TP-2023-24-SN-01	190- ڏينهن	12

پڙهو:

نمبر شمار	ڪانٽريڪٽ نمبر	تڪميل جو مدو (مهينا)	ويليڊيٽي (مهينا)
2	TP-2023-24-SN-01	30 ڏينهن	06

2. بيا سمورا شرط ۽ ضابطا ساڳيا رهندا.
3. هي درستگي … PPRA ويب سائيٽ www.ppra.org.pk تي پڻ موجود آهي.

جنرل مئنيجر (سنڌ-نارٿ)
نيشنل هاءِ وي اٿارٽي
NHA ڪامپليڪس، ايئرپورٽ روڊ، سکر
فون: 071-9310550، اي ميل: dirmaint-sn@nha.gov.pk
ويب سائيٽ: www.ebidding.nha.gov.pk
PID(I)1831/24

اين ٽي ايس ٽيسٽ پاس اميدوارن پاران نڪتل پيادل مارچ مورو پهتو

دادو کان نواب شاهه طرف نڪتل قافلو مورو پريس ڪلب پهتو سائين جو شاندار استقبال

فوري طور تي آرڊر ڏنا وڃن، ٻي صورت ۾ احتجاج جو سلسلو جاري رهندو: اڳواڻ

مورو (ن ع آ) اين ٽي ايس ٽيسٽ پاس 2013 استادن پاران آفر آرڊر نه ملڻ خلاف حبيب سنڌي، فاروق ڪوراڻي، محمد اقبال چوهاڻ گلشير سولنگي الله نواز ميمڻ، راشد ملڪ، شاهنواز زرداري، شبير سابقي، محمد بچل چنڊ، غلام مرتضيٰ زرداري، راشد ميمڻ، عباس جمالي ٻين جي اڳواڻي ۾ دادو کان نواب شاهه طرف نڪتل پيادل قافلو مورو پريس ڪلب پهتو جتي اين ٽي ايس ٽيسٽ پاس استادن پاران پنهنجي سائين جو شاندار استقبال ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن چيو ته اسان پنهنجي جائز مطالبي لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهيون اسان جو هي پيادل قافلو جيڪو هن شديد گرمي ۾ دادو کان نواب شاهه زرداري هاؤس طرف نڪتل آهي جيڪو انشا الله 15 سيپٽمبر تي نواب شاهه پهچندو جتي زرداري هاؤس اڳيان احتجاج ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته اسان ڪيترن ئي سالن کان وٺي پنهنجي حقن لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهيون پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي اسان کي هن مهل تائين آفر آرڊر نه ملي سگهيا آهن.

ميرپورخاص ۾ برسات نقصان جا انگر اکر جاري، آبادگارن پاران رد

سنڌ حڪومت ضلعي ۾ هڪ لک 32 هزار 706 ايڪڙن تي بيٺل فصلن کي نقصان قرار ڏنو

ميرپور خاص ۾ 2 لک 80 هزار ايڪڙن کان وڌيڪ تي بيٺل فصل تباهه ٿيا آهن: آبادگار اڳواڻ

ميرپورخاص (بيوروپورٽ) برساتن سبب سنڌ ۾ ٿيل زرعي فصلن جي نقصانن جي حوالي سان حڪومت پاران ڪيل سروي رپورٽ جاري ڪئي وئي. آهي جاري ڪيل سروي رپورٽ ۾ ميرپورخاص ضلع جي ستن مان 6هن تعلقن تعلقي ڊگهڙي ۾ 21هزار 462 ايڪڙن. تعلقه حسين بخش مري ۾ 13هزار 487 ايڪڙن. تعلقي جهڏو ۾ 24 هزار 323 ايڪڙن. تعلقي ڪوٽ غلام محمد ۾ 30 هزار 830 ايڪڙن. تعلقي شجاع آباد ۾ 15 هزار 565. ايڪڙن ۽ تعلقي سنڌڙي ۾ 27 هزار 39 ايڪڙ ايراضي سميت ضلع جي هڪ لک 32 هزار 706 ايڪڙن تي خريف جي بيٺل فصلن جنهن ۾ ڦٽيون. ڪمند. مرچون ۽ ٻيا فصل ٻڌايا ويا آهن ميرپورخاص جي آبادگارن پاران رد ڪندي فارمرز آرگنائزيشن. ڪائونسل سنڌ جي چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ميرپورخاص جي ميمبر جاويد جوڻيجو چيو ته ميرپورخاص ضلع ۾ هن سال ڏيڍ لک ايڪڙن تي ڦٽين. 70 هزار ايڪڙن کان وڌيڪ ايراضي تي مرچ. 10 هزار کان وڌيڪ ايڪڙن تي ساريون. 40 هزار ايڪڙن کان وڌيڪ تي روڊ گراس ۽ 10 هزار ايڪڙن کان وڌيڪ تي ٻاجهيون پوکيون ويون هيون جنهن مان ڦٽيون 90 سيڪڙو کان وڌيڪ ۽ مرچ، گاهه ساريون، ٻاجهيون ۽ ٻيو فصل مڪمل طور تباهه ٿي ويو آهي جڏهن ته پاڻي بيهڻ سبب ڪمند کي وڏو نقصان پهچي رهيو آهي.

شهدادڪوٽ ۾ وڌندڙ گندگي ۽ مبينا ڪرپشن خلاف احتجاج شروع

سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران ٽن ڏينهن واري احتجاجي تحريڪ شروع ڪري ڇڏي

شهدادڪوٽ (ن ع آ) شهدادڪوٽ ۾ وڌندڙ گندگي ۽ ميونسپل ڪاميٽي ۾ ٿيل مبينا ڪرپشن جي عدالتي جاچ ڪرائڻ لاءِ سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران ٽن ڏينهن واري احتجاجي تحريڪ شروع ڪري ڏني آهي. ڪالهه پهرين ڏينهن ڪارڪنن ضلع صدر ڪامريڊ حيات ٽونيو جي اڳواڻي ۾ شهر جي(هاشيد پارڪ) ڪوٽو موٽو چوڪ تي احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري 3 ڪلاڪ ڌرڻو هنيو جتي ڪارڪنن ميونسپل انتظاميا خلاف نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي ڌرڻي کي خطاب ڪندي ڪامريڊ حيات ٽونيو امداد سومرو، زاهد مگسي، رشيد مگسي، داد ڪنڊ غلام علي مگسي، سجاد ٽونيو، فاروق چاوڙو، عمران خشڪ، محسن ميرجت، الطاف مگسي، علي مراد پندراڻي ۽ ٻين چيو ته ميونسپل انتظاميا جي بي ڌياني سبب سمورو شهر گندگي جي ورچڙهي ويو آهي. شهر جون ناليون ۽ گٽر اٿلڻ هاڻي روز جو معمول بڻجي ويو آهي جنهن ڪري اسڪول ويندڙ نياڻين سميت شهرين کي اچ وڃ ۾ ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن.

حيدرآباد ۾ واسا جي رٽائرڊ ملازمن جو پينشن ۽ پگهارون نه ملڻ خلاف ڌرڻو

ڌرڻي ۾ شريڪ ملازمن ڊي جي واسا جي پتلي کي باهه ڏئي ساڙي نعري بازي ڪئي

فوري طور تي پگهار ۽ پينشن جاري ڪري پريشاني کان بچايو وڃي: مطالبو

حيدرآباد(رپورٽر) واسا جي اڳوڻن ملازمن کي 12 مهينن کان پينشن ۽ 8 مهينن کان پگهار نه ملڻ خلاف ملازمن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو. ڌرڻي ۾ شريڪ ملازمن ڊي جي جي پتلي کي باهه ڏئي ساڙيو ۽ نعريبازي ڪندا رهيا. ان موقعي تي اڳواڻن انصاف لاشاري، اسلم عباسي ۽ ٻين چيو ته واسا ملازم جنوري 2024 کان پگهارون نه ملڻ سبب فاقاڪشي جو شڪار آهن جڏهن ته گذريل 12 مهينن کان رٽائرڊ ملازم ۽ فوتي ملازمن جون بيواهون ايچ ڊي اي آفيس جا ڌڪا کائڻ تي مجبور آهن هنن چيو ته واسا کي هڪ سال جي رڪوري هڪ ارب 84 لک روپيا ٿي پر ان باوجود ملازمن کي پگهارون جاري نه ٿيون ڪيون وڃن.

ڀرياسٽي: ناري کي ڪڻڻ جي ڪوشش خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پنو عاقل واسي پيرسن جو اکين کان معذور ٻارن سان گڏ احتجاج

ڳوٺ پيرل عالماڻي واسي علي اڪبر عالماڻي حيدرآباد پريس ڪلب پهچي دانهيو

5ٻار پيدائش کان وٺي اکين جي نور کان محروم آهن، مالي معاوضو ڏنو وڃي: متاثر

حيدرآباد(رپورٽر) پنوعاقل جي ڳوٺ پيرل عالماڻي جي رهواسي پيرسن علي اڪبر عالماڻي پنهنجي اکين جي روشني کان محروم نياڻي 14ورهين جي روشني ۽ 10ورهين جي پٽ نائب سان گڏ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪندي ٻڌايو ته سندس 5 ٻار پيدائشي اکين جي روشني کان محروم آهن. جڏهن ته معذور ٻارن ٽوڙي گهرڀاتين جو پيٽ پالڻ لاءِ پنڻ تي مجبور آهيان. هن چيو ته وفاقي حڪومت ۽ سنڌ حڪومت کان مدد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪراچي تائين ويس پر سرڪاري سطح تي ڪا به مستقل مالي مدد نٿي آهي. هن چيو ته ڪجهه عرصو اڳ سرڪار پاران معذور ماڻهن جي مالي سهائتا لاءِ امدادي رقم جاري ڪئي وئي هئي. جنهن ۾ سندس ۽ ٻارن جا نالا به شامل هئا پر مختيارڪار پنهنجا نواز ٻاليسي تحت ٻااثر ۽ سفارشي ماڻهن جي مدد ڪئي. سندن ڪا به مدد نه ڪئي وئي. هن چيو ته منهنجي عمر 60ورهيه آهي. پيرسن هجڻ سبب ڪمائڻ جهڙو به نه رهيو آهيان. جنهن ڪري پنهنجن ڪه هڏو ٻارن جي ڪفالت ڪرڻ کان پڻ لاچار آهيان. هن وزيراعظم، صدر، وڏي وزير کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي مستقل طور تي مالي وظيفو جاري ڪيو وڃي.17

شهدادپور ميڊيڪل انسٽيٽيوٽ ۾ ڪروڙن جي ڪرپشن جو انڪشاف

نئين آيل ڊائريڪٽر سمس بشير جمالي پاران رڪارڊ چيڪ، مختلف کاتن ۾ گهپلن جي نشاندهي

ڪرپشن ۾ ملوث عملدار رڪارڊ پيش ڪرڻ بدران ٻااثرن کان سفارشون ڪرائڻ ۾ رڌل

شهدادپور (ن ع آ) شهدادپور انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (سمس) اسپتال جي ملازمن پاران ڪروڙين روپين جي ڪرپشن جو انڪشاف ٿيو اهڙو انڪشاف تڏهن ٿيو جڏهن نئون آيل ڊائريڪٽر سمس بشير احمد جمالي اسپتال جي مختلف ڊپارٽمينٽن جو رڪارڊ چيڪ ڪيو مليل ڄاڻ موجب ان ڊپارٽمينٽ جي انچارج پنهنجي ڊپارٽمينٽن ۾ مليل آمدني ۽ جي رقم مبينه طور خرد برد ڪئي آهي. رڪارڊ طلب ڪرڻ باوجود رڪارڊ جمع نه ڪرائي رهيا آهن. جنهن تي ڊائريڪٽر سمس انهن ماڻهن کي شوڪاز نوٽيس پڻ جاري ڪري ڇڏيا آهن. معلومات مطابق مبينه طور ڪرپشن ۾ ملوث انهن رڪارڊ پيش ڪرڻ بدران تحفظ لاءِ ٻااثر ماڻهن کان سفارشون ڪرائي رهيا آهن. ڪرپشن ۾ ملوث ملازمن کي في الحال عهدن تان هٽايو نه ويو آهي. ٻئي طرف شهر جي سياسي ۽ سماجي حلقن ڊائريڪٽر سمز بشير احمد جمالي جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي چيو ته ڪرپشن ۾ ملوث ملازمن کي برطرف ۽ خرد برد رقم ريڪور ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي.02

لاڙڪاڻي ۾ پورهيت جو پاءُ خلاف احتجاج، انصاف جي گهر

لاهوري پاڙي جي رهواسي عمار بروهي پريس ڪلب پهچي دانهيو

پاءُ ڪامران بروهي خلاف سخت ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي: پورهيت

لاڙڪاڻو(ن ع آ) لاڙڪاڻي شهر جي لاهوري پاڙي جي رهواسي نوجوان عمار بروهي قائد عوام پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجو پاءُ ڪامران زبردستي منهنجي گهرواري مهرالنساء کي طلاق ڏيارڻ لاءِ مون مٿان دٻاءُ وجهي رهيو آهي. جيڪڏهن نون پنهنجي گهرواري کي طلاق نه ڏيندي ته تونکي ماري ڇڏيندس. هن دانهيندي چيو ته منهنجو پاءُ ڪامران مونکي ملڪيت مان به حصو نه ڏيڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي. هن ايس ايس پي لاڙڪاڻو کان مطالبو ڪيو ته منهنجي پاءُ ڪامران بروهي خلاف سخت ڪارروائي ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي.

ابراهيم شاهه جو عرس ٻوبڪ سبيل ۾ ملهايو ويندو

سيوهڻ(ن ع آ) حضرت سيد ابراهيم شاهه جو ساليانو عرس مبارڪ وڏي عقيدت ۽ احترام سان 12ع 13 ربيع الاول 17ع 18 سيپٽمبر 2024ع تي ٽه روزه ۽ اربع ڏينهن تي سيوهڻ لڳ ڳوٺ ٻوبڪ سبيل ۾ ملهايو ويندو. جنهن جو افتتاح پهرين ڏينهن 3وڳي ته رڳ ۽ چادر چاڙهي ڪيو ويندو. ميلي جي ڪنوينر شاهنواز سيال طرفان جاري ڪيل هڪ پريس رليز موجب حضرت سيد ابراهيم شاهه جو ساليانو عرس مبارڪ ڳوٺ ٻوبڪ سبيل ۾ ملهايو ويندو. ميلي دوران پهرين ڏينهن افتتاح ڪانپوءِ شام جو ملاکڙو ٿيندو جنهن ۾ سنڌ سميت ملڪ جا ملهه پهلوان پنهنجو زور آزمائي ڪندا. جڏهن ته رات جو 9وڳي کان محفل سماع منعقد ڪئي ويندي. ميلي جي ٻئي ڏينهن تي ملهه پهلوان ۾ روڪ رقم، ڪپڙا، واچون، اجرڪ، ٽوپيون ۽ تڪ موبائل انعام طور ورهايا ويندا. ميلي ۾ ملهه پهلوانن لاءِ رهائش ۽ کاڌي پيتي جو انتظام پڻ ڪيو ويندو.

تعليم

ڪشمور لڳ پرائمري اسڪول جي عمارت زبون حال، جاني نقصان جو خدشو

قديمي بوائز ڪشميس پرائمري اسڪول گلشپور جديد دور ۾ به مسئلن جي ور چڙهيل، تدريسي عمل ۾ سخت ڏکيائيون

اسڪولي عمارت زبون حال ٿيڻ سبب 160 شاگردن ۽ شاگردياڻين جون حياتيون داءَ تي لڳل، اختيارين دانهن تي ڌيان نه ڏنو

اسڪول جي نئين عمارت تعمير ڪرائي گهربل سهولتون مهيا ڪري ٻارڙن جي تعليم بچائي وڃي: ڳوٺاڻن جو مطالبو

ڪشمور (ڊ ر) ڪشمور تعلقي اندر تعليم کاتي جي ڪامورن جي پٽ واڪي ٿي وئي آهي قديمي بوائز ڪشميس پرائمري اسڪول گلشپور جديد دور ۾ به مسئلن جي ور چڙهيل آهي جنهن سبب تدريسي عمل ۾ ڏکيائيون پيش اچڻ لڳيون آهن. اسڪولي عمارت ڪيترن ئي سالن کان زبون حال بڻيل آهي بلڊنگ جي ڇت ديوارون ڪريل هئڻ سميت فرنيچر جي کوٽ هئڻ ڪري 160 شاگرد شاگردياڻيون پٽ تي ويهي تعليم پرائڻ تي مجبور بڻيل آهن. ان سلسلي ۾ ڳوٺاڻن چيو آهي ته ڪيترائي ڀيرا تعليم کاتي جي عملدارن کي نشاندهي ڪرائي وئي پر افسوس ته اسڪول جي بلڊنگ جي تعميراتي ڪم سميت بنيادي سهولتون نه ملي سگهيون آهن اسڪول جي بلڊنگ جو بجيٽ ڪرپشن جي ور چڙهي ويو آهي ٿوڪامورا تعليمي آفيسر ڪاغذي ڪارروائي تائين ڏيکاءَ ڪري فوٽو سيشن لاءِ وزٽ ڪري واپس هليا وڃن ٿا عملي طور ڪو تدارڪ نٿو ٿئي. علائقي واسين سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، وزير تعليم سردار شاهه، سيڪريٽري تعليم ۽ ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور کان مطالبو ڪيو ته هنگامي بنيادن تي فوري طور نوٽيس وٺي قديمي بوائز ڪشميس پرائمري اسڪول گلشپور جي نئين بلڊنگ تعمير ڪرائڻ سان گڏوگڏ فرنيچر، پيئڻ جي مٺي پاڻي، ٽوڙي سولر سسٽم سميت ٻيون گهربل سهولتون فراهم ڪيون وڃن ته جيئن سوين ٻارڙا بنا ڪنهن تڪليف جي تعليم حاصل ڪري سگهن.02

پڏعيدن گرلس ڊگري ڪاليج جو ڪم رولڙي جو شڪار، بجيٽ هڙپ

گرلس ڊگري ڪاليج جي عمارت مڪمل طور رولڙي جو شڪار آهي: شهري

عمارت مڪمل نه هجڻ ڪري شاگردياڻيون گرلس هاءِ اسڪول ۾ تعليم پرائڻ ٿيون

پڏعيدن (رپورٽ: سهيل پلهه) پڏعيدن جو گورنمينٽ گرلس ڊگري ڪاليج رولڙي جو شڪار، ڪروڙين رپين جي بجيٽ هڙپ،ڪامورن پاران صرف ڪاغذي ڪارروائين ۾ پوري. جڏهن ته گورنمينٽ گرلس ڊگري ڪاليج پڏعيدن جا ڪلاسز پڻ هلندڙ آهن. پر ڪامورن جي بي ڌياني ڪري گورنمينٽ گرلس ڊگري ڪاليج جي بلڊنگ مڪمل نه هجڻ ڪري شاگردياڻيون وڏين مشڪلاتن سبب گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول پڏعيدن ۾ شام واري شفٽ ۾ تعليم پرائڻ تي پڻ مجبور آهن. شهرين شاگردياڻين پڏعيدن ايڪشن ڪميٽي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو 2012 کان 2024 تائين گرلس ڊگري ڪاليج جي بلڊنگ مڪمل رولڙي جو شڪار آهي بلڊنگ مڪمل نه هجڻ ڪري شاگردياڻيون گرلس هاءِ اسڪول ۾ تعليم پرائڻ تي مجبور آهن. اسين ڪاليج ڊپارٽمينٽ ۽ ايڪسيئن نوشهروفيروز کان گهر ڪريون ٿا ته جلد کان جلد نوٽيس وٺي شاگردياڻين جون مشڪلاتون ختم ڪري کين وڌيڪ سهولتون مهيا ڪيون وڃن.

ٽنڊوجان محمد جو سرڪاري اسڪول زبون حالي جو شڪار، چارديواري به تباهه

واش روم ڍهي پٽ ٿي ويو، ڇت جا چاپڙ ڪرڻ لڳا، اسڪول جي صحن ۾ پاڻي بيٺل

ٻهرين سپ ٻار ايندا هئا، جيئن برسات پئي آهي اسڪول ۾ پاڻي اچي ويو آهي: هيڊ ماسٽر

ٽنڊوجان محمد (رپورٽ: علي احمد جروار) ٽنڊوجان محمد لڳ يوسي قاضي محمد اشرف جو گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول علي محمد جروار زبون حالي جو شڪار، اسڪول جي چوديواري مڪمل تباهه واش روم ڍهي پٽ ٿي ويو ڇت مان چاپڙ ڪرڻ لڳا، اسڪول جي اڳڻ ۽ چوديواري اڳيان ۽ پويان پاڻي بيٺل اسڪول ۾ فرنيچر جي کوٽ ٻارن جي پيئڻ لاءِ پاڻي اڻلڀ، اسڪول ۾ نصابي ڪتاب به نه ملي سگهيا آهن. اسڪول 1993ع کان ليو 1995ع ۾ هن اسڪول کي بلڊنگ ملي، 2012 جي ٻوڏ ۾ اسڪول جي بلڊنگ ڊيميج ٿي وئي، ايس ايم سي فنڊ مان 17_2018ع ۾ بلڊنگ جي ريپيئرنگ ڪرائي ٻارن لاءِ پڙهائڻ جي لائق بنائي وئي 2020ع ۾ 22ع جي برساتن جي چوديواري، باٿ روم مڪمل ڍهي پٽ پئجي ويا ۽ اسڪول جا چاپڙ به ڪرڻ لڳا. "عوامي آواز" جي رابطي ڪرڻ تي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول علي محمد جروار جي هيڊ ماسٽر ولي محمد بجير ٻڌايو ته ٻار داخل ٻهرين سپ ايندا هئا، جيئن برسات پئي آهي ته اسڪول ۾ پاڻي اچي ويو آهي.

درسي ڪتاب وقت سر ٻارڙن تائين پهچايا آهن: عبدالعليم لاشاري

ڪراچي (پ ر) سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ انتظاميا سنڌ جي سرڪاري اسڪولن لاءِ ضلعي ۽ تعلقي سطح تي درسي ڪتاب پهچائڻ وارو ڪم مڪمل ڪري ورتو آهي. جڏهن ته اسڪولن اندر ڪتاب پهچڻ واري عمل جو جائزو وٺڻ لاءِ ٽيمن جا دورا پڻ هلندڙ آهن. سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشورو جي چيئرمين عبدالعليم لاشاري جو چوڻ آهي ته سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ۽ تعليم وارو وزير سيد سردار علي شاهه "پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ" جي سري هيٺ هر ٻار کي تعليم ڏيارڻ لاءِ مڪمل ڪوششون ڪري رهيا آهن ۽ هر ٻار تائين مفت درسي ڪتاب پهچائڻ واري عمل دوران مسلسل رابطي ۾ آهن. چيئرمين عبدالعليم لاشاري جو چوڻ آهي ته هن سال تاريخ ۾ پهريون ڀيرو شفاف نموني سان وقت سر ڪتابن جي ورهاست وارو عمل مڪمل ڪري چڪا آهيون. جتي جتي ڪتابن جي وڌيڪ ضرورت پئجي رهي آهي اسان اتي به ڪتاب پهچائي رهيا آهيون. چاڪاڻ ته سنڌ جا ٻار تعليم پرائيندا ته سنڌ اڃا وڌيڪ ترقي ڪندي ۽ اڳتي وڌندي.02

جوهي ۾ تعليم کاتي پاران داخلا مهم بابت جاڳرتا ريلي

ٽي اي او شهاب الدين شاهاڻي جي اڳواڻي ۾ سوين استادن ۽ شاگردن ريلي ڪڍي

والدين روشن مستقبل خاطر ٻارن کي سرڪاري اسڪولن ۾ داخلا ڏيارين: اڳواڻ

جوهي (ن ع آ) جوهي ۾ تعليم کاتي پاران "پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ" جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي. تعلقه ايجوڪيشن آفيسر ميل شهاب الدين شاهاڻي جي اڳواڻي ۾ داخلا مهم جي سلسلي ۾ ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر لياقت نائچ، ڊپٽي ڊي اي او ميان محمد پيرزادو، ياسين برهماڻي سميت جوهي تعلقي استادن شرڪت ڪئي. ريلي ۾ شريڪ تعليم کاتي جي عملدارن چيو ته تعليم انسان جي ٽين اک آهي، اهڙو زيور آهي جيڪو انسان ۾ شعور ۽ علم جي سگهه پيدا ڪري ٿي تعليم فريعي انسان اونڌه کان روشني ڏانهن سفر ڪري ٿو هنن چيو ته سرڪاري تعليم ادارن ۾ تجربيڪار ماهر استادن سميت نوجوان استادن جو وڏو انگ تعليم جي ترقي لاءِ شاگردن جا منتظر آهن. استادن نصب العين آهي ته ٻار جي خالي ذهنن ۾ شعور ۽ علم جو رس پرجي، هنن والدين کي اپيل ڪئي ته اهي پنهنجي ٻارن کي سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرائن جيئن سندن مستقبل روشن ٿئي.02

پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ جي سري هيٺ باقرائي ۾ ريلي

خيرمحمد آريجا (ن ع آ) تعلقه ايجوڪيشن آفيسر ميل محمد پناهه سيال ٽي اي او فيميل روشن سيال سي ايم او شاهد گل جو کيو ڊپٽي ڊي او زاهد علي سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ باقراڻي جي استادن جي گڏيل سهڪار سان سنڌ حڪومت پاران "پڙهندي سنڌ . وڌندي سنڌ "جي عنوان هيٺ سرڪاري اسڪولن ۾ شروع ڪيل داخلا مهم جي حوالي سان تعليمي جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي جيڪا ٽي اي او فيميل آفيس کان نڪري پريس ڪلب باقراڻي پهتي.

ٽنڊوجان محمد لڳ اسڪول سهولتن کان محروم، تدريسي عمل ۾ ڏکيائيون

بوائز پرائمري اسڪول علي محمد جروار زبون حالي جو شڪار، چوديواري مڪمل تباهه

اسڪول ۾ سهولتون فراهم ڪري فوري طور تي مرمت ڪرائي وڃي : ڳوٺاڻا

ٽنڊوجان محمد(ن ع آ) ٽنڊوجان محمد لڳ يوسي قاضي محمد اشرف جو گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول علي محمد جروار زبون حالي جو شڪار، اسڪول جي چوديواري مڪمل تباهه واش روم ڍهي پٽ ٿي ويو ڇت مان چاپڙ ڪرڻ لڳا، اسڪول جي اڳڻ ۽ چوديواري اڳيان ۽ پويان پاڻي بيٺل اسڪول ۾ فرنيچر جي کوٽ ٻارن جي پيئڻ لاءِ پاڻي اڻلڀ، اسڪول ۾ نصابي ڪتاب به نه ملي سگهيا آهن. اسڪول 1993ع کان ليو 1995ع ۾ هن اسڪول کي بلڊنگ ملي، 2012ع جي ٻوڏ ۾ اسڪول جي بلڊنگ ڊيميج ٿي وئي، ايس ايم سي فنڊ مان 17_2018ع ۾ بلڊنگ جي ريپيئرنگ ڪرائي ٻارن لاءِ پڙهائڻ جي لائق بنائي وئي 2020ع ۾ 22ع جي برساتن ۾ چوديواري باٿ روم مڪمل ڍهي پٽ پئجي ويا ۽ اسڪول جا چاپڙ به ڪرڻ لڳا. مٿان چوويه جي قهري برساتن رهيل قصر ڪڍي ڇڏي. هن اسڪول ۾ داخل ٻار چاليهه آهن. جڏهن ته حاضر 20 کان 22 رهن ٿا. "عوامي آواز" جي رابطي ڪرڻ تي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول علي محمد جروار جي هيڊ ماسٽر ولي محمد بجير ٻڌايو ته ٻار داخل ٻهرين سپ ايندا هئا، جيئن برسات پئي آهي ته اسڪول ۾ پاڻي اچي ويو آهي. ڳوٺن ۾ پاڻي هجڻ ڪري مڇرن جي آزار سبب ٻار بيمار ٿي پيا آهن. ٻارن جي ماڻٽن اسڪول اچڻ اسان کان موڪل ورتي آهي. جڏهن ته اسڪول جي ٽائيم ٽي به اسڪول ۾ مڇرن جو آزار رهي ٿو اسڪول ۾ پڙهندڙ ٻارڙن ۽ استادن. تعليم جي وزير سردار شاهه کان مطالبو ڪيو آهي تڪ اسڪول جي مرمت ڪرائي چوديواري ۽ واش روم ٺهرائي مڪمل اسڪولي ڪورس ڪتاب اسان کي ڏنا وڃن ته جيئن پڙهي لکي اڳيان پنهنجي تعليم مڪمل ڪريون.

سهراب ڳوٺ ٽائون ۾ قائم سڪيا ڳوٺ اسڪول جي عمارت زبون حال بڻيل

ڪراچي اوير (رپورٽر) سهراب ڳوٺ ٽائون ۾ قائم سڪيا ڳوٺ اسڪول جي عمارت زبون حال بڻيل. گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول جي عمارت مرمت نه ٿيڻ ۽ ٻين سهولتن جي کوٽ خلاف اسڪول جي شاگردن شاگردياڻين طرفان ضلعي اوير ايجوڪيشن ورڪس کاتي جي انجنيئر ۽ تعليم کاتي جي عملدارن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي.

آفيس آف دي ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ خيرپور ميڊيڪل ڪاليج

سول اسپتال خيرپور

ٽينڊر نوٽيس

ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ خيرپور ميڊيڪل ڪاليج سول اسپتال خيرپور خواهشمند مينوفيڪچررز/امپورٽرز/آٿورائيزڊ ڊسٽري بيوٽرز/سپلائرز/ڪانٽريڪٽرز کي SPPRA رول_2010 جي ڪلاز (2) 46 تحت هڪ مرحلو_ ٻه لفافا طريقيڪار تي مالي سال 25 _2024 دوران اسٽورز جي هيٺين ڪيٽيگريز جي فراهمي لاءِ، مهربند واڪن جي دعوت ڏئي ٿي

اسٽورجا تفصيل	ٽينڊر في ناقابل واپسي	اجراءِ جي تاريخ	جمع ڪرائڻ جي تاريخ	کولڻ جي تاريخ	هنڌ	تڪميل جو مدو
a) متفرق آئيٽمز (بيا پيتي آرٽيڪلز) b) ڊائيٽري آئيٽمز c) يونيفارم ۽ ليوريز d) لائيف سيونگ ميڊيڪل سپلائيز (ميڊيڪل گيس آڪسيجن) e) ميڊيڪل اينڊ ليبارٽريز آئيٽمز f) جينرڪ ڪنزيوميبلز g) سيڪيورٽي گارڊز جون سروسز h) ڪار پارڪنگ، موٽر سائيڪل، رڪشا جون سروسز i) جينيٽوريل آئيٽمز j) مشينري ايڪوپمينٽ/فرنيچر فڪسچر/ٽرانسپورٽ جي مرمت	3000	13.09.2024 کان 30.09.2024	30.09.2024 صبح 10:00 وڳي	30.09.2024 صبح 11:00 وڳي	آفيس آف دي ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ خيرپور ميڊيڪل ڪاليج سول اسپتال خيرپور	30 جون 2025
ڊرگس ۽ ميڊيسنز جي 15٪ لوڪل پرچيز (روزاني هنگامي بنياد)	3000	13.09.2024 کان 01.10.2024	01.10.2024 صبح 10:00 وڳي	01.10.2024 صبح 11:00 وڳي	_ساڳيو_	_ساڳيو_

ٽينڊر انڪوائري جو مڪمل سيٽ مٿي ڄاڻايل ناقابل واپسي في جي روڪ ادائگي عيوض ۽ لکت درخواست جمع ڪرائڻ تي ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ KMC، سول اسپتال خيرپور جي آفيس مان هر هڪ ٽينڊر جي اڳيان مٿي ڄاڻايل تاريخ (تاريخن) تي آفيس وقت دوران خريد ڪري سگهجن ٿا. اهي https:// ppms.pprasindh.gov.pk تان ڊائون لوڊ پڻ ڪري سگهجن ٿا.
مشروط ۽ ٽيليگرافڪ واڪن، اٿيورن ۽ پوسٽل ٽينڊر تي غور نه ڪيو ويندو.
پروڪيورنگ ايجنسي SPP رولز 2010 جي لاڳاپيل فقرن سان مشروط ڪنهن آڇ کي رد ڪري سگهي ٿي ۽ ڄاڻايل رولز جي رول _(i) 25 تحت واڪ يا پروپوزل جي قبوليت کان پهرين ڪنهن وقت به نيلامر عمل کي منسوخ ڪري سگهي ٿي.

اهم:

1. هيٺ دستخط ڪندڙ جي حق ۾ پي آرڊر جي صورت ۾ آڇ ڪيل آئيٽمز لاڳت جي 2.5٪ بڊز سيڪيورٽي لازمي شامل هجڻ گهرجي.
2. آڇون لازمي پاڪستاني رپين ۾ هجڻ گهرجن.
3. جمع ڪرائڻ/ کولڻ جي تاريخ تي ڪنهن اڻڏٺڊ حالتن جي نتيجي ۾ يا موڪل جي ڪري آفيس بند هجڻ جي صورت ۾ يا سرڪار پاران موڪل جو اعلان ڪرڻ تي ٽينڊر اڳئين ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳي وقت ۽ هنڌ تي جمع ڪرايا/ کوليا ويندا.
4. ٽينڊر انڪوائريز جا تفصيل بشمول کولڻ جون مخصوص تاريخون نوٽيس بورڊ تي ڏسي سگهجن ٿا.
5. سموريون ڪوٽيشن مڙني سرڪاري ٽيڪسز جيڪڏهن لاڳو هوندا سان گڏ شامل هوندا.
6. واڪ ڪارگر مدو: ٽينڊر جي کولڻ جي تاريخ کان 90 ڏينهن

دستخط
ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ
KMC سول اسپتال خيرپور

INF-KRY-No.2862/2024

پڙهندي سنڌ ته • • • • • • وڌندي سنڌ

روزاني Daily AWAMI AWAZ
عوامي آواز

چيف ايڊيٽر	ايڊيٽر	ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر	ڊپٽي ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
ڊاڪٽر جبار خٽڪ	زرار پيرزادو	حميده گهانگهرو	حسن ناصر خٽڪ

ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر: انور بلوچ
ويب سائيٽ: www.awamiawaz.pk
نيوز روم: awamiawazkhi@Gmail.com
اشتهارن جو شعبو: marketingawamiawaz@Gmail.com

هيڊ آفيس ڪراچي: سيڪنڊ فلور، ديو بلاڪ 2، عبدالستار ايڌي هاڪي اسٽيڊيم لياقت بئرڪس، آف شاهراهه فيصل ڪراچي فون: 44-021-35672941 فيڪس: 46-021-35672945
حيدرآباد آفيس: بنگلو نمبر A-68 فراز ولاز فيز 3، قاسم آباد، حيدرآباد فون: 022-2655884
سکر آفيس: پلاٽ نمبر A-34 لڳ سکر ماربل فيڪٽري، گولپمار روڊ، نئون سکر فون: 20-071-5633718

خميس 12 سيپٽمبر 2024ع، 7 ربيع الاول 1446هه

غير معياري اقتداري ۽ پارلياماني سياست جو الميو

هن سال 8 فيبروري ۾ ٿيڪ چونڊن ڪانپوءِ جيڪا پارلياميٽ ۽ حڪومت جڙي به نموني چونڊجي آئي هئي تنهن سان هن ايڊيٽوريل ذريعي اسان مخاطب ٿي ڪين مشورو ڏنو هو ته هائي رواجي انتقامي سياست کان پاسو ڪري نٿين. صحتمند ۽ جمهوري سياست ڏانهن وڃڻ گهرجي. اها گذارش اسان خاص ڪري انهن اقتداري ۽ پارلياماني سياسي جماعتن جهڙوڪ پ پ، مسلم ليگ (ن) ايم ڪيو ايم، جميعت علماءِ اسلام (ف)، جماعت اسلامي ۽ تحريڪ انصاف کي ڪري رهيا هياسين جيڪي هائي تجربيڪار پارلياماني ۽ اقتداري جماعتون ڄاتيون سڃاتيون وڃن ٿيون ۽ اهي سڀ ئي جماعتون ساڳي وقت مختلف دورن ۾ واري واري سان اسٽيبلشمينٽ جي عتاب جو به شڪار رهنديون آيون آهن. اسان سندن ان وسيع تجربي جي تقاضا تحت ڪين زور ڀري رهيا هياسين ته هائي مٿن ذميواري آهي ته اهي پارليامينٽ ۽ جمهوريت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ۽ اهڙو ڪردار تڏهن ئي ادا ڪري سگهبو جڏهن اهي سڀ هڪ ٻئي جو مينڊيٽ قبول ڪنديون. انتقامي ڪارروايُن کان پاسو ڪنديون ۽ صحتمند جمهوري روايتن کي هٿي ڏينديون پر افسوس ته انهن تجربي ڪار پالياماني ۽ اقتداري جماعتن پوءِ به ساڳي انداز واري روايتي مخالف براءِ مخالف واري سياست ڪئي جنهن سان نه ڪين ذاتي طور ۽ نه ئي پارليامينٽ توڙي سندن اقتداري مفادن کي ڪو فائدو رسي رهيو آهي بس عوام سميت سڀني جو نقصان ٿي نقصان ٿي رهيو آهي.

اها به حقيقت آهي ته موجوده ملڪي ۽ جمهوري نظام کي اسٽيبلشمينٽ جي مداخلت ئي تباهه ڪيو آهي پر ساڳي وقت اها به حيقيقت آهي ته ان اسٽيبلشمينٽ جي مداخلت کي روڪڻ لاءِ سياسي جماعتن به پاڻ ۾ ڪو اتحاد نه ڪيو اجان به هر جماعت پنهنجي سياسي ۽ اقتداري مفادن لاءِ اسٽيبلشمينٽ جي مداخلت کي قبول ڪيو آهي ۽ ان کي ئي طاقت جو سرچشمو سمجهيو آهي. ان تلخ پس منظر ۾ هڪڙي بينظير ڀٽو ئي سياسي پختگي جو مظاهرو ڪندي جنرل مشرف جي آمريتي دور ۾ مسلم ليگ (ن) سان يادگار "ميثاق جمهوريت" ڪيو ۽ اهو طئي ڪيو ته اڳتي هلي اهي ٻئي جماعتون هڪ ٻئي جي حڪومتن کي ڪيرائڻ لاءِ اسٽيبلشمينٽ جو سهارو نه وٺنديون پر حڪومتن کي پنهنجو مدو پورو ڪرڻ ڏينديون. بينظير ڀٽو ته ترت ئي شهيد ٿي وئي پر پ پ جي 2008 واري حڪومت کان پوءِ آصف زرداري ان معاهدي تحت مختلف وقتن ۾ مسلم ليگ (ن) سان پارليامينٽ جي مفاد ۾ سهڪار ڪندو رهيو ۽ ٻن گڏيل حڪومتن جو به تجربو ڪري چڪيون آهن. ٻئي پاسي پي ٽي آءِ جي وري اها عجيب سياست نظر آئي آهي ته اها وري پارلياماني جماعتن ۽ سندن مئنڊيٽ کي قبول نه ٿي ڪري جنهن ڪري جمهوري ۽ پارلياماني نظام جو رهيو کهيو نور به چٽ ٿي ويو آهي. عمران خان جي سياست جو روح اصل ۾ آمرانو ۽ صدارتي نظام وارو آهي جنهن ڏانهن سندس پيش قدمي رهي آهي. ان ڪري هو پارليامينٽ اندر مخالف جماعتن کي چڻ ڏسڻ ئي نه ٿو چاهي جيڪو غير جمهوري رويو آهي. اسان اهو به ڏسي رهيا آهيون ته هو هر چونڊ کي ڌانڌلي زده قرار ڏئي رستن تي سياست ڪري پارليامينٽ کي ڪمزور ڪري رهيو آهي. جڏهن ته مسلم ليگ (ن) ۽ پ پ وارا چونڊ جي نتيجن تي خوش نه هئڻ باوجود پارليامينٽ ۾ ويهندا آهن پر عمران خان جا ميمبر پارليامينٽ ۾ ويهندا به ته پارلياماني اجلاسن کي متاثر ڪندا آهن.

اسٽيبلشمينٽ سان سڀني کي شڪايتون آهن پر ان اسٽيبلشمينٽ سان سياسي طور ئي مقابلو ڪرڻ گهرجي. اهو ئي درست رستو آهي ڪنهن به آمر سان 9 مئي وانگر ڪا به جماعت نه وڙهي آهي ۽ نه ئي اهڙي ويڙهه سان ڪو اسٽيبلشمينٽ جو ڪنهن وار ونگو ڪيو آهي اجان به سياسي جماعت وڙهي پاڻ مارايو آهي جيئن پي ٽي آءِ جي موجوده صورت حال آهي. اسان جو خيال آهي ته پ پ جو اهو نعرو درست آهي ته جمهوريت ئي بهترين انتقام آهي سو جمهويت ۽ پارليامينٽ کي مضبوط ڪري سگهجي ٿو.

هن وقت بهرحال ڪنهن جو به ڪردار مطمئن جوڳو ناهي اسٽيبلشمينٽ ته موجوده ملڪي تباهي جي ذميوار آهي ۽ افسوس ته اها ماضي جي تجربي مان سکڻ جو به ڪو ارادو نه ٿي رکي پر ان سان مقابلي لاءِ پ پ ۽ مسلم ليگ کي جيڪو ذميوارانو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي سو اهي به نه پيون ڪن خاص ڪري مسلم ليگ (ن) جيڪا حڪومت ۾ آهي ته تنهن کي گهرجي ته اها پي ٽي آءِ سميت سڀني پارلياماني جماعتن کي گڏ ڪئي هلي. مسلم ليگ (ن) جي موجوده حڪومت ۾ پارليامينٽ اندر پي ٽي آءِ جي اڳواڻن جون جيڪي گرفتاريون ٿيون آهن سو عمل به پارليامينٽ لاءِ ڪارو ڏينهن آهي اها جلد خبر پئجي ويندي ته پارليامينٽ مان پي ٽي آءِ جي اڳواڻن جي گرفتارين ۾ وزيراعظم ملوث آهي يا اسٽيبلشمينٽ. سو شهباز شريف جي حڪومت کي اهو سمجهڻ گهرجي ته پي ٽي آءِ سان دشمني وارو ورتاءُ سندس ئي ڳچي ۾ پوندو. تنهن ڪري ان کي گهرجي ته پي ٽي آءِ جي جلسن سياسي رنڊڪ جو به سبب نه بڻجي. ايئن پي ٽي آءِ کي به گهرجي ته اها جلسن جلوسن ۾ غير پارلياماني بولي ۽ بغاوتي تقريرن کان پاسو ڪري. اهڙيون تقريرون ڪري اها نه رڳو پاڻ سياسي خود ڪشي ڪري رهي پر ان سان جمهوري ۽ پارلياماني نظام کي به خطرو آهي. پيو ته سڄي دنيا اندر ملڪ جي بدنامي ٿي رهي آهي. چونڊ جو مقصد ته ڪير به هن وقت ذميوارانو ڪردار ادا نه ٿو ڪري. پارليامينٽ اندر توڙي ٽي وي جي ٽاڪ شوز ۾ جيڪا بازاري ۽ گارين واري بولي ڳالهائي وڃي ٿي سا گهرن ۾ ويهي ٽي وي ۽ موبائلين تي ٻڌي ۽ ڏسي نه ٿي سگهجي. اقتداري ۽ پارلياماني اڳواڻ انتهائي ڪريل. بد تميزي ۽ بدمعاشي وارو ڊيڪ ڏئي رهيا آهن تنهن ڪري ملڪ جي سڀني اسٽيڪ هولڊرن کي گڏجي ويهي ڪري ان مسئلي جو حل ڪيڏو پوندو ۽ ملڪ اندر آئين، قانون ۽ جمهوري توڙي پارلياماني نظام کي بالادست رکڻ لاءِ ڳالهائڻو پوندو پيو نه ته گهٽ ۾ گهٽ سڀني پارلياماني ۽ اقتداري جماعتن کي ان هڪ نڪتي تي اتحاد ڪرڻ گهرجي. ٻي صورت ۾ پارلياماني جماعتون عوام جي نظرن ۾ ڪريل ۽ ڪل جوڳيون بڻيل رهنديون. عوام به مٽي تي هٿ رکي اهو سوچڻ تي مجبور ٿي ويو آهي ته آخر هن ملڪ ۽ جمهوري نظام جو ڇا ٿيندو؟!

سياسي استحڪام ئي معاشي بحران جو حل آهي

سڪندر چنو

پاڪستان ڊيوالپڻي جو شڪار ٿي چڪو آهي. پرنسٽن جي اقتصادي ماهر جيفر ڪارفورڊ پاڪستان جي حڪمرانن ۽ اشرافيا کي خبردار ڪيو آهي ته پاڪستان نه رڳو معاشي مشڪلاتن ۾ ٻريءَ طرح ڦاسي چڪو آهي پر سياسي طور به ڏيڻ ۾ اهڙو ته ڦاسي پيو آهي جو في الحال ان ڏيڻ مان به نڪرڻ جو ٻيو ڪو رستو نظر ڪونه ٿو اچي. هن وقت پاڪستان کي پنهنجي هٿن سان قربو ۽ لٽيو وڃي ٿو ۽ پاڪستان جي عوام کي غربت ۾ ڦاسائي اسٽيڪ هولڊر حڪمران ۽ اشرافيا پاڪستان کان ٻاهر ملڪيتون خريد ڪري رهيا آهن. دبئي ليڪس ۾ اهڙا ته ناڻا ظاهر ٿيا آهن جيڪي هن وقت پاڪستان ۾ اهم ۽ سٺين عهدن تي موجود آهن.

هتان عوام کان ٽيڪس وسيلي پئسو اوڳاڙي ڪرپشن ڪري پاڪستان کان ٻاهر ڪڍيو پيو وڃي پيو ته سڀ ڪجهه پنهنجي جاءِ تي پر بجلي جي بلن ۾ اهڙا ٽيڪس آهن جيڪي گمنام آهن جن کي Other Taxes جو نالو ڏنو ويو آهي. اهي ٽيڪس اشرافيا ۽ حڪمرانن جون جيب خرچيون آهن. ڪيترن ئي سالن کان وٺي نام نهاد Independent Power Purchasers يعني IPPs کي اربين روپيه خوامخواهه ڏنا پيا وڃن. انهن بجلي پيدا ڪرڻ جي نالي تي ڪارخانا لڳايا جيڪي وزيراعظم شهباز شريف جي ٻن پٽن جي نالي تي آهن. سندن ڪارخانن هڪ يونٽ بجلي به پيدا ناهي ڪئي پر انهن کي ڪروڙين روپيا هر مهيني ڏنا پيا وڃن. حڪمران عوام جي اکين ۾ مرچ وجهي قربو ۽ لٽيو پيو وڃي. پر ان خلاف ڪنهن به آواز نه اٿاريو آهي. آمريڪي اقتصادي ماهر جو ويڪ چوڻ آهي ته پاڪستان مٿان دنيا جي قرضن جو ايڏو ته وڏو پهاڙ ٿي ويو آهي جيڪو آسمان سان وڃي لڳو آهي. قرضن جو جبل جيڏو پهاڙ ڪيئن ۽ ڪير لاهيندو؟ ڪٿي اٿين ته ناهي ته دنيا کان قرض وٺي هيءَ حڪمران به پاڪستان کي الوداع ڪندي ٻاهر ڀڄي ويندا ۽ پوءِ حڪومت عمران خان سنڀاليندو جيڪو پهاڙ جيڏن قرضن سان اهو اچي منهن ڏيندو؟ ذريعا اهو به ٻڌائن ٿا ته بني گالا کي رنگ ۽ روغن ڪرڻ جو آغاز ٿي چڪو آهي بني گالا جو مهمان جلد اچڻ وارو آهي.

پاڪستان تحريڪ انصاف جو 8 تاريخ وارو جلسو جيتوڻيڪ گادي واري شهر اسلام آباد کان 100 ڪلوميٽر پري هو ۽ تحريڪ انصاف جي جلسي کي اسلام آباد ۾ اجازت ان ڪري نه ڏني وئي جو حڪومت اُن خدشن ۽ وسوسن ۾ گم ٿي ويئي ته ڪٿي مٿان مائيهو وزيراعظم هائوس ۽ ٻين ادارن تي حملو ڪندي بنگلاديش واري صورتحال نه پيدا ڪري وجهن. حڪومت مٿان خوف طاري ٿيل هئي بهرحال جلسي کان پوءِ اسلام آباد ۽ ٻين لاڳاپيل شهرن ۾ ڇڪتي واري صورتحال پيدا ٿي ويئي آهي. انگريز معاشي ماهر جو ڊيڪ چوڻ آهي ته پاڪستان ملازمن جي پگهارن، پينشن جي ادائيگي ۽ پاور سيڪٽر جيڪو ناڪامي طرف وڃي رهيو آهي پنهنجي اصل رستي تان پٽڪجي ويو آهي. هيءُ اهڙا ته عوام جي تڙي تي لٽ ڏيندڙ ادارا آهن جن جي چار ۾ پاڪستان ٻريءَ طرح ڦاسي پيو آهي جو اتان نڪرڻ جي پاڪستان کي ڪا به واٽ نظر ڪونه ٿي اچي. پاڪستان جون معاشي حالتون هڪ ڀيانڪ تصوير پيش ڪري رهيون آهن. هن وقت دنيا جون نظرون پاڪستان ۾ ڪتل آهن ۽ مختلف ملڪن ۾ سس پس ٿي رهي آهي ته پاڪستان کهڙي طرح نه ٽُٽنگو ڦاٽو آهي. پاڪستان معاشي توڙي سياسي طور وڏو ڪمزور ٿيندو پيو وڃي. دشمن ملڪ پاڪستان مٿان حملو ڪرڻ جي تاڙ ۾ ويٺل آهن. پر الاڳي جو حڪمران طاقت جي نشي ۾ ڌت ٿي سڀ ڪجهه وساري ويٺا آهن. عوام کي جنهن مهنگائي ۽ غربت افلاس جي ڏيڻ ۾ ڦاسايو ويو آهي ان مان خوف ٿي رهيو آهي ته ڪٿي خوني انقلاب جي ڇنڊڪ نه اچي پوي. بلڪل ائين جيئن تيونس ۾ آئي ۽ پوءِ ڪوبه اُن کي وسائي نه سگهيو عوام کي بهتر بجلي ميسر ناهي. لوڊشيڊنگ عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. سمجهه ۾ اهيا ڳالهه نٿي اچي ته هائي جڏهن ماڻهن وٽ سولر سسٽم اچي ويو آهي پوءِ به بجلي جي لوڊشيڊنگ؟ اڄ پاڪستان جي معيشت کي هلائڻ لاءِ 11.974 ٽريلين جي تڪڙي ضرورت آهي. پاڪستان جي گردشي ڪرنسي 9.12 ٽريلن آهي. هن وقت پاڪستان کي ٻاهران پئسو موڪليندڙن ۽ سخاوت ڪندڙ ئي پاڙيون وڃو آهي. جيڪڏهن ٻاهران پاڪستان جو پئسو اچڻ بند ٿي ويو ته پوءِ پاڪستان جو ٿورو گهڻو پرندڙ ڏيٺو به اجهامي ويندو 1960 جي ڏهاڪي ڌاري اڳوڻو فرانسيسي صدر چارلس ڊي گال چيو هو ته ڊالر جي دنيا جي بنيادي ڪرنسي جي حيثيت سان آمريڪا کي ٿيندڙ فائدن تي آءُ سخت تنقيد ڪيان ٿو هن وقت به آمريڪا اڪثر ملڪن جو وڏو قرض آهي. پاڪستان جو مستقبل اونداهي ڏانهن تيزيءَ سان وڃي رهيو آهي چاڪاڻ ته پاڪستان جي معيشت بدستور خطرناڪ حالتن ۾ اچي ڦاسي پئي آهي. ان مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ ڪنهن وٽ به اهليت ۽ عقل ناهي. سڀ پنهنجي مال بنائڻ ۾ لڳا پيا آهن. اسحاق ڊار يا اورنگ زيب خان جڏهن حڪومت گهر پيڙو ٿيندي ته پوءِ ڪاڏي ويندا؟ ان بابت وڌيڪ ڳالهائڻ جي ضرورت ناهي. پاڪستان جي حڪمرانن گهرجي ته ڪجهه صبر ۽ سهپ جو مظاهرو ڪري ملڪ ۾ سياسي استحڪام آندو وڃي چاڪاڻ ته ان کان سواءِ ملڪ جي اقتصادي ٻيڙو ڪڏهن به ترندو ڪونه پر اجان به ٻڏندو ئي رهندو ملڪ جي حالت سري لنڪا کان به وڌيڪ خطرناڪ حد تائين پهچي چڪي آهي. ان کان اڳ جو دير ٿي وڃي ۽ سڀ افسوس ڪندا رهن ملڪ ۾ سياسي استحڪام آڻڻ لاءِ حڪومت ۽ اپوزيشن کي هڪ ٽيبل تي ويهڻ گهرجي. پوءِ پلي اهو عوام خاطر هجي يا ملڪ خاطر. دشمن ملڪ پاڪستان جي ڪمزورين مان فائدو وٺي سگهي ٿو.

طالبان تحريڪ جي مضبوطي جو پسمنظر

رياض ابڙو

اها بي ڳالهه آهي ته طالبان کي سڀ کان وڌيڪ چندا، امدادون ۽ پيسا عرب ملڪن مان مليا ۽ پوءِ افغانستان اندر ڪڏهن مجاهد، طالبان ۽ ڪڏهن افغان نيم فوجي جوان بڻجي وڙهيا. انهن مجاهدن ۾ ايشيائي ملڪن جا ويڙهاڪ به شامل رهيا، جن کي گهربل تربيت ڏئي جنگي ميدان ۾ موڪليو ويندو هيو جن جي جوش جي اها حد هئي ته "اهي جهاد في سبيل الله ۾ حصو وٺڻ آيا آهن" جن جي رجسٽريشن ۽ داخلا پاڪستاني بارڊر تي ٿيندي هئي ۽ تصديقي عمل کانپوءِ انهن کي جهاد ۾ شموليت اختيار ڪندا هيا. اهو به واضح هيو ته انهن سڀني جهادي تنظمن جا فائنانسر عرب ملڪ هوندا هيا. پاڪستاني احمدي رشيد (صحافي) جي ڊيٽا جي مطابق 1982 کان 1992 تائين 35 هزار جهادي تنظيمون يا شخص ان ڪم ۾ شامل رهيا. پر ان سڄي فنامانا مان مراد رڳو مذهبي انتها پسندي کي اڀارڻو ۽ هوا ڏيڻي هئي ته جيئن ٻئي ڪم ٿين. معني آمريڪا جي "ڪاز" به هلي ۽ جهاد في سبيل الله به ٿئي. جڏهن ته ان سڄي وارتا جي پٺيان آمريڪا جو سڌو سنئون هٿ به هيو ته جنگ جاري رهي. انهن ڪمن ۾ خاص اهو هيو ته روس جي اڳيرائي کي پنجو ڏجي ۽ اسلامي شدت پسندي به وڌي. پر جڏهن ڪم نڪري وڃي ته انهيءَ شدت پسندي کي وري ڇنڊجي ڇڻجي ۽ جيپياتجي ۽ ائين ئي هٿيارن جو ڪاروبار به هلي پوي. چوته انهن ٿي طريقن سان گهرو ويڙهه جو سلسلو هٿيارن جي ڊوڙ، مذهبي انتهاپسندي طالبانائيزيشن، اسلامو فوبيا جي واڌ ۽ مسلمانن جي خواري جا سامان تيار ڪرڻا هيا. اها بي ڳالهه آهي ته انهن چالن جي پٺيان ڪٿي آمريڪا، سي آءِ اي، لوڪل ايجنسيون ۽ سيهوني طاقتون هيون. ان ڏس ۾ مذهبي جهادي تنظيمون وري اسلام جي خدمت ۽ ڦهلاءَ جي لاءِ به ڪوشان ٿي پيون. پر بيڪ گرائونڊ ۾ آمريڪا جو بيڙو تاري ويون. ان اپار ڪانسواءِ روس جي خلاف اسلامي جهادي تنظيمن جو هڪ ٿيڻ مشڪل هيو چو ته مذهب جي نالي ماڻهن ۾ جوش، جذبو اتحاد ۽ انهن کي منظم ڪرڻ آسان هيو ۽ عربن به ان ڳالهه ۾ آمريڪا جو ساٿ ڏنو.

ان وقت جي نيويارڪ ٽائيمز مطابق طالبان هڪ ننڍڙي تحريڪ يا ڳالهه مان اڀري وڏي طاقت ٿي ويا. جنهن جو اندازو شايد لوڪل ايجنسين ۽ سي آءِ اي کي پهرين ئي هيو. چوته طالبان گهڻي ڀاڱي هيٺئين طبقي مان اڀرندا، داخل ٿيندا، ملندا پاڻ سلهاڙيندا ۽ طالبان جي تحريڪ کي منظم ڪندا ويا. جيئن ايران جي آيت الله خميني جي تحريڪ کي عام طبقي ۽ اتان جي مذهبي جنونيت وڏي هٿي ڏني. تيئن ئي طالبان جي تحريڪ ائين ئي پروان چڙهي. مارچ 2000 ۾ طالبان به خشابي طبقي، مدرسن، واپارين ۽ مذهبي جنون رکندڙ طبقن ۾ پنهنجي خيال کي پختو ڪيو ته هو جيڪي به ڪن پيا يا جيڪي به ڪندا. اهو سڀ اسلام جي لاءِ ۽ اسلام جي خاطر هوندو. طالبان جي سڄي تحريڪ دوران يا اُنهن وقت انهن جي اڳواڻي ۽ قيادت مان اهي واعدا پڪا ٿي چڪا هئا ته اهي هڪٻئي کي سيڪيورٽي مهيا ڪندا ۽ فتح جي آخري گهڙيءَ تائين وڙهندا رهندا. ان ۾ هتان سان لوڪل ايجنسيون ۽ سي آءِ اي جو ساٿ رهندو آيو.

1989 ۾ سوويت جي ريڊ آرمي جي هارائڻ ڪانپوءِ افغان صدر نجيب الله تن سالن تائين افغان سرڪار هلائيندو رهيو پر 1992 ۾ ڪميونسٽ پارٽي جي صدر نجيب الله کي آخر تاجڪ فورسز جي مجاهدن ڪرسيءَ تان لاهي ڇڏيو پر رباني، احمد شاهه مسعود، ازبڪ لساني گروهه جي سربراهه جنرل راشد دوستم اها ڳالهه ۽ فتح سنڀالي نه سگهيا ۽ حڪمت يار ولي فورن نئين سرڪار ناهڻ جو اعلان ڪيو ۽ بيدرديءَ سان جبلن جي اونچائي تان بم ڪيرائيندو رهيو جنهن ۾ پختون ۽ افغان (فارسي) مجاهدين هارائجي ويا، ۽ هتي اولهه افغانستان جو گهڻو حصو قبضي ۾ وٺي ڇڏيو جيڪي ڪابل ۽ هيرات تائين ڪاهيندا آيا. اوڀر افغانستان ۾ تنهن مهل تائين پختون مجاهد قابض هيا. اهو جهيڙو مسلسل 10 مهينا هلندو رهيو پر وري ڏکڻ افغانستان حالتون وري به گهٽتي جوڳيون رهنديون آيون. جو هيومن رائيٽس کي ان ڳالهه جي گهٽتي هئي ته اهي انهن ماڻهن جي جان، مال، عزت، آبرو جي حفاظت ڪيئن ممڪن ڪن ۽ انهن کي ڌاڙن، ڦورن ۽ چورين، زنا ۽ برايين کان ڪيئن بچائن؟ چو ته اهي سڀ چوٽ چڙهي ويون هيون. افغانستان سڄو ڦڙ بري پيئي جو ڪير ڪنهن سان ڪنهن به ڳالهه ۾ سهمت نه هيو.

جنرل دوستم وري رباني ۽ احمد شاهه مسعود سان ڳالهين ۾ ٺهڻ کان نابري واري ڇڏي هئي، ۽ انهن وري حڪمت يار سان ناهه ڪري ڪابل تي بم وسائڻ شروع ڪيا، ۽ ائين ئي هڪٻئي مٿان گولاباري ڪندي انهن 10 مهينا گذاريا. جو اهڙن بم بارودن، حالتن جي خراب ٿيڻ، خونريزي، ڌاڙن، چورين، زنا جي واقعن جي واڌ جي ڪري ماڻهن جي زندگي زهر ٿي وئي هئي. ۽ وري اهڙين حالتن ۾ وري طالبان جي فورسز جو اُڀرڻ ناگزير ٿي پيو ۽ ايستائين جو جيڪي به طالبان، پختون ۽ مذهبي جنون رکندڙ پاڪستاني مدرسن ۾ پڙهن پيا. اهي به طالبان جي همدرديءَ ۾ لهي پيا. تحرڪ زوروري جو ماڻهن جو گهڻو انگ طالبان جي حمايت ۾ لهي آيو ۽ ملان محمد عمر افغان پختون، غلزئي قبيلي جا ماڻهو هوتڪ قبيلي جا ماڻهو به ائي ڪڙا ٿيا جيڪي طالبان جي مدد لاءِ تيار ٿي ويا.

صحافي احمد راشد جي رپورٽ مطابق ان دوران (ان سال) ٻن ڇوڪرين جي اغوا جو واقعو قنڌار ۾ پيش آيو جنهن ۾ انهن طالبان جي مدد لاءِ پڪاريو جنهن ۾ طالبان جي گروهن جنرل دوستم جي آرمي تي حملو ڪيو ۽ انهن ٻن ڇوڪرين کي آزاد ڪرايو ۽ ائين ئي طالبان جي هُوڪَو ئي وئي. اهي ماڻهن جي مدد ڪندي، ماڻهن کي چورين، ڌاڙن، ڦرن ۽ زنا جي ڪيسن ۾ جنرل دوستم جي گروهن کان ماڻهن کي آجو ڪرائيندي ڊيڪاريا ويا ۽ ائين اهي افغانستان ۾ پنهنجي جاءِ ناهي ويا.

آڪٽوبر 1994 ۾ طالبان جي گروهن "اسپن بالداڪ" جي بارڊر تي قبضو ڄمايو ۽ 3 نومبر تي طالبان قنڌار تي حملو ڪري ڏنو 48 ڪلاڪن ۾ شهر تي قبضو ڪري ويا، ۽ هر روز هڪ نئين فتح ڪندا ويا. جنرل دوستم جا جٿا هارائيا ويا. 11 فيبروري 1995 تي 30 صوبن مان طالبان 9 صوبن تي قبضو ڪري ويهي رهيا. 5 سيپٽمبر 1995 تي طالبان هرات تي قبضو ڪيو هڪ سال ۾ جلال آباد ۽ 15 ڏينهن ڪانپوءِ 26 سيپٽمبر 1996 تي طالبان ڪابل تي قبضو ڪري ويا. آهستي آهستي ڪندا اهي افغانستان جي صوبن تي قبضو ڄمائيندا ويا ۽ ماڻهن جي حمايت به وٺندا ويا. جنرل ملڪ وري جنرل دوستم سان بغاوت ڪري طالبان سان ملي ويو ۽ 24 مئي 1997 تائين طالبان مزار شريف تي قبضو ڪري ويهي رهيا. جو آگسٽ 1998 تي طالبان وري شديد فائرنگ، گولاباري ۽ بمباري ڪري جنرل دوستم کي ازبڪستان ڀڄائي ڇڏيو باقي رڳو احمد شاهه مسعود ٿي رهيو جيڪو هٿيار ڦٽا ڪرڻ ۾ دير ڪري رهيو هو لوڪل ايجنسين ۽ آءِ ايس آءِ جي سڌي سنئين آشيرواد هجڻ جي ڪري طالبان ڏينهون ڏينهن همت ۽ جوش سان مخالفن کي ڀڄائي ڇڏيو چوته قنڌار جي قبضي ڪانپوءِ هنن جي جٿن ۾ گهڻي ڀاڱي پاڪستاني مدرسن مان ماڻهو شامل ٿيندا ويا. پاڪستاني جميعت علماءِ اسلام جا مجاهد هنن سان گڏجي ويا، ۽ 1994 تائين تقريبن 12 هزار پاڪستاني ۽ ٻاهريان مجاهد هنن سان گڏجي پيا. جنهن سان افغاني پختونن کي وڙهڻ ۾ آساني ٿي. جنهن جي سپورٽ ۾ لوڪل ايجنسيون ۽ سي آءِ اي ڪلهوڪلهي بيٺيون هيون. جنهن سان طالبان کي وڏي طاقت ۽ همت ملي ۽ اهي آهستي آهستي افغانستان تي قبضو ڄمائيندا ويا، ۽ انهن جي تحريڪ مضبوط ٿيندي وئي.

1997 ۾ جڏهن هنن مزار شريف ۾ مارچ ڪيو تڏهن غير ملڪي ماڻهن ۾ پاچ پئي هئي. چو ته هنن طالبان جو مقصد هيو ته اهي جنرل دوستم جي ڊپٽي جنرل ملڪ کي پڪڙي هٿ ڪن. پر بجاءِ جو هنن کي ڪو رنڊ روڪ ٿئي. پر الٽو هنن کي آساني ٿيندي وئي، ته اهي ڏينهون ڏينهن وڃن قبضا ڪندا. پر احمد شاهه مسعود جي علائقن تي قبضو ڪرڻ هنن جي ڏکيو ٿي پيو هو جيڪي مشڪل سان 10 سيڪڙو علائقي تي قابض هيا. جهيڙو چڻ انهن گروهن جي وچ ۾ هلي پيو جيڪي آمريڪي آشيرواد وارا هيا، جيڪي سوويت يونين جي مدد سان هلي رهيا هئا. پر ان وري ڪجهه پنجابي طالبان جا گروهه جن ۾ 5000 ماڻهو (طالبان ۽ فوجي) شامل هيا، جيڪي احمد شاهه مسعود سان ويڙهه لاءِ پهتا، چو ته احمد شاهه مسعود ڪيترن پاڪستانين کي جيل ۾ بند ڪري ڇڏيو هيو مقامي ايجنسي جو هڪ جهونو ايجنٽ امام سلطان عامر پاڪستان طالبان جي لاءِ ريڙهه جي هڏي هيو انهن جي مدد سان هٿيارن جي ايڪسپورٽ، آفيم، چرس ۽ ٻين سمگلنگ جي ڪمن ۾ هٿي ملندي هئي. جنهن طالبان جي جهادي تحريڪ هلندي رهي ۽ ڪامياب به ٿي. طالبان جي تحريڪن کان اڳ مشڪل سان 8 هزار مدرسا هوندا هيا. پر 1998 ڪانپوءِ انهن مدرسن جو تعداد 25 هزار ٿي ويو جنهن ۾ 25 لک طالبان (خشابي) ديني تعليم پرائي رهيا هئا. جن دارالعلوم حقانيه جهڙا مدرسا هلندا رهيا. انهن ۾ معمولي پڙهيل لکيل طالبان ٺما ملان پارن کي طالبان جي جهادي تنظيمن جا سبق پڙهائيندا هيا. ان سڄي وارتا ۽ تحريڪن ۾ اسامه بن لادن کي فڪس ۽ فٽ ڪرڻو هيو. اسامه بن لادن جي نيت ورڪ کي سوڊاني سان ملائي گڏيل هلائيندا رهيا ۽ تحريڪ مضبوط ٿيندي وئي.

12 سيپٽمبر_ ايم آر ڊي شهيدن جو ڏهاڙو

ممتاز ملاح

12 سيپٽمبر 1983ع ۾ ايم آر ڊي تحريڪ جي ڪارڪنن ۽ شهر واسين پاران خيرپور ناٿن شاهه شهر جي روڊن رستن تي آمر ڊڪٽيٽر جنرل ضياءَ جي مڙهيل زبردستي آمريتي مارشل لا حڪومت خلاف ۽ جمهوريت جي بحالي لاءِ پُرامن احتجاجي مظاهرن جو سلسلو شروع ٿي ويو قانون لاڳو ڪندڙن کي مليل حڪم تي ڪي اين شاهه شهر ۾ سخت ڪرفيو نافذ ڪيو ويو. ماڻهن کي پنهنجن گهرن تائين محدود رکڻ لاءِ مٿن سختيون وڌيون ويون. ايم آر ڊي تحريڪ پاران جڏهن گرفتاريون پيش ڪرڻ لاءِ خيرپور ناٿن شاهه جي اهم سياستدانن ۽ نڪ سياسي ڪردارن ۾ اڳوڻو ايم پي اي مرحوم امير بخش جوڻيجو ۽ اڳوڻو وفاقي وزير مرحوم حاجي ظفر علي لغاري، اڳوڻو ايم اين اي مرحوم رفيق احمد مهيسر، اڳوڻو ايم پي اي مرحوم منور خان ٻٽ، امير علي ابڙو، مرحوم عبدالقادر ٻگهيو عبدالحليم مهيسر، مرحوم راجا بشير احمد ٻگهيو، عبدالغني چانڊيو مرحوم ڪامريڊ لياقت علي ڪوسو بجل پليجوٽ مرحوم سردار مير خان پيس مرحوم محمد الياس جوکيو قاضي محمد اشرف، فيض چانڊيو عبدالجبار ڪوسو مرحوم غلام حسين جانوري، مرحوم وڪيل رسول بخش بروهي، شهاب عباسي، آفتاب چانڊيو نور محمد چانڊيو مرحوم حاجي نبي بخش شيخ، امام بخش قمبراڻي، ڪامريڊ بخشل گوريلو راجا لغاري، شڪور چنا، بخشل چانڊيو مرحوم تراب سانگي، گل جاني بروهي، محمد جعفر سوهو، بدرالدين شيخ، بدر چانڊيو، حبيب الله لانڌر سميت ٻين ڪارڪنن "جيل ڀريو تحريڪ" جي فيصلي تحت گرفتاريون پيش ڪرڻ لاءِ جڏهن خانپور جوڻيجو ۽ سيتارو ڪان عوام جي وڏي انگ ۾ ڌار ڌار جلوسن جي صورت ۾ خيرپور ناٿن شاهه پهتا، جيڪي جلوس عوام جي وڏي انگ جي شڪل اختيار ڪندي اڳتي وڌڻ لڳا ته فوجي قوتن اُن کي روڪي ورتو

عوامي جلوس جيڪو مختيارڪار جي اين شاهه آفيس پرسان سب جيل طرف وڌڻ لڳو. جنهن جلوس کي "ريسٽ هائوس" وٽان گذرڻو هو جتي ريسٽ هائوس وٽ قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪارن جي هيڊ آفيس طور تي "مين پوائنٽ" هئي. جتي فوجي دستي جي رهائشگاهه ٻڻ هئي. عوامي ردعمل "جيل ڀريو تحريڪ" جو قافلو سڌو مختيارڪار آفيس سب جيل ڏانهن وڌي رهيو هو جنهن وڏي هجوم کي ڏسندي قانون لاڳو ڪندڙن پاران عوام جي وڏي هجوم کي چڙوچڙ ڪرڻ لاءِ ڳوڙها آڻيندڙ گئس جا گولا اڇلايا ويا، زبردست گئس شيلنگ ڪئي وئي، جيئن ماڻهن کي اڳتي وڌڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، گئس شيلنگ دوران "ريسٽ هائوس چوڪ" جهيڙي جي ميدان ۾ تبديل ٿي ويو صورتحال هٿان مان نڪرڻ لڳي هئي. جلوس جي مجربيل ماڻهن اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪافي ماڻهو اڳتي وڌيا ۽ مختيارڪار آفيس ۾ ٻهچي پيچ جا هه ٻڻ ڪئي، مجربيل ڪارڪنن مختيارڪار آفيس ۾ سندس بيٺل جيپ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو

هي ڀهريون واقعو هو جيڪو جنرل ضياءُ الحق جي آمريت سان ڀرپور نفرت جو اظهار ڪندي باهيون ڏيڻ جو ڀرپور مظاهرو ڪيو ٻئي طرف ايم آر ڊي جا سوين ڪارڪن جمهوريت جي بحالي جي سخت نعريبازي ڪندي "ريسٽ هائوس" اڳيان پهتا ته ريسٽ هائوس ۾ موجود قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪارن ايم آر ڊي "جيل ڀريو تحريڪ" جي جلوس مٿان هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا.

آمريت سان ڀرپور نفرت جو اظهار ڪندي باهيون ڏيڻ جو ڀرپور مظاهرو ڪيو ٻئي طرف ايم آر ڊي جا سوين ڪارڪن جمهوريت جي بحالي جي سخت نعريبازي ڪندي "ريسٽ هائوس" اڳيان پهتا ته ريسٽ هائوس ۾ موجود قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪارن ايم آر ڊي "جيل ڀريو تحريڪ" جي جلوس مٿان هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا، جتي حساس ادارن جي اهلڪارن ماڻهن مٿان سڌي فائرنگ ڪرڻ شروع ڪئي وئي. هڪ طرف هٿين خالي جمهوريت جا پروانا هئا جيڪي ملڪ ۾ لاڳو مارشل لا خلاف روڊن تي نڪتل هئا. جمهوريت جا ديوانا جمهوري نظام آڻڻ ۽ ڊڪٽيٽرشپ جي خاتمي جون صدائون بلند ڪندي نعريبازي ڪري رهيا هئا. جمهوريت جي ديوانن جي سينن تي رياستي اهلڪارن ظلم برپا ڪندي سڌيون گوليون هلائي ڪي اين شاهه جي رستن ۽ روڊن کي سندن جي رت سان ڳاڙهو ڪري ڇڏيو ڪي اين شاهه جا روڊ رستا انساني رت سان وهنجي ڳاڙها ٿي ويا. ان وقت ڪي اين شاهه ۾ 'قيامت صغري' برپا ڪئي وئي. جمهوريت جي پروانن کي جمهوريت جي قيام جي نعري هڻڻ تي ڪين اينترو پوڳلو پيو جو سندن لاش ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين روڊن تي لاوارث پيل رهيا. وارثن هوندي لاوارثي جيان شهيدن جي لاشن تائين وارثن کي به اچڻ نه ڏنو ويو شهر مٿان به گولين جي برسات هلائي شهرين کي هراسان ڪري ڪين گهرن ۾ بند رکيو ويو. 12 سيپٽمبر جي ڏينهن جمهوريت جي بحالي لاءِ جدوجهد ڪندڙ 9 ڄڻا موقعي تي ئي شهيد ٿي ويا.

هي ايم آر ڊي تحريڪ جو ڀهريون واقعو هو جنهن ۾ خيرپور ناٿن شاهه جي ڌرتي ايم آر ڊي شهيدن جي رت سان ڳاڙهي ڪئي وئي. قلم 144 لاڳو هجڻ ڪري ماڻهن کي گهرن ۾ بند (قيد) رکيو ويو هو. ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين شهيدن جي وارثن کي لاش کڻڻ لاءِ پريشانين کي منهن ڏيڻو پيو اڪثر ماڻهو پنهنجن پيارن جي ڳولا ڪندي بيهوشي جي عالم ۾ گر ٿي ويا هئا. رياستي اهلڪارن جو خوف ۽ حراس، ڏهڪاءُ سڄي شهر ۽ تعلقي ۾ ڦهليل هو گولين هلڻ جو خطرناڪ سائرن وڃي رهيو هو اڪثر شهري پاڻ کي غير محفوظ سمجهي رهيا هئا، فائرنگ جي ان ڪنندڙ سلسلي سبب هراس ڇانيل رهيو معصوم ٻارڙا خوف وچان ڪيهات ڪري رهيا هئا. اهڙي دردناڪ واقعي سبب ڪيترين ئي عورتن جا حمل به ضايع ٿي چُڪا هئا، جنهن ڪري ته ڪي اين شاهه ۾ ڪربلا جهڙو دردناڪ واقعي پيش جنم ورتو هو جي.

ايم آر ڊي تحريڪ دوران ڪي اين شاهه ۾ ٿيل دردناڪ واقعي کي 41 سال گذري ويا آهن. پر واقعي کي ياد ڪندي اڄ به اکين مان ڳوڙها ترپ اچن ٿا، جيڪي شهيدن کي پيتا ڏيڻ لاءِ ڳوڙها ڳڙي پڇن ٿيون پهچي وڃن ٿا. هونئن ته پيپلزپارٽي سندڙ ۾ اڪثر حڪومت ناهڻ جي پوزيشن ۾ رهي آهي. ايم آر ڊي جي شهيدن جي پوزيشن ۾ وقت بوقت نوڪريون ڏيڻ سميت سندن جي سار سنڀال لهڻ ۽ شهيدن جي قبرن، مزارن تي حاضري ڀري فاتحه خواني ڪرائي ڪين پيتا پيش ڪرڻ لاءِ هر سال نئين توڙي وڏا جلسا ۽ تقريبون منعقد ڪيون وينديون آهن. خيرپور ناٿن شاهه ڊگري ڪاليج جي ٻاهه پاس وٽ شهيدن جي نالي سان "خوبصورت يادگار" جوڙايو ويو آهي. جنهن تي ايم آر ڊي جي شهيدن جا نالا پڻ لکيل آهن. جمهوريت جي بحالي لاءِ پنهنجون عظيم قربانيون ڏئي پاڻ هميشه لاءِ امر ٿي ويا ۽ تاريخ ڪين سنهرن اکرن ۾ محفوظ ڪري سڀني سان لڳائي ڇڏيو آهي. پيپلزپارٽي پاران هر سال شهيدن کي ياد ڪري ڪين پيتا ڏيڻ لاءِ تقريبون منعقد ڪيون وينديون آهن. قومي هيروز کي سلام پيش ڪيو ويندو آهي. ايم آر ڊي تحريڪ دوران سرگرم اڳواڻ رهندڙ اڳوڻي ايم پي اي امير بخش جوڻيجو جي پوٽي ڪي اين شاهه تڪ پي ايس 83 تڪ تي بنا مقابلي چونڊيل پ پ ايم پي اي زبير احمد جوڻيجو پاران 12 سيپٽمبر جي ڏهاڙي تي سندس رهائشگاهه جوڻيجا هائوس خانپور جوڻيجو تعلقه خيرپور ناٿن شاهه ۾ شهيدن جي ورسي ملهائي ويندي.

ميڊيا جا شَشڪا

سڀ سيوڻي حال

ثاقب ابڙو

لڳ ڀڳ گذريل ويهن سالن کان پرنٽ، براڊڪاسٽ، اليڪٽرانڪ ۽ ڊجيٽل ميڊيا جي گڏيل تجربي جي آڌار تي آئون اهو چئي سگهان ٿو ته ميڊيا (شايد) اهو واحد شعبو آهي جنهن ۾ لاڳاپيل تعليمي قابليت رکندڙ نوجوانن جي ڀرتي ٻين شعبن جي ڀيٽ ۾ گهٽ انگ ۾ ٿيندي آهي. سواءِ ڪجهه وڏن ادارن ۽ ان ۾ به. سواءِ ڪجهه ٽيڪنيڪل عهدن مثال: مارڪيٽنگ ۽ سيلز، فنانس ۽ آڊٽ، هيومن رسورس يا وري نيوز ۽ ڪرنٽ افيئرز واري شعبي ۾ لاڳاپيل ڊگريون رکندڙ ماڻهن کي شامل ڪيو وڃي ٿو باقي ان ڪانسواءِ ٻين شعبن ۾ گهڻي ڀاڱي اميدوارن جي تعليمي قابليت جو عهدي يا شعبي سان ڪو تعلق ناهي هوندو. فقط گهربل گهٽ ۾ گهٽ عمر، تجربو ڪِرت تي مهارت يا شروعاتي طور هڪ سيڪڙات طور شموليت ۽ پوءِ اڳتي هلي ڪم ڪار سنڌو ۽ چال چلت چڱي ڏسندي فيصلو ڪيو ويندو آهي ته ڪيس ڪٿي ڪتب آڻجي. ۽ وري ميڊيا ۾ ڪم ڪندڙن جون پگهارون ٻڌندئو ته گهٽن جو چرڪ ڇڏائجي وڃي.

اوهانکي خبر آهي ته جيڪي هِن ڪِرت سان ناتو نڀائيندا پيا اچن سي گذرسفر خاطر يا ته هڪ ئي وقت به ٽي ٽي نوڪريون پيا ڪن يا هن شعبي ڪانسواءِ ڪو ٻيو ڪم ڪم نٿا ڇائين انڪري هن شعبي ۾ آهن. الائي ته ڪيترا آهن جيڪي حسين خوابن جي ڪوڙين تعبيرن پٺيان پنهنجو وقت، ٽيلينٽ ۽ عمريون وڃائي چڪا آهن ۽ پوئتي وري اهڙا سوين سڪايل منتظر ويٺا آهن. چوجو ڪين صرف ميڊيا جا ششڪا پيا نظر اچن. قبر جو حال _ مُردي کي خبر!

اصل ۾ مسئلو اهو آهي ته ميڊيا جي مٿي ڄاڻايل شعبن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ گهربل تعليمي قابليت ماس ڪميونيڪيشن، ميڊيا سائنسز يا ميڊيا اسٽڊيز ناهي. پر انهن شعبن ڪانسواءِ جهڙوڪ پروگرامنگ، پراڊڪشن وغيره ۾ ته ميڊيا گريجوئيٽس گهربل هجڻ کپن پر نه... ! پوءِ آخر سڄي ملڪ مان هر سال ميڊيا پروگرامن جون ڊگريون ماڻيندڙ هزارين نوجوان ڇوڪرا ڇوڪريون ڪيڏانهن وڃن؟ جن سرڪاري ۽ خانگي يونيورسٽين ۾ داخلا حاصل ڪئي ۽ ڏينهن رات هڪ ڪري مختلف شعبن ۾ مهارت سکي ۽ ڊگري ماڻي آهي. دارو ئي ڪراچيءَ ۾ ٿيل هڪ تربيتي پروگرام ۾ غازي صلاح الدين، ڪمال صديقي ۽ وسعت الله خان جهڙن ناميارين صحافين ۽ ميڊيا جي سينئرترين شخصيتن کان اهو سوال ڪيو ويو ته آخر يونيورسٽين مان ميڊيا جون ڊگريون ماڻيندڙ شاگردن شاگردياڻين جو مستقبل ڇا آهي؟ ته انهن پاڻ به سڀ کان وڏي پريشاني اها ٻڌائي ته هن شعبي ۾ جيتري کپت آهي مارڪيٽ ۾ وڪران کان وڌيڪ موجود آهي. پيو ته نوجوان لڪير جا فقير آهن. اهو ڄاڻڻ بنا ته هن شعبي جي بنيادي گهرجن ڪي شاگرد پورو ڪري ٿو يا نه بس لهي ميدان ڪن ٿا ۽ پوءِ ٻئي هٿ مٿي تي هوندا اٿن اڄڪلهه سڄي دنيا ۾ ميڊيا ناظرين يا سامعين کي ليائڻ لاءِ نوان نوان لاڙا ۽ طور طريقا آزمائيندو رهي ٿو پر اسانجو ميڊيا گريجوئيٽ ان ڏس ۾ پوئتي آهي. ان ۾ روزگار جي رڪاوٽن کان وٺي مناسب تربيت جي کوٽ، مالي عدم استحڪام ۽ غير مستحڪم سماجي_سياسي ماحول پڻ شامل آهي. انگن اکرن موجب، پاڪستاني نوجوانن جو لڳ ڀڳ 39 سيڪڙو ملازمت ڪندڙن تي ٻڌل آهي ۽ انهن مان يقينن اٽي ۾ لوڻ برابر حصو ميڊيا جي شعبي ۾ آهي. اهو سوال جڏهن ميڊيا ادارن ڏانهن ڪئي وڃجي ٿو ته سندن موجب شاگردن کي نصابي تعليم دوران صنعت جي ضرورتن مطابق مضمون پڙهايا ٿي نٿا وڃن.

ڪيترين ئي يونيورسٽيون اڃا تائين روايتي ميڊيا جا طريقا سيکارين ٿيون. سندن نصاب پرنٽ ۽ براڊڪاسٽ صحافت تائين محدود آهن. جڏهن ته ان جي ابتڙ اڄ جي گهرج ڊجيٽل ۽ ملٽي ميڊيا مهارتن جي آهي. پرنٽ ۽ براڊڪاسٽ ۾ پڻ ڊجيٽل رنگ شامل ٿي چڪو آهي. پر اسان وٽ مواد ناهن. سوشل ميڊيا حڪمت عملي، ڊيٽا اينالٽيڪس، ۽ ڊجيٽل اسٽوري ٽيلنگ ۾ مهارت جي شديد کوٽ آهي.

هڪ صحافي يا ميڊيا ورڪر جي سراسري آمدني ٻين صنعتن جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ آهي. وڏن شهرن کي ڇڏي ڪيترائي وڏا ادارا پنهنجي صحافين کي رڳو سڃاڻپ ڪارڊ ۽ مائيڪ لوگو سميت ڏيئي ڪم سان لڳايو ويندا آهن ته پاڻ به ڪائو ۽ اسانکي به ڪارايو. يعني اشتهار وغيره هٿ ڪري اچو ته ان مان توهانکي توهانجي محنت جي اجرت ملي باقي ماهوار پگهار جو ڪو تصور ناهي پوءِ نتيجي ۾ ڪيبن وارو، رڪشا وارو، ننڍو وڏو پيو ڪاروبار ڪندڙ ماڻهو پنهنجي ذاتي خوشي، دلچسپي ۽ مزي خاطر يا ميڊيا جو دهمان رکڻ خاطر ڪم کي ڪنيوينو آهي ۽ نتيجي ۾ واسطيدار شعبي جو گريجوئيٽ مڪيون پيو ماري. آئون وري به ذاتي تجربي جي بنياد تي اهو ٿي چوندس ته ميڊيا ۾ اڪثر شاگرد، شهرت ۽ ششڪي جي اميد سان اچن ٿا. پر زميني حقيقت مختلف آهي. اڪثر صحافي ۽ ميڊيا ورڪر ڏکين حالتن ۾ ۽ گهٽ پگهار تي وڏو عرصو ڪم ڪن ٿا. ڪيترائي وڏا ادارا به ٽي ٽي چار چار مهينا پگهارون نٿا ڏئي سگهن. جان جو جوکم ڌار اٿن.

ان صورتحال ۾ ڊجيٽل ميڊيا ڏانهن ماڻهن جو لاڙو ضرور وڌيو آهي. پر اتي به پيا چيلينجز آهن. شروعاتي خرچ ڀَڪي کي ذاتي ڪيسي مان منهن ڏيڻ. تسلسل سان مواد پيش ڪرڻ. ڊجيٽل مارڪيٽنگ ۽ سوشل ميڊيا جي مهارت هجڻ وغيره. انهن سمورن چئلينجن ۽ صورتحال کي بهتر ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته تعليمي ادارا ميڊيا پروگرام جي نصاب کي اپڊيٽ ڪن. جنهن ۾ ڊجيٽل ميڊيا سان لاڳاپيل صلاحيتن کي وڌائي سگهجي. تحريري نصاب کان وڌيڪ تجربن لاءِ همٿائجي. ڪئميرا، مائيڪ، سافٽ ۽ هارڊويئر جو استعمال يقيني بڻائجي. ڊيٽا صحافت ۽ سوشل ميڊيا مينيجمينٽ کي ضرور شامل ڪجي. ان سان تعليمي ادارن ۽ صنعت جي ضرورتن جي وچ ۾ گهرج ۽ کپت جي فرق کي ختم ڪري سگهجي ٿو شاگردن کي سکيا مرڪزن ۽ تربيتي پروگرامن وسيلي ادارن ۾ انٽرشپس ڏنيون وڃن. ميڊيا هائوسز، اشتهارن جي ايجنسين ۽ ڊجيٽل ڪمپنين ۾ پڻ انٽرشپس آڇيون وڃن. قومي پروگرام تحت سرڪاري سطح تي پڻ ڊجيٽل ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا سان لاڳاپيل مهارتن تي مشتمل تربيتي پروگرام تيار ڪجن جن مان نوجوانن کي لاڀ ملي سگهي. يونيورسٽين ۽ پيشه ورادارن کي بهتر ڪيريئر ڪائونسلنگ ۽ مشاورتي پروگرام مهيا ڪرڻ گهرجن. پاڪستان جي ميڊيا انڊسٽري جو مستقبل انهن ئي نوجوانن جي هٿن ۾ آهي. بس ياد رکجي ته شڪئي واهه واهه ۽ ميڊيا جي

وچ اوڀر جنگ ۾ سعودي عرب ڪهڙي پاسي ٿي سگهي ٿو

پرڏيهي واءُ سواءُ

گذريل سال وچ اوڀر ۾ شروع ٿيل جنگ ختم ٿيندي نظر نه پئي اچي. پر جنگ هلندي به اسرائيل پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي رهيو آهي. عالمي دٻاءُ باوجود اسرائيل فلسطين جي علائقن ۾ پنهنجيون آباديون وڌائي رهيو آهي.جڏهن ته سعودي عرب جيڪو جنگ شروع ٿيڻ کان اڳ اسرائيل کي تسليم ڪرڻ جي ويجهو هو. هن وقت به اسرائيل اهڙي ڪوشش ڪري رهيو آهي ۽ موٽ ۾ سعودي عرب سان ڪنهن مشروط ڳالهه کي مڃڻ لاءِ تيار نظر نه پيو اچي.

آمريڪي پرڏيهي وزير انٽوني بلنڪن جو چوڻ آهي ته غزه ۾ جنگبندي سان گڏ. جنوري ۾ نئين آمريڪي صدر جي اچڻ کان اڳ سعودي عرب امڪاني طور تي اسرائيل کي تسليم ڪري سگهي ٿو هيٺي ۾ نيوز ڪانفرنس ڪندي بلنڪن چيو ته جيڪڏهن جنوري کان اڳ غزه ۾ جنگبندي ٿي وڃي ٿي ته سعودي عرب جي اسرائيل سان لاڳاپن معمول تي اچڻ جو هڪ موقعو اڃا به موجود آهي. هن چيو ته جيڪڏهن غزه ۾ جنگبندي ٿئي ٿي ته امڪان آهي ته جو بائيڊن جي عهدي ڇڏڻ کان اڳ سعودي عرب اسرائيل کي تسليم ڪري وٺي.

آمريڪا وچ اوڀر ۾ ٻه رياستي حل جي حمايت ڪري ٿو پر اسرائيل اجان تائين ضد ڇڏڻ لاءِ تيار نه آهي.ٻئي پاسي سعودي عرب اهڙي صورتحال ۾ اڃا ڦاٿو آهي جو صورتحال مان لڳي ٿو ته يا ته هو فلسطين جي رياست جي قيام جي حمايت ڪري سگهي ٿو يا وري اسرائيل کي ٿي تسليم ڪري سگهي ٿو خطي ۾ جنگ جاري آهي.تياڪڙي جون رسمي ڪوششون به جاري آهن. پر هن وقت تائين ڪا به وڏي اڳڀرائي سامهون نه آئي آهي.

نوجوان ليکڪ ۽ سماج سڌارڪ ساجد مسڻ

جنم ڏينهن جي مناسبت سان

عرفان گل ڏاهري

نئين نسل جي شجيت، سڄاڳ، شجاڻ ۽ سماج سڌارڪ جوانن ۾ ساجد حسين مسڻ جو نالو به نمايان آهي.هن جو جنم 12 سيپٽمبر 1990ع ۾ ڳوٺ چنهڙ ۾ ملل خان مسڻ جي گهر ۾ ٿيو جڏهن هي وڏي ويجهي وڏو ٿيو ته: پيغمبري پيشي سان لاڳاپيل سندس والد ٿي ڪيس علم جي مشعل هٿ ۾ ڏني، جيڪا ڪئي هو اڳتي وڌيو ۽ ابتدائي تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ مان حاصل ڪرڻ بعد ميٽرڪ جو امتحان 2006ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول نصيرآباد مان پاس ڪيائين. جڏهن ته: انٽر ميڊيٽ 2008ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڏوڪري مان مڪمل ڪيائين. اڳتي هلي هن بي ڪام 2010ع ۾ گورنمينٽ ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻو مان پوري ڪئي، ۽ اعلي تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ هن سڀ کان پهرين 2012ع ايم اي انگلش ڪئي، ۽ 2015ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان فرسٽ ڪلاس ۾ پبلڪ ايڊمنسٽريشن شعبي جي ڊگري حاصل ڪئي.

اهڙي ريت، تعليمي سفر سان گڏوگڏ ۾ لکڻ پڙهڻ سان سندس ذوق ۽ شوق 2007ع کان شروع ٿيو جنهن سبب هن ڪيترن ئي علمي ادبي رسالن ۾ پابندي سان لکڻ شروع ڪيو. جنهن ۾ هن ابتدائي طور عوامي آواز جي مئگزين ۾ ٻارڙن جا انٽرويو وٺڻ شروع ڪيا ۽ بعد ۾ هن سنڌ جي مختلف اديبن، محققن ۽ دانشورن جي ڪتابن جي تي تبصرا ۽ تعارف به لکڻ شروع ڪيا، هن سنڌ جي مختلف مدبر ۽ مهان شخصيتن جي باري ۾ به لکڻ شروع ڪيو ۽ سندن زندگيءَ تي مشتمل مختصر ۽ مفصل سوانحي ۽ ادبي خاڪا به لکڻ شروع ڪيا. ايئن هن

ڪاهوڙي ۽ ڄاڪوڙي نوجوان پنهنجي همت ۽ حوصلي سان زندگيءَ جي هر ميدان تي پاڻ ملهائي ڏيکاريو آهي. ڪلڪي ملڪي ۽ سٺي سڀاءَ جو ساٿ ڏيندڙ هن نوجوان جو هر انداز نرالو آهي. تقرير جو فن ته ڪو هن نوجوان کان سکي. جڏهن به ڳالهائڻ شروع ڪندو ته اصل وڻ ئي وڃائي ڇڏيندو ڪچهريءَ جو اهڙو مور جو جڏهن به ڳالهائيندو ته اصل مدلل ۽ مختصر ڳالهه ڪندو. ٻي ٽُڪي ۽ بيڃا ڳالهه کان ته اصل ووڻن ويندو آهي. درگاهه عاليه لواري شريف سان سلهاڙيل هجڻ سبب هو ناچيز شاگرد تنظيم جي هر پليٽفارم تي شاگردن جي همت ۽ حوصلا افزائي ڪندو رهي ٿو ڪيريئر ڪائونسلنگ ۽ گائيڊنس کان وٺندي موٽيويشنل ليڪچرس جي صورت ۾ هر نوجوان جو ڀرجهلو بڻجي. ڪين سندن زندگيءَ ۾ آيل هر ممڪن موقعي جي حاصلات لاءِ به همٿائي ۽ اُتساهي ٿو.

ڪمپيئرنگ ڪرڻ جو به منجهس وڏو ڏانءُ آهي. سياسي سماجي، ادبي توڙي سرڪاري سطح تي ٿيندڙ پروگرام وڏي اعتماد ۽ سمجهداري سان ڪندو رهي ٿو ننڍي عمر ۾ اهڙي شهرت ۽ عزت ڪنهن کي نصيب ناهي ٿيندي.

هن محبتي مٺيادار ۽ سمجهدار ماڻائتي ۽ قربائتي دوست جي من ۾ محبت جي ميخ اهڙي ته ڪتل آهي. جو هن وقت پوليس ڪاتي ۾ رهندي، پنهنجي مسڪينن ۽ ماروئڙن جي هر مسئلي تي اڳيان اڳيان ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ سندن داد رسيءَ جي لاءِ هو هر فورم تي سندن آواز بڻجي. انهن جي ڀرپور نمائندگي به ڪندو آهي. صوفي فڪر جي لاٽ سان لنءُ رکندڙ هن محبتي انسان جو هر قدم ۽ هر ورڪ انسان دوستيءَ جي طرف وڌندڙ رهي ٿو ۽ دعا آهي ته: شال! هي پيارو جُڳ جُڳ جيئي ۽ ائين ئي پنهنجي ديس ۽ ديس واسين جي خدمت ڪندو رهي.

ادبي خبرون ۽ سرگرميون

ڪراچي يونيورسٽي ۾ ٽائون فيڪلٽي ڊسڪشن پروگرام ٿي گذريو

سارتر جو وجوديت وارو فلسفو انسان دوستيءَ جي ڳالهه ڪري ٿو: ڊاڪٽر شير مهراڻي

سارتر وجوديت سان گڏ مزاحمت جو فڪر پڻ وڏي پيماني تي ڏنو: ڊاڪٽر شائستہ تبسم

وجوديت واري فلسفي جو سنڌي ادب تي پڻ وڏو اثر آهي: پروفيسر سليم ميمڻ ۽ ٻين جو خطاب

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي يونيورسٽي ۾ فيڪلٽي آف سوشل سائنسز جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر شائستہ تبسم پاران ٽائون فيڪلٽي ڊسڪشن پروگرام ڪرايو ويو پروگرام ۾ ڊاڪٽر شيرمهراڻيءَ پاران ژان پال سارتر جي ترجمي ڪيل ڪتاب "لفظ" تي ڳالهه ٻولهه ٿي. ڊاڪٽر شيرمهراڻيءَ اهو سنڌي ترجمو سارتر جي آتم ڪٿا واري ڪتاب

نوشهرو فيروز: ناماري اديب ۽ پرووائيس چانسلر جي ڪتاب تي فڪري ويهڪ

نوشهرو فيروز (ور) سنڌ جي ناماري اديب ۽ سنڌ يونيورسٽي سيد الهندو شاهه ڪئمپس نوشهرو فيروز جي پرو وائيس چانسلر ڊاڪٽر اظهر علي شاهه جي ڪتاب "سائنس، ادب ۽ آرٽ" جي فڪري ويهڪ انٽرنيشنل رائٽرس فورم پاڪستان ۽ سنڌي ادبي سنگت ضلعي نوشهرو فيروز جي تعاون سان ٿي، جنهن کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر اظهر علي شاهه چيو ته دنيا ۾ جيڪي به ريفارمز آيا آهن انهن ۾ آرٽ جو وڏو

ڊپٽي ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن شهيد بينظير آباد جي صدارت ۾ اجلاس

راڄو خاناڻي شهر ڪي روشني ۽ خوبصورتي جو مرڪز بڻايو ويندو: ٽائون چيئرمين عرفان ٽالپر

حيدر آباد ۾ ڪوٽڙي واسڻ جو بااثر خلاف احتجاج

سڪندرآباد ڪالوني واسڻ چندرما باگڙي ڌمڪيون ڏيڻ ۽ حراسان ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو

معاملي جو نوٽيس وٺي ڪيسن جي جاچ ڪرائي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

حيدرآباد(رپورٽر) ڪوٽڙي جي سڪندرآباد ڪالوني جي رهواسڻ چندرما باگڙي زال شيارام ڪالہ ٻئي ڌمڪيون ڏيڻ ۽ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون بااثر ماڻهو پاران ڪوڙا ڪيس ڪري حراسان ڪرڻ خلاف حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو هن الزام هڻيو ته سنڌر باگڙي سنڌن خلاف رڻ ٻاري ڏنو آهي ۽ ناحق سنڌن خلاف مختلف ٿاڻن تي ڪيس داخل ڪرائي پريشان ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته اسان شريف ماڻهو آهيون ۽ پورهيو ڪري پيٽ پاليندا آهيون، جڏهن ته سندر باگڙي جو ڪم شريف ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪري پريشان ڪرڻ آهي، هن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ کي اپيل ڪئي.

ملير ۾ بااثر جي گرفتاري لاءِ احتجاجي ريلي، مظاهرو

خانگي ڪمپني جو مالڪ رٽائرڊ ميجر پاءِ سان گڏجي ڪروڙين رپيا ٺڳي ويو آهي

دوکيباز ڪمپني مالڪ ۽ سنڌس پاءُ کي گرفتار ڪري انصاف ڏنو وڃي: مظاهرين

ڪورٽ نوٽيس

اطلاع عام

اس اطلاع عام کے ذریعہ ہر خاص وعام اور خاص طور سے وقار گروپ کے کلائنٹس / کرم فرماؤں کو مطلع کیا جارہا ہے (اس سے پہلے بھی الیکٹرونک، پرنٹ میڈیا کہ ذریعہ مطلع کیا گیا ہے) اسکائی ٹاؤن پروجیکٹ ہالہ ناکہ روڈ حیدرآباد کے تمام امور زیر نگرانی M.M انٹر پرائز انجام دیئے جارہے ہیں۔ اور معاہدہ کے مطابق رجسٹرڈ پاور کا بھی اجرا ہو چکا ہے۔ اس اطلاع عام کا مقصد پروجیکٹ اسکائی ٹاؤن کیلئے جو بھی مسائل ہوں آپ M.M انٹر پرائز کے نمائندوں یا پھر لیگل ایڈمن انچارج محترم عبدالجمیل ہاشمی صاحب سے دفتری اوقات میں رابطہ کر سکتے ہیں۔ اسکائی ٹاؤن میں رہائش پذیر اور قبضہ حاصل کرنے والے کلائنٹس تعاون نہیں کر رہے ہیں مینٹیننس اور دیگر چارجز میں ادائیگی نہیں ہو رہی ہے جس کی وجہ سے پروجیکٹ اسکائی ٹاؤن میں مینٹیننس نہیں ہو رہی اور پلاننگ کے حساب سے ترقیاتی کام جو مکمل ہو چکے تھے۔ حالیہ بارش کی وجہ سے روڈ نیٹ ورک کی ٹوٹ پھوٹ اور دیگر امور تاخیر کا شکار ہو رہے ہیں۔ واضح رہے کہ جن حضرات نے مارکیٹ سے پروجیکٹ کے یونٹس (بغیر تصدیق) میسرس وقار گروپ کی خرید و فروخت کی ہے اس کی ذمہ داری بھی میرے کلائنٹ کی نہیں ہے اس کیلئے آپ وقار گروپ یا اُن کے نمائندوں سے (جن کی توسط سے) لین دین کی ہے رابطہ کریں۔ M.M انٹر پرائز پروجیکٹ کے تمام امور وقار گروپ کے اشتراک سے انجام دے رہے ہیں۔ گزارش یہ ہے کہ متعلقہ ادارہ کی جانب سے الیکٹرک (حیسکو) کی مد میں جو چالان جاری ہوا ہے اور تقریباً 50% فیصد ادائیگی ہو چکی ہے۔ کلائنٹ کی طرف سے عدم ادائیگی کی وجہ سے الیکٹرک اور دیگر سہولیات جیسے کہ گیس اور پانی کیلئے آپ کے تعاون سے رجوع کیا جائیگا۔ گزارش یہ ہے کہ یوٹیلیٹی اور مینٹیننس چارجز کیلئے فوری رابطہ کریں تا کہ بنیادی سہولیات کو مہیا کیا جائے۔ آپ سے صرف حیسکو الیکٹرک (گیس، پانی شامل نہیں ہیں) کے جاری شدہ چالان کی ادائیگی کیلئے گزارش کی جارہی ہے۔ دفتری اوقات میں رابطہ کریں۔

المشتہر: روزینہ بھٹو ایڈوکیٹ (ہائیکورٹ) آفس پروجیکٹ بلیوا اسکائی ہالہ ناکہ روڈ نزد ایشین اسپتال ہیلپ لائن 022-2031133-22/0300-0502044

THE SINDHI MOMIN

COOPERATIVE HOUSING SOCIETY LTD., KARACHI

Scheme 33 Sec-54A, (Regd.) Karachi
(Registered Under Co-operative Societies Act of 1925)
smchskarachi@gmail.com | Cell: 0300-9273407
Flat No; Fahad Terrace, C-1, Makhddom Bilawal Village, Scheme 33, Karachi.

OFFICE OF THE GOVERNMENT COOPERATIVE INSPECTOR / ELECTION OFFICER, SINDHI MOMIN COOPERATIVE HOUSING SOCIETY LTD KARACHI FOR ELECTION TO BE HELD ON 20/10 /2024

No.GCSI/EO/SMCHS/02/2024 Dated 10/09/2024

NOTICE

All members of the **M/s Sindhi Momin Cooperative Housing Society Ltd. Karachi** are hereby information that in compliance order of the **Registrar. Cooperative Societies Sindh. vide Order No. RCS/KYC/908/2024 dated 21-08-2024.** The Annual General Body Meeting of the society for the purpose of holding Election of the President and 1/3rd Members of Managing Committee will be held on **20/10/2024 at, Site office sindhi momin Cooperative Housing Society ltd. Sector 54/A scheme-33. Karachi.**

AGENDA

The agenda of the Meeting will be as follows:-

01. Recitation of Holy Quran ____ 11:00 A.M.
02. Election by secret Ballot ____ 11:05 A.M.
03. Break for Prayers & Lunch ____ 01:00 P.M.
04. Restart of Polling ____ 02.00 P.M.
05. Stop Poling ____ 04.00 P.M.
06. Counting of Votes ____ 04.05 P.M.
07. Announcement of Unofficial Result ____ After Counting.

PROGRAM OF ELECTION/ SCHEDULE

01.Display of List of Members on the Notice Board of the office of the Society on **13-09-2024,**
02.The last date for Filing of objection on list of Members will be on **16-09-2024** 03. Final list of Members will be displayed on the Notice Board of the office of the Society on **18-09-2024,**
04.Nomination form may be obtained by the candidates personally or through authorized representative from the office of the undersigned with request letter in the name of Authorized Election officer between 10.30 A.M to 03.00 P.M. on **19-09-2024 to 23/09/2024**.
05. Nomination paper in respect of Election for the Post of President and Member Managing Committee duly completed should reach in sealed cover in the office of the Society between 10.30 A.M to 03.00 P.M on **24-09-2024 to 25/09/ 2024 Member must submit Nomination form personally)**
06.Display of the list of Contesting Candidates on Notice Board of the office of the Society on **27-09-2024.**
07.Filing of objections on Nomination papers in the office of the Society between 10:30 to 04:00 P.M on **30-09-2024 to 01-10-2024, boss ten 10:31) A.M to 03:00 P.M**
08.Security of Nomination Forms and decision of the objections between 10.30 A.M. to 04.00 P.M on **02-10-2024 to 03-10-2024**.
09.Final list of contesting candidates be displayed on Notice Board of the office of the Society on **05-10-2024.**
10. Withdraw from nomination on till **07-10-2024.**
11. Election by Secret ballot will be held on **20-10-2024**

INSTRUCTIONS

01. The members of the society holding paid up share value of Qualifying Shares of Rs.500/- under Rule 57(i) of the Cooperative societies Rules 2020 should file Nomination papers for the post of President and Member Managing Committeemen.
02. Nomination Forms may be obtained from the office of the undersigned on production of photo copy of CNIC and application form (as per Schedule no.4.
03. The list of members can be obtained from the office of the Society during working day between 10.30 A.M to 3.00 P.M be the undersigned. after paying Rs.2000/- per list
04. The entry in the premises shall be allowed to members/voters only having National Identity Card.
05. No proxy will be allowed in any case for exercising right of vote.
06. Incomplete Nomination Forms will be rejected.
07. Nomination Form without Official Seal will not be accepted

Government Cooperative Inspector
Election Officer,
Sindhi Momin Cooperative Housing Society Ltd. Karachi

عوامي آواز — عوامي اشتهار — Classified Advertisement

اشتهارن لاءِ رابطو ڪريو: 021-35672941-44
موبائيل نمبر: 0333-3840037

عام اطلاع

هر عام ۽ خاص ماڻهن اڳين کي اطلاع ٿو ڪجي ته مرحوم نالي قادر بخش ولد محمد حسن ذات ڏايو درخواست ڪئي آهي ته سندس والده نالي مسمات راحت النساء تاريخ 01.01.1949 تي فوت ٿي وئي آهي ۽ سندس ڪاتي تي وارد اي سٽي سروي سروي/ پلاٽ 1323 اسڪاوٽ پاڙو تعلقو نئون ۽ قبولي زمين سروي بلاڪ / واقع آهي جنهن جو فوتي ڪاتو بدلائڻ لاءِ درخواست ڪئي آهي جنهن ۾ هيٺيان وارث ڄاڻايا ويا

عام اطلاع

اسين ٻئي هرهڪ نالي مير وسيم ولد مير مشتاق حسين ٽالپر 2 مصري ولد دين محمد حاضر حال رهندڙ نورپور تعلقو ۽ ضلعو نوشهرو فيروز جا اسين ٻئي ساک تي بيان ٿا ڏيون ته مسمات فردوس بيگم ڌيءُ مير جڙيل خان ٽالپر کي چڱي طرح سان سڃاڻيندا هياسين جيڪا اسان جي ويجهي عزيز هئي فوتڻ کي فوت ٿئي اٽڪل 12 سال ٿيندا ته فوت ٿي وئي آهي فوتڻ فوت ٿيڻ وقت هيٺيان جائز وارث ڇڏيا آهن 1 مير عطا حسين

عام اطلاع

لاتعلقي اعلان

برٿ سرٽيفڪيٽ جي درستگي

ڪاغذن جي گمشدگي

12 ربيع الاول لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن: نظير احمد پٽو

ابراهيم حيدري ٽائون جو اجلاس، جشن عيد ميلادالنبي ﷺ جي انتظامن بابت غور ويچار

عاشقان رسول ﷺ کي سمورين سهولتن مهيا ڪيون پيون وڃن: ٽائون چيئرمين

ملير (د ر) ابراهيم حيدري ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن جي چيئرمين نظير احمد پٽو جي صدارت ۾ جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جي انتظامن جي حوالي سان ٽائون آفيس ۾ اجلاس ٿيو اجلاس ۾ سمورن ڪاتن جي سربراهن ۽ ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ 12 ربيع الاول جشن عيد ميلاد النبي صلي الله عليه وآله وسلم جي موقعي تي ميلاد جي محفلن ۽ جلوسن جي مقرر ڪيل رستن جي صفائي ستھرائي ۽ روشني جي انتظامن کي يقيني بڻائڻ لاءِ جائزو ورتو ويو. ٽائون چيئرمين نظير احمد پٽو چيو ته 12 ربيع الاول کان اڳ روڊن ۽ شاهراهن جي مرمت ۽ جلوسن جي رستن تي اسٽريٽ لائٽس لڳائڻ سان گڏ صفائي ستھرائي، سيوريج لائينن جي مرمت جو ڪم جاري آهي. ٽائون چيئرمين نظير احمد پٽو آفيسرن کي سختي سان هدايت ڪندي چيو ته 12 ربيع الاول جي حوالي سان هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن ته جيئن عاشقان رسول ﷺ کي سمورين بلدياتي سهولتون ملي سگهن. ان حوالي سان ڪا به سستي يا لاپرواهي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي ٽائون چيئرمين نظير احمد پٽو چيو ته پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي عاشقان رسول ﷺ کي سمورين بلدياتي سهولتون مهيا ڪيون پيون وڃن. 02

شهدادپور ۾ منشيات جو ڪروبار عام، سوين نوجوان عادي بڻيل

شهدادپور (ن ع آ) شهدادپور، لنڊو ٽائي ۽ ملدسي پوليس پوسٽ جي حد ۾ منشيات جو ڪروبار عروج تي پهچڻ سبب ڪيترائي نوجوان نشي جا عادي بڻجي ويا. ملدسي ويجهو ڳوٺ لال خان جلالاڻي، گولوپير، غلام محمد لغاري، صاحب نظاماڻي، ڪيڙ ڳاهي خداداد ڪيري، ٻاراڄڙي، پورو منگريو سميت پرياسي جي ٻين ڳوٺن ۾ منشيات سري عام وڪرو ٿيڻ لڳي، چرس، آفيم، آئيس، شراب، نشه آور سوپارين جي استعمال سبب علائقي ۾ مستقبل جا معمار نوجوان ۽ ننڍي طبقي جا ٻارڙا پڻ هن موضي مرضن ۾ وڪوڙجي رهيا آهن ۽ پوليس انهن منشيات فروشن سان ٻٽ بڻيل آهي. ڪو به ايڪشن نه ٿيڻ تي هتان جي سياسي سماجي ادبي علمي ۽ مذهبي حلقن پاران حيرانگي جو اظهار ڪيو ويو آهي. 02

ٻڏڻ جي صلاحيت کان محروم نياڻيءَ جو سرڪاري خرچ تي علاج جو اعلان

ڪراچي (پريس رليز) جناح اسپتال جي ترجمان پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته سنڌ حڪومت جناح اسپتال ڪراچيءَ جي نرسنگ اٽينڊنٽ جي ٻڏڻ جي صلاحيت کان محروم نياڻيءَ جي ڪوڪليئر امپلانٽ سرجري جي ذميواري قبولي ورتي آهي. سرجري ذريعي متاثر ٻار جي جسم اندر هڪ ڊوائيس لڳايو ويندو ته جيئن ٻار آساني سان ٻڌي سگهي. هي سرجري اهڙن ٻارن لاءِ مفيد آهي جيڪي جمڻ کان ئي ٻڌڻ جي صلاحيت کان محروم هوندا آهن جڏهن ته سرجريءَ تي مجموعي طور تي 30 کان 35 لک جي خرچ جو ڪاٿو آهي. متاثر نياڻيءَ جي اهڙي سرجريءَ سنڌ جي وڏي وزير جي خاص هدايتن ۽ جناح اسپتال جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر شاهد رسول جي سهڪار سان منظور ڪئي وئي آهي، جڏهن ته علاج تي ايندڙ سمورو خرچ سنڌ حڪومت برداشت ڪندي.

ايس ايم آءِ يو جي وي سي پاران قائداعظم جي 76 هين ورسي موقعي تي خراج عقيدت پيش

پاڪستان جي آزادي ڪانپوءِ سندس جلد ئي وفات ملڪ ۽ قوم لاءِ نقصان هئي: وي سي ايس ايم آءِ يو

ملڪي ترقي لاءِ سندس نظريي ۽ قوم سان وابستگي واري ورثي تي عمل ڪرڻو پوندو: مجيب صحرائي

ڪراچي (پ ر) سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائيءَ بابائي قوم قائداعظم محمد علي جناح جي 76 هين ورسي جي موقعي تي کين خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته پاڪستان جي باني قائداعظم محمدعلي جناح جي پاڪستان جي آزاديءَ کان پوءِ جلد ئي وفات ملڪ ۽ قوم لاءِ هڪ وڏو نقصان هئي. هن چيو ته اسان کي فخر آهي ته قائداعظم محمد علي جناح جو پنهنجي مادر علمي سنڌ مدرسة الاسلام سان گهرو تعلق هو جنهن پنهنجي ملڪيت جو ٽيون حصو سنڌ مدرسي کي ڏيڻ جي وصيت ڪئي هئي ۽ 1943 ع ۾ سنڌ مدرسة الاسلام جي ڪاليج جو افتتاح پڻ ڪيو هو. ڊاڪٽر مجيب صحرائيءَ چيو ته اسان کي ملڪي ترقيءَ جي لاءِ باني پاڪستان قائداعظم محمد علي جناح جي نظريي، پائيداري، ايمانداري ۽ ملڪ ۽ قوم سان وابستگي واري ورثي تي عمل ڪرڻو آهي.

ڪراچي: قائداعظم محمد علي جناح 21 جون 1943 تي سنڌ مدرسي ۾ ڪاليج جي افتتاح جي موقعي تي استادن ۽ معزز شخصيتن سان گڏ

آپڪا پاپوليشن سنڌ ڪائونسل جو اجلاس، چارٽر آف ڊمانڊ تي عمل ڪرڻ جي گهر

ڪراچي اوپر (ن ع آ) ڪراچي آپڪا پاپوليشن سنڌ ڪائونسل جو اجلاس مقامي هوٽل ۾ ٿي گذريو جنهن صوبائي ۽ ضلعي جي عهديدارن جنهن ۾ آپڪا سنڌ جي صدر محمد پيرل ڏايو، سيد نظير حسين شاهه، امام الدين ٻگٽي، محمد شريف عمراڻي، نسيم ضياءِ، آسيه، سڪينه، فريدا ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي هنن ڳالهائيندي چيو ته ملازمن جي مسئلن جي حل صوبائي وزير ۽ سيڪريٽري پاپوليشن آڏو چارٽر آف ڊمانڊ پيش ڪيو آهي جنهن ۾ ڪانٽريڪٽ تي ڀرتي ٿيل ملازمن کي پڪو ڪرڻ، ٽائيم اسڪيل ڏيڻ سوشل ميل موبلائيزرن کي تعليم جي بنياد تي اسڪيل ڏيڻ، ايف ٽي او کي 17 هون گريڊ ڏيڻ سميت ٻيا مسئلا جلد حل ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي هنن وڏيڪ چيو ته صوبائي وزير ۽ سيڪريٽري پاپوليشن ملازمن جا جلد مسئلا حل ڪري انهن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي

شهزاد شيخ ڊويزنل ڊائريڪٽر انفارميشن ميرپورخاص مقرر

ميرپورخاص (بيوروريورٽ) سنڌ جي اطلاعات کاتي جي سينيئر آفيسر شهزاد شيخ ڊويزنل ڊائريڪٽر انفارميشن ميرپورخاص پنهنجي مقرري بعد چارج سنڀالي ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي. چارج سنڀالڻ کان بعد ڊويزنل ڊائريڪٽر اطلاعات شزاد شيخ پنهنجي آفيس ۾ آفيسرن ۽ اسٽاف سان تعارفي گڏجاڻي ڪندي چيو ته اطلاعات کاتي سنڌ جي آفيسرن ۽ لاڳاپيل عملي جي بنيادي ذميواري آهي ته حڪومتي عوامي فلاح ۽ بهبود جي منصوبن کي ميڊيا ذريعي اجاگر ڪن ته جيئن عوام کي انهن بابت آگاهه ملي سگهي. ان موقعي تي انفارميشن آفيسر ياسر نواز ميمڻ ۽ آفيس اسٽاف شرڪت ڪئي

ڏگهڙي ۾ جشن عيد ميلاد النبي جي سلسلي ۾ ريلي، شهر جو گشت

ڏگهڙي (ن ع آ) رپورٽر فقير عبدالقيوم جروار ڏگهڙي جشن ولادت حضور سرور ڪائنات محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي سلسلي ۾ قائمخاني ويلفيئر يوٿ ڏگهڙي طرفان قاري سيف علي قلندري، قاري اعظم قادري، اقبال قادري، آصف وهاب قائمخاني، آڪاش ناڪر قائمخاني ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي ريلي نيشنل بينڪ کان ٿيندي شهر جي مختلف روڊن جو گشت ڪيو ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته نبي سائين جن جي ولادت جي خوشي ۾ ملڪ جي ٻين شهرن جيان ڏگهڙي ۾ به تياريون زور شور سان جاري آهن مسجدن گهرن بازارن ۽ روڊن رستن کي رنگين بتين ۽ ساون جهنڊن سان سجايو ويو آهي. 02

سهيل انور سيال جي پاڙ سان لاڙڪاڻي ۾ مذهبي جماعتن جي اڳواڻن جي ملاقات

لاڙڪاڻو (ن ع آ) لاڙڪاڻي ۾ سنڌ جي اڳوڻي صوبائي گهرو وزير ايم پي اي سهيل انور سيال جي پاڙ ڏڙي ٽائون جي چيئرمين شاهه رخ انور سيال سان گڏيل ڏينهن مختلف مذهبي جماعتن جي اڳواڻن حافظ در محمد سهڙو، مولانا منظور علي نعيمي، حافظ شعيب احمد جوڻيجي حافظ روشن علي انقلابي، جنيد مصطفيٰ سرهيو ۽ ٻين طرفان جشن عيد ميلاد النبي جي حوالي سان ملاقات ڪئي وئي. ان موقعي تي مذهبي جماعتن جي اڳواڻن پاران ڏڙي ٽائون جي چيئرمين سردار شاهه رخ انور سيال طرفان شهر جي مختلف مسجدن ۾ سولر پلانٽ لڳرائي ڏيڻ واري عمل تي سندس شڪريو ادا ڪيو

سگا خواتين شاخ ڪراچي جي نون چونڊيل عهديدارن کي قسم کڻائڻ واري تقريب

نئين چونڊيل صدر عهديدارن ۽ ڪاروباري ڪميٽي ميمبرن کان عهدن جو قسم کنايو

ڪراچي (پ ر) سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن خواتين شاخ ڪراچيءَ جي نون چونڊيل عهديدارن ۽ ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جي قسم کڻائڻ واري تقريب سر سيد ڪاليج آف ميڊيسن جي ڪائونسل روم ۾ منعقد ٿي. انيتا پنجاڻي، اڳوڻي جنرل سيڪريٽري ۽ چونڊ ڪاميٽيءَ جي چيئرپرسن نئين چونڊيل صدر محترمه صبيحه شبنم کان سندس عهدي جو قسم کنايو جنهن کان پوءِ صدر محترمه صبيحه شبنم، عهديدارن ۽ محترمه سبينا عيساڻي نائب صدر، محترمه بسمه شاهه جنرل سيڪريٽري، ڊاڪٽر ياسمين سلمان ميمڻ مالي سيڪريٽري، محترمه ارم قريشي جوائنٽ سيڪريٽري ۽ محترمه نوشابه پاتولي سيڪريٽري اطلاعات شامل هيون. ان موقعي تي خطاب ڪندي نئين چونڊيل صدر محترمه صبيحه شبنم عهدو ڇڏيندڙ صدر ڊاڪٽر خالده سومرو، جنرل سيڪريٽري محترمه انيتا پنجاڻي ۽ ٻين عهديدارن جي ٽن سالن دوران ڪيل

ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي ميمبرن کان سندن عهدن جو قسم کڻايو جنهن ۾ خدمتن جي واکاڻ ڪئي ۽ سندن ٿورا مڃيا. رهندو

اين بي پي طرفان پنهنجي نئين پي پاڪ ڪارڊ هولڊر ڪيمپين جو آغاز

هن ڪيمپين سان صارفين کي سون جا انعام کٽڻ جو سونهري موقعو ملندو

ڪراچي (پ ر) نيشنل بينڪ آف پاڪستان (اين بي پي) پنهنجي نئين "پي پاڪ ڪارڊهولڊر ڪيمپين" جو آغاز ڪيو آهي جنهن جي ذريعي صارفين کي سون جا انعام کٽڻ جو سونهري موقعو ملندو. اين بي پي پي پاڪ ڊيبٽ ڪارڊز جي ذريعي صارفين مختلف لين دين ڪري 2.5 گرام گولڊ بار کٽڻ جا اهل ٿي سگهندا، جڏهن ته 5000 يا ان وڌيڪ ريٽيل خريداري يا آن لائين خريداري ڪندڙ صارفين شامل ٿي سگهندا. هي ڪيمپين سيپٽمبر کان ڊسمبر 2024 تائين جاري رهندي جنهن سان اين بي پي جا ڪارڊ هولڊر روزاني خرچن مان فائدو کڻي سگهن ٿا.

سي سي پي جي قانون بابت برطانيه جي استادن ۽ شاگردن کي آگاهي

وزيراعظم جي ڪوآرڊينيٽر طرفان اين ٽي ڊي سي جي رانديگر کي 5 لک رپيا نقد انعام

ياسر سلطان کي هندستان ۽ ٿيندڙ جيولن ٿرو مقابلن ۾ حوصلا افزائي طور انعام ڏنو ويو

ياسر سلطان طرفان ڪوآرڊينيٽر شبير عثماني، چيئرپرسن رانا مشهود جي تعاون تي شڪريو ادا

ڪشمير ۽ گلگت جي معاملن بابت ڪوآرڊينيٽر شبير احمد عثماني طرفان ڪيس اسلام آباد آفيس گهرائي 5 لک رپين جو نقد انعام ڏنو ويو. اين ٽي ڊي سي جي رانديگر ياسر سلطان آڪٽوبر جي پهرين هفتي ۾ ڀارت ۾ ٿيندڙ جيولن ٿرو تي رانديگر ياسر سلطان وزيراعظم شهباز شريف، ڪوآرڊينيٽر شبير احمد عثماني، وزيراعظم جي يوٿ پروگرام بابت چيئرپرسن رانا مشهود جي مسلسل تعاون ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ تي شڪريو ادا ڪيو

خيرپور ٻوڏ متاثر ضلعن ۾ موسمياتي تبديلي، مقامي هوٽل ۾ ميڙاڪو

ايمنسٽي انٽرنيشنل ۽ سماجي تنظيم بسوا جي سهڪار سان تقريب ٿي

خيرپور (س ر) ٻوڏ متاثر ضلعن ۾ موسمياتي تبديلي جي نتيجي ۾ ٿيندڙ نقصان کي گهٽائڻ ۽ بدعنواني، حڪمراني جو احتسابي عمل منصوبه بندي ۽ فيصلا سازي ۾ ماڻهن جي شموليت بابت ايمنسٽي انٽرنيشنل ۽ سماجي تنظيم بسوا جي گڏيل سهڪار سان مقامي هوٽل ۾ عوامي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو جنهن ۾ مهمان خاص اي ڊي سي شارخ مگنهار ۽ صوبائي محتسب اعليٰ جي ڪنسلٽنٽ انچارج احمد بخش گهمرو هئا. ان موقعي تي ايمنسٽي انٽرنيشنل جي نمائنده نسرين ميمڻ، بسوا جي روح روان خادم ميراڻي، پروفيسر ڊاڪٽر تاج محمد لاشاري، خالده رياض ايڊوڪيٽ، سماجي اڳواڻن ۽ نمائندن پوري دنيا ۾ موسمياتي تبديلين سبب ٻوڏ ۽ برسات جي نتيجي ۾ ٿيندڙ نقصان گهٽائڻ ۽ بدعنواني، حڪمراني جو احتسابي عمل منصوبه بندي ۽ فيصلا سازي ۾ ماڻهن جي صلاح مشوري کي شامل ڪرڻ جي حوالي سان تفصيلي ويچار ونڊيا. ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر شارخ مگنهار خطاب ڪندي چيو ته هر فرد کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو هر ماڻهو موسمياتي تبديلي کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ ٻوٽو ضرور پوکي وسائل گهٽ آهن

وفاقي اردو يونيورسٽيءَ گلشن ڪيمپس ۾ نامزدگي ڪميٽي 2024 جي چونڊ

سيد اقبال حسين نقوي ۽ روشن علي سومرو 153 ووٽ کڻي ڪامياب، استادن جي خدمت ڪرڻ جو وچن

ڪراچي (پريس رليز) وفاقي اردو يونيورسٽي ۾ نامزدگي ڪميٽي 2024 ع لاءِ نمائندن جي چونڊ گلشن اقبال ڪيمپس ۾ ٿي، جنهن ۾ تنهي ڪئمپسز جي استادن شرڪت ڪئي، جن ۾ سيد اقبال حسين نقوي، روشن علي سومرو، ڪاشف رفعت، ڊاڪٽر شرجيل نويد، ڊاڪٽر رفيق ميمڻ، ڊاڪٽر عبدالرشيد ميمڻ، چونڊن ۾ حصو ورتو جڏهن ته افتخار طاهري، ڊاڪٽر هاشم صفدر، ڊاڪٽر خالد شيخ، ڊاڪٽر سيد محمد مرشد رضا ۽ ڊاڪٽر محمد زبير خان نيازي 153 ووٽ کڻي ڪامياب ٿيا. هنن انهيءَ عزم جو اظهار ڪيو ته انهن استاد کي جيڪي سمورن ملازمن جي ڀلائي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن تا ڪي يونيورسٽي جي اسٽيڊيٽري باڊي ۾ نامزد ڪيو ويندو

شهدادپور ۾ پوليو جي خاتمي جي موضوع تي شاگردن ۾ مضمون نويسي جو مقابلو

شهدادپور (ن ع آ) بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن شهيد بينظير آباد ڊويزن پاران ٻارهين ۽ ٻارهين درجي جي شاگردن "پوليو جي خاتمي لاءِ شاگردن، استادن ۽ والدين جو ڪردار" جي

سنڌ زرعي يونيورسٽي جي ڊي سي فتح محمد مري طرفان خيرپور ڪيمپس جو دورو

اسپورٽس نيوز

آءِ سي سي رينڪنگ، بابر ۽ رضوان جي ترقي

دبئي (اسپورٽس نيوز) انٽرنيشنل ڪرڪيٽ ڪائونسل (آءِ سي سي) طرفان جاري ڪيل ٽيسٽ رينڪنگ ۾ پاڪستاني بيٽر بابر اعظم ۽ محمد رضوان هڪ هڪ درجو ترقي ماڻي ورتي آهي. آءِ سي سي ٽيسٽ پليئرز جي هفتيوار رينڪنگ موجب، انگلينڊ جي جوئي روٽ جي پهرين پوزيشن برقرار آهي، انگلينڊ جو ئي هيري بروڪ ست درجا ترقي ماڻي 12 هين نمبر تي اچي ويو آهي. سريلنڪا خلاف ٽيسٽ سيريز ڪانپوءِ انگلش بيٽرن جي رينڪنگ ۾ بهتري آئي آهي. رينڪنگ موجب، پاڪستان جي محمد رضوان هڪ درجو ترقي ڪندي ڏهين کان نائين پوزيشن ماڻي ورتي آهي جڏهن ته بابر اعظم هڪ درجو ترقي ڪانپوءِ 12 هين کان 11 هين نمبر تي اچي ويو آهي. آءِ سي سي رينڪنگ ۾ سريلنڪا جي اڀرندڙ نوجوان بيٽر ڪمنڊو مينڊس ڇهه درجا بهتري ڪانپوءِ 19 هين پوزيشن ماڻي ورتي آهي. ٽيسٽ باولرن جي رينڪنگ ۾ ڀارت جي روي چندرن ايشون جي نمبر هڪ پوزيشن برقرار آهي، باولرن ۾ پاڪستان جو شاهين آفريدي هڪ درجو ترقي ڪندي ٽاپ ٽين ۾ شامل ٿي ويو آهي. ٽيسٽ آل رائونڊرز ۾ ڀارت جي رويندرا جاڙيجا جي نمبر ون پوزيشن آهي.

ايشين هاڪي چيمپيئنز ٽرافي ۾ پاڪستان جي پهرين فتح

بيجنگ (اسپورٽس نيوز) ايشين هاڪي چيمپيئنز ٽرافي ۾ پاڪستان پنهنجي ٽين ميچ ۾ پهرين ڪاميابي ماڻي ورتي آهي. چين جي شهر هولنبيئر ۾ کيڏيل ميچ ۾ پاڪستان جپان کي 1-2 تان شڪست ڏئي ٽورنامينٽ ۾ پهرين ڪاميابي حاصل ڪري ورتي. قومي ٽيم طرفان نديم احمد پهرين ڪوارٽر ۾ گول ڪري پاڪستان کي برتري ڏياري، پرجپان ٻئي ڪوارٽر ۾ ميچ برابر ڪري ڇڏي. ٻئي ڪوارٽر جي ڏهين منٽ ۾ سفيان خان گول ڪري پاڪستان کي هڪ ڀيرو ٻيهر برتري ڏياري جيڪا ميچ جي پڄاڻي تائين برقرار رهي. ان کان اڳ قومي ٽيم جون اپونٽ ۾ شروعاتي ٻه ميچون برابري تي ختم ٿيون هيون. پهرين ميچ ۾ ڏکڻ ڪوريا خلاف مقابلو 2-2 تان جڏهن ته ملائيشيا خلاف ميچ به 2-2 گولن تان برابر ٿي. پاڪستان پول جي پنهنجي آخري ميچ ۾ 14 سيپٽمبر تي ڀارت خلاف ميدان تي لهندو، اهو مقابلو پاڪستاني معياري وقت موجب، منجهند ساڍي ٻارنهين وڳي شروع ٿيندو. مينز ايشين چيمپيئنز هاڪي ٽورنامينٽ جا سيمي فائنل 16 سيپٽمبر تي جڏهن ته فائنل 17 سيپٽمبر تي ميگا ايونٽ جي ٻن ٽاپ ٽيمن وچ ۾ کيڏيو ويندو.

گهوٽڪي ۾ ڪائونسلر جو يوسي چيئرمين خلاف احتجاج

آيل فنڊ خرچ نه ڪرڻ تي ڪائونسلر ساجد ڪولاچي يوسي لباڻو جي چيئرمين خلاف احتجاج ڪيو

يوسي چيئرمين آيل فنڊ ڳڙڪائي ويو آهي، اختيارين نوٽيس وٺي ڪارروائي ڪن: ساجد ڪولاچي

گهوٽڪي (رپورٽ: محمد يوسف منگي) گهوٽڪي يوسي لباڻو وارڊ نمبر 2 جي ڪائونسلر ساجد ڪولاچي ...

ڪي اليڪٽرڪ پاران گلشن حديد ايڪسٽينشن ۾ لوڊشيڊنگ ختم

ملير (د ر) گڏريل 3 سالن کان گلشن حديد ايڪسٽينشن ۾ هلندڙ لوڊشيڊنگ کي اليڪٽرڪ انتظاميه ختم ڪري ڇڏي. ان سلسلي ۾ علائقي واسين پاران ...

عشر ۽ زڪوات واري صوبائي وزير سان سنڌ پليجا ڪونسل وفد جي ملاقات

لاڙڪاڻي ۾ تاجدار ختم نبوت ۽ دستار فضيلت ڪانفرنس

درگاهه مشوري شريف طرفان 105 سالياني جشن عيد ميلاد النبي جا انتظام مڪمل

ڏوڪري ۾ بدامني، چور موٽر سائيڪل ڪاهي فرار

ڏوڪري (ن ع آ) ڏوڪري جي ڊوڪٽاڻي خالد هليو جي گهر ٻاهران بيٺل چاٽا موٽر سائيڪل نامعلوم چور ڪاهي فرار ٿي ويا. ان موقعي تي خالد هليو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته رات جو ستين وڳي موٽر سائيڪل گهر جي ٻاهران بيهاري ويو هيس ته ڪجهه منٽن بعد واپس آيو هيس ته موٽر سائيڪل نامعلوم چور چوري ڪري فرار ٿي ويا جنهن جو اطلاع ڏوڪري ٿاڻي تي ڏنو ويو

ڏکڻ ايشيا ۾ تيزي سان بدلجندڙ علائقائي اسٽريٽجڪ صورتحال تشويشناڪ قرار

... جي ڪنٽرول جا قدم تڏهن ئي اثرائتا ٿي سگهن ٿا. ڏهن پٺي ڏريون برابري جي بنياد تي لاڳاپا قائم رکنديون هجن. سي اي ايس ايس لاهور جي صدر ايئر مارشل (ر) عاصم سليمان پنهنجي خطاب ۾ ڏکڻ ايشيا ۾ تيزي سان بدلجندڙ علائقائي اسٽريٽيجڪ استحڪام کي درپيش چيلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل جديد حڪمت عملي جي ضرورت تي زور ڏنو. اظهار هن گڏريل ڏينهن سينٽر فار ايرو اسپيس اينڊ سيڪيورٽي اسٽڊيز لاهور ۾ "ڏکڻ ايشيا ۾ نيوڪليئر هٿيارن جي ڪنٽرول جي اسٽريٽيجڪ پيچيدگين متعلق جديد حڪمت عملين کي اختيار ڪرڻ جي ضرورت". تي سڏايل هڪ سيمينار ۾ خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته هٿيارن جي ڪنٽرول ۽ گهٽائڻ واري پاليسيءَ وچ ۾ فرق کي ذهن ۾ رکڻ

دي اينٽي ٽيررازم ڪورٽ-I سکر

اسپيشل ڪيس نمبر: 21 سال 2024

رياست.........بخلاف...............رمضان ۽ ٻيا

U/S: 365-A, 395, 324, 353-PPC & 6/7-ATA

ايف آءِ آر نمبر. 06/2024

پوليس اسٽيشن: باگڙجي سکر.

جيئن ته جوابدار نالي 01. رمضان پٽ فتح شير 02. امتياز پٽ خانڻ 03. دلشاد پٽ الاهي بخش 04. شمشاد عرف شمو پٽ شريف 05. ظهير پٽ دلشاد 06. اعتبار عرف آتو پٽ گوهر 07. تورنگ عرف پرويز پٽ پورو عرف عبدالغني 08. ڊول پٽ گوهر 09. آدم پٽ گوهر 10. دل خان پٽ علي خان 11. نظام الدين عرف نزو پٽ پولي 12. پولو پٽ پيرو 13. بيٽو پٽ پيرو 14. راوت پٽ ڪراڙو ۽ 15. قادر بخش پٽ صادق سمورا ذات جتوئي سمورا وينل پيلو باگڙجي مٿي ڄاڻايل ڏوهه ڪرڻ جا مرتڪب ٿيا آهن ۽ هن عدالت پاران سندن گرفتاري لاءِ ناقابلِ ضمانت وارنٽ جاري ڪيا ويا. جيڪي پوليس جي رپورٽ سان گڏ بنا تعميل جي واپس پهتا ته جوابدار فرار ٿي ويا آهن يا پاڻ کي گرفتاري کان بچائڻ لاءِ لڪي ويا آهن.

هاڻي، تنهن ڪري اندر سيڪشن 87 Cr.P.C، آر /ڊبليو سيڪشن (10)19 آف ATA تحت مٿي ڄاڻايل جوابدار فرد هن عدالت جي روبرو تاريخ 18.09.2024 تي اينٽي ٽيررازم ڪورٽ-I، سکر واقع ويجهو گورنمينٽ گرلس ڪاليج مناره روڊ سکر، کي حاضري جي لاءِ گهربل آهن. ناڪام ٿيڻ تي ڪيس جي ڪارروائي سندن غير حاضري ۾ قانون جي مطابق ڪئي ويندي.

منهنجي هٿ اکرن ۽ هن عدالت جي مهر سان 05 آگسٽ، 2024 ع تي جاري ٿيو

دستخط

جج

اينٽي ٽيررزم ڪورٽ-I، سکر

INF-KRY-NO.2845/24

پڙهندي سنڌ ته • • • • • • وڌندي سنڌ

دي اينٽي ٽيررازم ڪورٽ-I سکر

اسپيشل ڪيس نمبر: 19 سال 2024

رياست.........بخلاف...............عابد علي ۽ ٻيا

U/S: 353, 504, 506/2, 186, 427, 435, 341, 431, 149-PPC & 6/7-ATA

ايف آءِ آر نمبر. 24/2023

پوليس اسٽيشن: پنٽيءَ، سکر.

جيئن ته جوابدار نالي 01. گلزار پٽ نامعلوم 02. صدام پٽ نامعلوم 03. حاجي پٽ نامعلوم 04. خانزاده پٽ نامعلوم 05. ملڪ اڪبر علي پٽ نامعلوم 06. ناز گل خان پٽ نامعلوم 07. ظهير خان پٽ نامعلوم 08. عبدالله خان پٽ نامعلوم 09. گل خان پٽ نامعلوم 10. حاجي اسحاق پٽ نامعلوم 11. ملڪ مراد خان پٽ نامعلوم سمورا ذات ملڪ پٺاڻ سمورا وينل ٽانڪ سٽي صوبو خيبر پختون خواهه ڪويا ۽ 12. ڪرم خان عرف مڪرم خان پٽ قادر خان پٺاڻ وينل جمال ابراهيم سوسائٽي قائدآباد لانڍي، ڪراچي مٿي ڄاڻايل ڏوهه ڪرڻ جا مرتڪب ٿيا آهن ۽ هن عدالت پاران سندن گرفتاري لاءِ ناقابلِ ضمانت وارنٽ جاري ڪيا ويا. جيڪي پوليس جي رپورٽ سان گڏ بنا تعميل جي واپس پهتا ته جوابدار فرار ٿي ويا آهن يا پاڻ کي گرفتاري کان بچائڻ لاءِ لڪي ويا آهن.

هاڻي، تنهن ڪري اندر سيڪشن 87 Cr.P.C، آر /ڊبليو سيڪشن (10)19 آف ATA تحت مٿي ڄاڻايل جوابدار فرد هن عدالت جي روبرو تاريخ 18.09.2024 تي اينٽي ٽيررازم ڪورٽ-I، سکر واقع ويجهو گورنمينٽ گرلس ڪاليج مناره روڊ سکر، کي حاضري جي لاءِ گهربل آهن. ناڪام ٿيڻ تي ڪيس جي ڪارروائي سندن غير حاضري ۾ قانون جي مطابق ڪئي ويندي.

منهنجي هٿ اکرن ۽ هن عدالت جي مهر سان 05 آگسٽ، 2024 ع تي جاري ٿيو

دستخط

جج

اينٽي ٽيررزم ڪورٽ-I، سکر

INF-KRY-NO.2851/24

پڙهندي سنڌ ته • • • • • • وڌندي سنڌ

شوبز نيوز

سنڌ جي ناليواري فنڪاره شازيا خشڪ ڳائڻ کي الوداع چئي ڇڏيو

هالا (ن ع آ) سنڌ جي ناليواري لوڪ فنڪاره شازيہ خشڪ لوڪ گيت ڳائڻ واري عمل کي الوداع چئي ڇڏيو. سنڌ جي معروف سماجي مشهور شخصيت حاجي امداد ميمڻ پاران متياري ويجهو حاجين جي اعزاز ۾ ڏنل ڊنر واري تقريب ۾ مردن جي برابر واقعي عورتن جي هال سنڌ جي ناليواري لوڪ فنڪاره شازيہ خشڪ نعت خواني ڪرڻ بعد چيو ته جڏهن مون حج ادا ڪيو ته ان دوران دين اسلام جي تبليغ کان متاثر ٿي سنڌي لوڪ گيتن کي الوداع چئي ڇڏيو. اهو ظڻ ڪيو ته الله تعاليٰ جي حضور ۾ سجدو ڪري الله کان توبہ ڪندي الله جل جلاله جي حڪمن ۽ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي حڪمن تي عمل ڪرڻ سان ڪاميابي ممڪن بڻائي سگهجي ٿي هن چيو ته اصل زندگي آهي ئي اها جنهن ۾ الله جي حڪمن جي نبي صلعم جي طريقن مطابق اطاعت ڪرڻ جنهن سان ٻنهي جهانن جي ڪاميابي ممڪن آهي ان موقعي تي ايندڙ سوين عورتون پڻ آنهي جي ڪيل بيان مان متاثر ٿيون شازيہ خشڪ چيو ته عارضي زندگي آهي جنهن ۾ اسان سڀن جو آخرت جو فڪر ڪندي ان جي تياري ڪرڻ گهرجي اسان خوابن واري زندگي تي عمل پيرا ٿي رهيا آهيون جيڪا اسان پاڻ سان ناانصافي ڪري رهيا آهيون.

ملائيڪا اروڙا جي پيءُ گهر جي ڇت تان ٽپو ڏئي زندگيءَ جو انت آڻي ڇڏيو

ممبئي (شوبز نيوز) بالي ووڊ ماڊل ۽ اداڪارا ملائيڪا اروڙا جي پيءُ انيل اروڙا گهر جي ڇت تان ٽپو ڏئي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو ڀارتي ميڊيا رپورٽس موجب، پوليس جو چوڻ آهي ته انيل اروڙا ممبئي جي پوش علائقي باندرا ۾ پنهنجي گهر جي ڇت تان ٽپو ڏئي آپگهات ڪيو ميڊيا رپورٽس موجب، حادثي ڪانپوءِ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي ڇڏيو جڏهن ته آپگهات جو اصل ڪارڻ بابت پتو ناهي پئجي سگهيو ميڊيا رپورٽس موجب، جنهن وقت انيل اروڙا آپگهات ڪيو ملائيڪا ان وقت پيءُ جي گهر موجود نه هئي. ٻئي پاسي ملائيڪا اروڙا جي اڳوڻي مڙس ارباز خان انيل اروڙا جي موت جي خبر ٻڌي سڀ کان پهرين اڳوڻي گهرواري جي گهر پهتو انيل اروڙا پونئيرن ۾ ٻه نيائيون ملائيڪا اروڙا، امريتا اروڙا ۽ بيواهه جوائس پوليڪارپ سوڳوار ڇڏيا آهن

آفيس آف دي پرنسپال

پوليس ريڪروٽ ٽريننگ سينٽر

ڄام نواز علي

ٽينڊر نوٽيس

سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) سان مطابقت ۾، پوليس ڊپارٽمينٽ حڪومت سنڌ، RTC ڄام نواز علي ضلعو سانگهڙ جي ٽرينيز لاءِ ڊائيٽري فوڊ آئيٽمز جي فراهميءَ لاءِ سيلز ٽيڪس لاءِ FBR سان، SRB انڪم ٽيڪس ۽ ٻين لاڳاپيل ٽيڪسز سان رجسٽرڊ سپلائيرز/ فرمز کان مهربند ٽينڊرز طلب ڪجن ٿا.

نمبر شمار	تفصيل	ڪٿيل لاڳت	بڊ سيڪيورٽي
1	RTC ڄام نواز علي جي ٽرينيز لاءِ ڊائيٽري فوڊ آئيٽمز جي فراهمي	مالي سال 2025-2024 لاءِ 19.8 ملين	2٪

شرط ۽ ضابطا

1. ٽينڊر عمل جي لاءِ سنگل اسٽيج-ون انويلپ پروسيجر اختيار ڪيو ويندو، هر هڪ واڪ هڪ سنگل لفافي تي فنانشل پروپوزل ۽ واڪ دستاويزن ۾ چنڊڇاڻ معيار ۾ ڄاڻايل گهربل معلومات تي مشتمل هوندو.
2. خواهشمند سپلائيرز/فرمز P/M -/Rs.5000 في ٽريني بشمول FBR ۽ SRB ٽيڪسز جي مڙني لاڳاپيل ٽيڪسز جي اڳهه تي RTC ڄام نواز علي جي ٽريني ميس لاءِ ڊائيٽري فوڊ آئيٽمز جي فراهميءَ لاءِ ٽينڊر في -/Rs.4000 بشمول سندن ليٽر هيڊ تي لکت درخواست جمع ڪرائڻ تي 14.09.2024 کان 07.010.2024 تائين ٽينڊر دستاويز حاصل ڪري سگهن ٿا.
3. مقرر ڪيل پروفارما تي ڊپليڪيٽ (ڊپليڪيٽ ۽ ورجايل) ۾ مهربند ڪيل ٽينڊرز واڪ جي ڪل ماليت جي 2٪ سوڪي رقم سان پرنسپال، RTC ڄام نواز علي جي حق ۾ ادائگي جوڳي پيئيز (A/C ۾) پي آرڊر جي صورت ۾ 07.10.2024 تي 1300 وڳي پرنسپال پوليس ريڪروٽس ٽريننگ RTC، ڄام نواز علي جي آفيس ۾ رکيل ٽينڊر باڪس ۾ داخل ڪيا وڃڻ گهرجن.
4. ٽينڊر 07.10.2024 تي 1400 وڳي، موقعي تي موجود رهڻ جي خواهشمند واڪ ڏيندڙن جي نمائندن ۽ پروڪيورمينٽ ڪاميٽي ميمبرز جي موجودگي ۾ پرنسپال، RTC ڄام نواز علي جي آفيس ۾ کوليا ويندا.
5. فقط اهڙيون فرمز /سپلائيرز ٽينڊرز ۾ شرڪت لاءِ اهل هونديون، جيڪي سيلز ٽيڪس لاءِ FBR سان، SRB انڪم ٽيڪس ۽ ٻين لاڳاپيل ٽيڪسز سان رجسٽرڊ هونديون.
6. ٺيڪيدار ان ڳالهه جو حلفنامو جمع ڪرائيندا ته هو ڪنهن مقدميبازي ۾ ملوث نه آهي ۽ ڪنهن سرڪاري کاتي ۾ ڪو ڪم ڪنو ناهي ڪيو ۽ نه وري بليڪ لسٽ ٿيل آهي.
7. سمورا فوڊ آئيٽمز صحت بخطش هجڻ گهرجن ۽ معيار مطابق نمونا پڻ فراهم ڪيا ويندا.
8. فقط پوليس کاتي پاران جاري ڪيل مقرر ڪيل ٽينڊر فارم تي آيل واڪ قبول ڪيا ويندا. بهرحال ضرورت پوڻ تي وڌيڪ شيٽون لڳائي سگهجن ٿيون.
9. مشروط ٽينڊر / درخواستون قبول نه ڪيون وينديون.
10. مجاز اختياري، SPP رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي رول (1)25 جي فقرن تحت ڪنهن به پروپوزل جي قبوليت کان اڳ ڪنهن به وقت واڪ جي سموري عمل کي منسوخ ڪري سگهي ٿي.

نوٽ: هي NIT، سنڌ پوليس جي ويب سائيٽ www.sindhpolice.gov.pk ۽ SPPRA جي آفيشل ويب سائيٽ تي پڻ ڏسي سگهجي ٿو

معلومات ۽ طريقيڪار

گهرجن/ڪم جي نوعيت ۽ لاڳاپيل تفصيل بشمول صراحتن تي مشتمل واڪ دستاويزن جو مڪمل سيٽ خواهشمند سپلائيرز/فرمن پاران جناب آصف علي، اڪائونٽنٽ، پوليس ريڪروٽ ٽريننگ سينٽر، RTC ڄام نواز علي سان سيل نمبر 0300-3131193 ۽ 0311-3306825 تي ڪم واري وقت دوران رابطو ڪري حاصل ڪري سگهن ٿا.

دستخط

SP/پرنسپال

پوليس ريڪروٽ ٽريننگ سينٽر

ڄام نواز علي

چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪاميٽي

INF-KRY-NO.2857/24

پڙهندي سنڌ ته • • • • • • وڌندي سنڌ

وڏي وزير پاران ربيع الاول ۾ لوڊشيڊنگ نه ڪرڻ جي هدايت

رستن جي حالت خراب آهي، مرمت لاءِ رٿابندي ڪيون پيا: مراد شاهه

وڏي وزير سان عالمن جي ملاقات، جلوسن جي سيڪيورٽي بابت ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت عيد ميلادالنبي ڪي مذهبي عقيدت ۽ احترام سان ملهائڻ جو فيصلو ڪيو آهي ان سلسلي ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سڀني سرڪاري عمارتن کي روشن ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. وڏي وزير انتظاميا کي هدايت ڪئي ته عيد ميلادالنبي صلي الله عليه وسلم جي انتظامن کي عالمن جي مشاورت سان حتمي شڪل ڏني وڃي. هن عالمن کي پڻ درخواست ڪئي ته هو انتظاميه سان تعاون ڪن. وڏي وزير جي صدارت هيٺ مذهبي اڳواڻن، عالمن ۽ انتظاميه جو گڏيل اجلاس ٿيو ان موقعي تي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، ناصر حسين شاهه، سعيد غني، ضياءَ لنجار، رياض شاهه شيرازي، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، گهرو سيڪريٽري اقبال ميمڻ، ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي، وڏي وزير جو سيڪريٽري رحيم شيخ، ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد عالم اوڍو شرڪت ڪئي. عالمن پاران حاجي حنيف طيب، علامه ڪوڪب نوراني، محمد جان نعيمي، علامه شاهه عبدالحق قادري، مولانا يعقوب ترابي، علامه مظفر شاهه، علامه جميل راٺوڙ، اڪبر درس ۽ ٻين شرڪت ڪئي. عالم سڳورن روڊن جي مرمت، وهنداڙ گٽرن، بجلي جي فراهمي ۽ سيڪيورٽي بابت خيالن جو اظهار ڪيو. وڏي وزير اعتراف ڪيو ته برسات سبب روڊن کي نقصان پهتو آهي جنهن هنگامي بنيادن تي مرمت ممڪن ناهي پر هن خاطري ڪرائي ته حڪومت مرمت جي تفصيلي رٿابندي ڪري رهي آهي. وڏي وزير واٽر بورڊ ۽ ڪي اليڪٽرڪ کي هدايت ڪئي آهي ته مسجدن ۾ پاڻي ۽ بجلي جي بنا ڪنهن وقفي جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي.

گنڊاپور لاءِ نئون ڏچو، هٽائڻ جو پلان، 37 ايم پي اي مخالف؟

ناراض ميمبرن جو گروپ ڏينهون ڏينهن مضبوط ٿيندو پيو وڃي: ذريعا

صوبي ۾ ڪرپشن ٿي رهي آهي، وڏو وزير اسان جي نه ٿو ٻڌي: فارورڊ بلاڪ

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخواهه ۾ واضح اڪثريت ملڻ باوجود پاڪستان تحريڪ انصاف صوبي ۾ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهي آهي. ذريعن موجب پارٽيءَ ۾ گروپ بندي صوبي ۾ حڪومتي سطح تي بدانتظامي کي جنم ڏنو آهي. جنهن سبب صورتحال بهتر ٿيڻ بدران خراب ٿيندي پئي وڃي. وڏي وزير خلاف ناراض ميمبرن جو فارورڊ بلاڪ يا گروپ ڏينهون ڏينهن مضبوط ٿيندو پيو وڃي. اعتماد جوڳن ذريعن دعويٰ ڪئي آهي ته خيبرپختونخواهه ۾ ناراض ايم پي اي جو انگ 37 ٿي ويو آهي. سڀني ميمبرن کي هڪ ئي شخص سان مسئلو آهي، جنهن جو نالو علي امين گنڊاپور آهي. جيڪو هن وقت صوبي جو وڏو وزير آهي. اڪثر ناراض ميمبر شڪايت ڪري رهيا آهن ته اسان جي ڳالهه نه ٻڌي وڃي، صوبي ۾ ڪرپشن ٿي رهي آهي ۽ عمران خان جي آزادي لاءِ موقف اختيار نه ڪيو پيو وڃي. جيڪو اسٽيبلشمينٽ مخالف آهي ۽ جنهن جي بنياد تي ماڻهن ووٽ ڏنو

پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ آءِ پي پيز خلاف درخواست داخل

درخواست سرحد چيمبر آف ڪامرس طرفان داخل ڪرائي وئي

درخواست ۾ وفاقي حڪومت، نيپرا، پيسڪو ۽ آءِ پي پيز کي ڌر بڻايو ويو

ڪراچي (رپورٽر) پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ آءِ پي پيز خلاف درخواست داخل ڪئي وئي آهي. درخواست سرحد چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽريل اسٽيٽس ايسوسيئيشن طرفان داخل ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ وفاقي حڪومت، نيپرا، پيسڪو ۽ آءِ پي پيز کي ڌر بڻايو ويو آهي. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو ته آءِ پي پيز سان معاهدا 1994ع ۾ شروع ٿيا. معاهدن ۾ بجلي جي اڳهن تي وڌيڪ اڳهه مقرر ڪري قومي ٿانئي تي اضافي بار وڌو ويو درخواست موجب لوڊشيڊنگ ته گهٽ ٿي آهي پرعوام کي معاشي طور تي تباهه ڪيو ويو آهي.

هڪ شخص جي فائدي لاءِ خطرناڪ بل آندو پيو وڃي: اسد قيصر

حڪومت جي اهڙي بل کي روڪڻ لاءِ ڪنهن به حد تائين وڃي سگهون ٿا

پارليامينٽ مان ميمبر کڄن ٿا، جمهوريت ۾ ايئن ناهي ٿيندو: عمر ايوب

پشاور (م ڊ) تحريڪ انصاف جي اڳواڻ اسد قيصر جو چوڻ آهي ته حڪومت اهڙو بل آڻي رهي آهي جنهن کي روڪڻ لاءِ ڪنهن به حد تائين وينداسين. هي بل انتهائي خطرناڪ آهي. پشاور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي اسد قيصر چيو ته حڪومت هڪ شخص جي فائدي لاءِ سڀ ڪجهه ڪري رهي آهي. عمر ايوب چيو آهي ته ڪنهن وٽ اينٽري طاقت آهي جو نقاب پوش ماڻهو پارليامينٽ ۾ داخل ٿي ميمبرن کي کڻن ٿا؟ جمهوريت ۾ ايئن ناهي ٿيندو

آءِ ايم ايف جي دٻاءُ سبب اسلام آباد جي بجلي صارفن جو رليف ختم

اسلام آباد (بيورو+م ڊ) پنجاب جي وڏي وزير جو بجلي جي بلن ۾ رليف آخري حد تائين نه پهچي سگهيو. اسلام آباد جي بجلي صارفين لاءِ 14 رپيا في يونٽ جو رليف ختم ڪري ڇڏيو آءِ ايم ايف جي دٻاءُ تي پنجاب حڪومت اسلام آباد ۾ بجلي جي اڳهن تي 14 رپيا في يونٽ سبسڊي واپس وٺي ڇڏي. جنهن ڪانپوءِ اسلام آباد ۾ صارفين لاءِ 14 رپيا في يونٽ رليف واپس ورتو ويو اسلام آباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني (آئيسڪو) هڪ بيان جاري ڪيو آهي جنهن موجب اسلام آباد جي صارفين کي سيپٽمبر مهيني ۾ رليف نه ملندو. بلنگ سافٽ ويئر تبديل ڪرڻ جا به حڪم جاري ڪيا ويا آهن.

شاهد خاقان

جلسي لاءِ اڏا ۽ ڪارا قانون ناهي رهي آهي. حڪمرانن اسلام آباد ۾ عوام جي فري اسيمبلي جي آئيني حق کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته اڄ پاڪستان ۾ جمهوريت نه پر آمريت آهي. اسان قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ جا ميمبر هڪ ايس ايڇ او جي مار آهيون.

اياز صادق

ونندي غير ذميواري ۽ سڪيورٽي ۾ ناڪامي تي سارجنٽ ايٽ آرمز اشفاق اشرف کي چئن مهينن لاءِ معطل ڪري ڇڏيو. اسپيڪر اياز صادق پارليامينٽ ۾ سڪيورٽي ۾ ناڪامي تي ٻين چئن سڪيورٽي اهلڪارن کي به معطل ڪيو آهي. معطل ٿيلن ۾ سڪيورٽي اسسٽنٽ وقاص احمد، 3 جونيئر اسسٽنٽ سڪيورٽي عبيدالله، وحيد صفدر ۽ محمد هارون شامل آهن. قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر اياز صادق فيڪٽ فائنڊنگ ڪميٽي به جوڙي ڇڏي، جنهن جو ايڊيشنل سيڪريٽري ڪميٽي جو سربراهه هوندو. قومي اسيمبلي اسپيڪر اياز صادق تحريڪ انصاف ميمبرن جي پارليامينٽ هائوس مان گرفتاري جي معاملي جي جاچ لاءِ وفاقي گهرو وزارت کي خط لکي ڇڏيو قومي اسيمبلي اسپيڪر طرفان لکيل خط ۾ پارليامينٽ هائوس مان پي ٽي آءِ ميمبرن جي گرفتارين جي حوالي سان جاچ جي هدايت ڪئي وئي آهي. اياز صادق گهرو وزارت کان 7 ڏينهن ۾ جاچ رپورٽ طلب ڪئي آهي ۽ هدايت ڪئي آهي. هوڏانهن وفاقي گهرو وزارت ۾ جاچ ڪميٽي جوڙڻ جي حوالي سان مشاورت جاري آهي.

لڪي مروت احتجاج

۾ اسان کي شهيد ڪيو وڃي لڪي مروت ضلعي جي مرڪزي علائقي تاج زئي چوڪ تي پوليس اهلڪارن پاران

حڪومت ڊيم فنڊ رقم

بئنچ ڪئي، بئنچ ۾ جسٽس نعيم اختر افغان، جسٽس عرفان سعادت ۽ جسٽس شاهد بلال پڻ شامل هئا. ٻڌڻي دوران ايڊيشنل اٽارني جنرل عامر رحمان چيو ته اسان هڪ ڌار درخواست داخل ڪئي آهي. ڊيمز فنڊ جا پئسا وفاق ۽ واپڊا کي ڏنا وڃن. سپريم ڪورٽ جي نگراني ۾ اسٽيٽ بئنڪ اڪائونٽ کوليو هو چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ پڇائو ڪيو ته ڊيمز فنڊز ۾ ڪيترا پئسا آهن. جنهن تي واپڊا جي وڪيل چيو ته اٽڪل 20 ارب رپيا ڊيم فنڊ ۾ موجود آهن. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ سوال ڪيو ته اهو ڪيس شروع ڪيئن ٿيو؟ جنهن واپڊا جي وڪيل ٻڌايو ته سپريم ڪورٽ واپڊا جي ٻڌڻي هيٺ ڪيسن دوران 2018 ۾ پاڻمرادو نوٽيس ورتو هو سپريم ڪورٽ جي ڊيم فنڊ عملدرآمد بئنچ 17 ٻڌڻيون ڪيون. چيف جسٽس پڇائو ڪيو ته واپڊا جا پيا به ڪيٿي منصوبا هوندا، ڇا سپريم ڪورٽ واپڊا جي هر منصوبي جي نگراني ڪندي آهي؟ واپڊا جي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته ڊيمن جي اڏاوت واري معاملي تي پراڻيويٽ ڌرين وچ ۾ به تڪرار هئا. سپريم ڪورٽ ديامر ڀاشا ۽ مهمند ڊيم فنڊز ڪيس جي ٻڌڻي ٽن هفتن لاءِ ملتوي ڪندي چيو ته اهو مناسب آهي اڳوڻو اٽارني جنرل خالد جاويد ۽ انور منصور کي مدد لاءِ طلب ڪيو وڃي. ڊيم فنڊ ڪيس جي عدالتي مددگار مخدوم علي به مدد لاءِ ايندڙ ٻڌڻي تي پيش ٿئي.

گم ٿيڻ بعد واپس آيل نوجوان کان جاچ نه ٿيڻ تي عدالت پاران ڪاوڙ

آءِ جي صاحب ڇا منهنجي حڪم ۾ ڪو مونجهارو آهي؟: جسٽس بابر ستار

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ گم ٿيڻ بعد واپس آيل نوجوان فيضان کان جاچ نه ٿيڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس بابر ستار جي سربراهي ۾ گم ٿيل فيضان جي بازيابي بابت ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. عدالت ۾ اسٽيٽ ڪائونسل ۽ پوليس اهلڪار پيش ٿيا. درخواستگذار جي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته فيضان کي سومر جي صبح آزاد ڪيو ويو جسٽس بابر ستار چيو ته توهان 4 ڏينهن تائين جاچ نه ڪري سگهيا. آءِ جي صاحب ڇا منهنجي حڪم ۾ ڪو مونجهارو آهي؟

پنجاب ۾ بلين ٽري سونامي ۾ اربين رپين جي بي قاعدگين جو انڪشاف

ٻوٽن جي بقا جي شرح ۾ ناڪامي سبب 369.77 ملين رپين جو نقصان ٿيو

منصوبي جي نظرثاني ۾ دير سبب 1.045 ارب رپين جو نقصان پهتو

لاهور (م ڊ) پنجاب ۾ 10 ارب وڻ لڳائڻ جي پروگرام "ٽين بلين ٽري سونامي" پروگرام (فيزون) جي خصوصي آڊٽ رپورٽ ۾ عوامي وسيلن جي ضايع ٿيڻ بابت 13 بي ضابطگين جو انڪشاف ڪيو ويو آهي. آڊٽ جنرل آف پاڪستان جي رپورٽ موجب 1219 ايڪڙ زمين ٻوڙ سبب تباهه ٿي ۽ پيلن جي آپريشن تي غير قانوني خرچ ڪيا ويا. جنهن سان قومي خزاني کي اربين رپين جو نقصان پهتو. آڊٽ رپورٽ جي سمري مان معلوم ٿئي ٿو ته آڊٽ جي جاچ دوران لاڳاپيل قاعدن ۽ ضابطن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. رپورٽ موجب 10 ارب وڻن جي سونامي پروگرام جي پهرين مرحلي ۾ وڻن جي واڌ جو مدو 4 سال هو پر صرف پهرين 3 سالن جو آڊٽ ڪيو ويو ۽ پروگرام جا پهريان 3 سال گهربل هدف ۽ معيار حاصل ڪرڻ کان سواءِ مڪمل ڪيا ويا. ڇاڪاڻ ته پروگرام جو بنيادي مقصد پيلن جي بحالي ذريعي وڻن جو تعداد وڌائڻ هو آڊٽ رپورٽ جي اهم نتيجن ۾ پڌرو ٿيو ته ٻوٽن جي بقا جي شرح ۾ ناڪامي سبب 369.77 ملين رپين جي عوامي وسيلن جو ضايع ٿيڻ ۽ ٻوڙ سبب 1219 ايڪڙ زمين جي نقصان سبب 109.54 ملين رپين جو نقصان ٿيو آڊٽ موجب رٿابندي جي غلط فهمي ۽ فزيبلٽي اسٽيج تي مڪمل سنجيدگيءَ کان سواءِ منصوبي جي نظرثاني ۾ دير ڪرڻ سبب قومي خزاني کي 1.045 ارب رپين جو نقصان پهتو

ڪراچي جي اڪثر ٿاڻن تي نان ڪواليفائيڊ اسٽاف مقرر هجڻ جو انڪشاف

ايسٽ ضلعي جي 18 مان 14 ٿاڻن تي جعلي سرٽيفڪيٽن تي وڏا منشي مقرر ٿيل

وڏي منشي جي ڪورس ڪري ويٺل رشوت نه ڏيڻ سبب پوسٽنگ کان محروم

ڪراچي (حفيظ ڦلپوٽو) ڪراچي ضلعي ايسٽ جي ايس ايس پي ڊاڪٽر فرخ رضا ڪواليفائيڊ ٿيل هيڊ محررن کي مقرر ڪرڻ واري آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ۽ ايڊيشنل آءِ جي جاويد عالم اوڍو جي حڪمن کي هوا ۾ اڏائي ڇڏيو آهي پوليس ذريعن وٽان معلوم ٿيو آهي ته ايس ايس پي ڊاڪٽر فرخ رضا ضلعي ايسٽ جي 18 ٿاڻن مان 14 ٿاڻن جنهن ۾ گلشن اقبال ٿاڻي، مبينا ٽائون، گلستان جوهر، نيو ٽائون، سهراب ڳوٺ، پي آءِ بي ڪالوني، جمشيد ڪوارٽر، شاهراهه فيصل، عزيز ڀٽي، سولجر بازار، برگيڊ، ٽيپو سلطان ٿاڻي سميت ٻين ٿاڻن تي رشوت عيوض ۽ سفارشن عيوض جعلي ڪورس جي اپڊيٽ ٿيل سرٽيفڪيٽن ذريعي جاڳايل ٿاڻن تي وڏا منشي مقرر ڪيا ويا آهن جڏهن ته اڪائونٽنٽ اسٽيشن ڪلارڪ هيڊ محرر جو ڪورس ڪندڙ وڏا منشي رشوت نه ڏيڻ سبب پوسٽنگ کان محروم بڻيل آهن ان سلسلي ۾ پوليس اهلڪارن جو چوڻ هو ته جعلي ڪورس جي سرٽيفڪيٽن تي ايس ايس پي ايسٽ ڊاڪٽر فرخ رضا طرفان مختلف ٿاڻن تي وڏا منشي مقرر ڪري ڇڏيا آهن جڏهن ته ڪورس ڪندڙ پوليس اهلڪار پوسٽنگ لاءِ دربدر آهيون ميرٽ بجاءِ سفارشن عيوضن ٿاڻن تي وڏا منشي مقرر ڪيا ويا آهن هتان آءِ جي سنڌ کان نوٽيس وٺي مقرر ٿيل مختلف ٿاڻن جي وڏن منشين جا سرٽيفڪيٽ ويريفاءِ ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

نائب وزيراعظم جي مقرري خلاف درخواست فوري ٻڌڻي لاءِ منظور

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي 2 رڪني بئنچ ڌرين کان ٻن هفتن ۾ جواب گهري ورتو

آهي، آئين ۾ ڊپٽي وزيراعظم جو عهدو موجود نه آهي: درخواستگذار جو وڪيل

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس شفيع محمد صديقي ۽ جسٽس عمرسيال تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ اسحاق ڊار جي نائب وزيراعظم جي مقرري خلاف درخواست جي فوري ٻڌڻي جي درخواست منظور ڪندي ڌرين کان ٻه هفتن ۾ جواب طلب ڪري ورتو آهي. چيف جسٽس درخواستگذار کان پڇائو ڪيو ته اوهان جو بنيادي حق متاثر ٿي رهيو آهي. درخواستگذار جي وڪيل چيو ته آرٽيڪل 90 ۽ 91 تحت وفاقي حڪومت وزيراعظم ۽ هن جي ڪابينا تي ٻڌل هوندي آهي. آئين ۾ ڊپٽي وزيراعظم جو عهدو موجود نه آهي. وڪيل جو وڌيڪ چوڻ آهي ته نائب وزيراعظم وزيراعظم جا اختيار استعمال نٿو ڪري سگهي.

نوابشاهه / ڊرڙو

سنڌس امڙ شريفان ٽڏي تي قتل ٿي ويا. وارثن قاضي احمد_ نوابشاهه روڊ ارباب اسٽاپ وٽ لاش رکي روڊ بند ڪري ڇڏيو مقتول جي وارثن راهب زرداري ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جو نظير زرداري، پنهل زرداري ۽ شريف زرداري وارن سان سڳاوتي تڪرار هلندڙ هيوان سلسلي ۾ اسان پنهنجي نيڪ مردن ڏانهن شاهه لاءِ ڪيترائي پيرا وياسين پر ڪنهن به اسان جو مسئلو حل نه ڪيو جنهن ڪانپوءِ اهڙو دردناڪ واقعو پيش آيو آهي.

ڊي آءِ جي نوٽيس ورتو

ٽي ڊي آءِ جي سکر پير محمد شاهه نوٽيس وٺندي ايس ايڇ او ٺماڄاڻي جي نوڪري چٽ ڪري ڇڏي. ڊي آءِ جي سکر ايس ايڇ او ٺماڄاڻي انسپيڪٽر غلام حبيب گوپانگ کي رپورٽ ڪندي سب انسپيڪٽر ڪري سسپينڊ ڪندي ڪيس بغير اجازت جي ڊي آءِ جي آفيس کان ٻاهر وڃڻ تي پابندي مڙهي ڇڏي. ٺماڄاڻي ٿاڻي تي اڳوڻي ايس ايڇ او حبيب گوپانگ جي هٽڻ بعد سيد اميد علي شاهه کي نئون ايس ايڇ او مقرر ڪيو ويو آهي ،رابطي تي وڏي منشي محمد نواز سهتو ٻڌايو ته ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ وارثن جي انتظار ۾ آهيون جيئن ئي وارث ايندا ڪيس داخل ڪري وڌيڪ ڪارروائي شروع ڪئي ويندي. ٻئي طرف مقتولن جي وارثن جو چوڻ آهي ته جتوئي برادري جي ڏوهارين جي مارجي وڃڻ سان اسان جو ڪو به تعلق ناهي جتوئي برادري بناجواز اسان جي ٽن ڄڻن کي قتل ڪري ظلم ڪيو آهي. ياد رهي ته ڪجهه وقت اڳ ٺماڄاڻي ٿاڻي جي حد ۾ ٻه ڏوهاري مارجي ويا هئا جنهن ۾ ٺماڄاڻي پوليس مقابلو ڏيکاريو هو جڏهن ته مارجي ويل جتوئي برادري جي ڏوهارين پاران ٻڌلي ۾ چوهان برادري جي ٽن ڄڻن کي گذريل رات شهر کان واپس گهر ايندي رستي ۾ فائرنگ ڪري قتل ڪرڻ بعد فرار ٿي ويا.

ڪراچي/ ڊمڪي

ٽي مليو آهي. خطن ۾ صاف لفظن ۾

اچڪزئي

برداشت ڪرڻ جهڙو عمل ناهي. قومي اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ ڳالهائيندي محمود اچڪزئي چيو ته هٿن ٻڌل ماڻهن جو پارليامنٽ تي حملو قبول نه ٿو ڪري سگهجي. آئين جي بالادستي لاءِ توهان سان گڏ هر حد تائين وينداسين. هن چيو ته جلسي ۾ جيڪو ڪجهه به غلط ٿيو ان جو مطلب اهو ناهي ته توهان پارليامنٽ تي حملو ڪري ڏيو. پارليامنٽ جي بالادستي ۽ ادارن کي دائري ۾ رکڻ لاءِ حڪومت جيڪو ڪجهه ڪندي ان سان گڏ آهيون.

چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ

تعليم وارو وزير سيد سردار علي شاهه "پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ" جي سري هيٺ هر ٻار کي تعليم ڏيارڻ لاءِ مڪمل ڪوششون ڪري رهيا آهن ۽ هر ٻار تائين مفت درسي ڪتاب پهچائڻ واري عمل دوران مسلسل رابطي ۾ آهن. چيئرمين عبدالعليم لاشاري جو چوڻ آهي ته هن سال تاريخ ۾ پهريون ڀيرو شفاف نمونې سان وقت سر ڪتابن جي ورهاست وارو عمل مڪمل ڪري چڪا آهيون. جنهن تحت 44 لک 53 هزار 686 ڪتابن جا سيٽ ڇاپيا ويا. جنهن ۾ 2 ڪروڙ 43 لک 51 هزار 475 ڪتاب شامل آهن. اهي وقت سر ٻارڙن تائين پهچايا ويا آهن. هن چيو ته سنڌ جي سرڪاري اسڪولن، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي اسڪولن سميت ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن ۾ ڪتابن جي ورهاست وارو عمل مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ اسان جي ٽيمن درسي ڪتابن لاءِ جوڙيل ويشر هائوسز ۽ سنڌ جي اسڪولن جا روز جي بنياد تي دورا شروع ڪيا ۽ مفت درسي ڪتاب پهچائڻ واري ڪم جو جائزو ورتو آهي ۽ اهڙو سلسلو اڃا تائين جاري آهي. جتي جتي ڪتابن جي وڌيڪ ضرورت پئجي رهي آهي اسان اتي به ڪتاب پهچائي رهيا آهيون. ڇاڪاڻ ته سنڌ جا ٻار تعليم پرائيندا ته سنڌ اڃا وڌيڪ ترقي ڪندي ۽ اڳتي وڌندي.

پي آءِ اي نجڪاري شرط

پيرولاشاري جون چار ڏيهون برسات جي پاڻي هيٺ، ڳوٺاڻا عذاب ۾ مبتلا

ڏيهه ولهار، ڏيهه پتارو، ڏيهه شورڪي، ڳوٺ مارو ڪولهي، ڳوٺ محرم عمراڻي، ڳوٺ زبير اوٺو مان پاڻي نه نڪتو

برسات جو پاڻي نه نڪرڻ سبب ڳوٺن جا پيرولاشاري، تلهار، ٽنڊو باگو سميت ٻين شهرن سان زميني رابطا ڪٽيل

ڳوٺ سروي ڪرائي برساتي پاڻي نيڪال ڪرائي مڇرمار اسپري ڪرايو وڃي: رهواسين جي گهر

پيرولاشاري (رپورٽ: محمد ميراڻي) برسات کي ڪافي ڏينهن گذري وڃڻ باوجود به پوسي پيرولاشاري جون چار ڏيهون اڃا تائين مڪمل پاڻي هيٺ. چونڊيل نمائندن پاران مڪمل نظرانداز. ڳوٺاڻا/ ڏسو صفحو 2 ڪالم 3

پيرولاشاري: انتظاميا جي نااهلي سبب برساتي پاڻي علائقي ۾ بيٺل نظر اچي ٿو

ڏگهڙي ۾ 2 منشيات فروش گرفتار، شراب ۽ چرس هٿ

ڏگهڙي (ن ع آ) ايس ايڇ او ڏگهڙي سليم سراج سمون جون ڌار ڌار ڪاررواين منشيات گرفتار چرس ۽ ديسي شراب برآمد / ڏسو صفحو 2 ڪالم 1 ڪري مٿن ڪيس داخل ڪري ڇڏيو ڏگهڙي شهر جي انور آباد ڪالوني جي رهواسي خادم حسين ولد شفيع محمد کيري کي پوڻ اسٽاپ تان گرفتار ڪري سندس قبضي مان ڏهه ليٽر ديسي شراب برآمد ڪري مٿس منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ڪيس لاڪپ حوالي ڪري ڇڏيو ٻئي طرف الله آباد ڪالوني جي رهواسي محمد حفيظ ولد محمد رفيق راجپوت کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 75 گرام چرس برآمد ڪري منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري لاڪپ حوالي ڪري ڇڏيو 02

گهوٽڪي ويجهو اغوا ڪيل پورهيت بازياب، وارثن پاران تصديق

ڳوٺ لالو والي مان اغوا ٿي ويل پورهيت خادم مگسي راجوٽي ڪوشش بعد بازياب

گهوٽڪي پوليس راجوٽي ڪوشش بعد بازياب ڪري نادر خان مگسي حوالي ڪري ڇڏيو: ذريعا

گهوٽڪي (ن ع آ) 23 ڏينهن اڳ اغوا ٿيل مغوي خادم حسين مگسي راجوٽي ڪوششن بعد بازياب وارثن پاران تصديق خبر/ ڏسو صفحو 2 ڪالم 8

سنڌ سرڪار ڳوٺن کي بنيادي سهولتن ڏئي، سڪرنڊ ۾ ڳوٺاڻن پاران پوليو مهم جو بائيڪاٽ

تعلقي جي ٻن ڳوٺن راشد آباد ۽ رمضان انڙ جي رهواسين مهم جو بائيڪاٽ. ڦڙا پيارڻ کان انڪار

فيصلو ڪيو آهي ته جائز مطالبن جي مڃتا تائين پوليو مهم جو بائيڪاٽ جاري رکيو ويندو: ڳوٺاڻا

ڳوٺاڻن پاران ڪيل بائيڪاٽ غيرقانوني آهي، مطالبا جائز آهن، پر چونڊيل نمائندا موجود آهن: ڊي ايڇ او

سڪرنڊ (رپورٽ: راج ڪماراوڊ) سڪرنڊ تعلقي جي ٻن ڳوٺن راشدا آباد ۽ رمضان انڙ جي رهواسين پاران سنڌ سرڪار پاران ڳوٺن کي بنيادي سهولتون نه ڏيڻ خلاف قومي مهم پوليو کان بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو جنهن سبب سوين معصوم ٻارڙن جو مستقبل داءَ لڳل هليت ڪاٽي پاران ڊي ايڇ او اسدالله ڏاهري ۽ اي سي سڪرنڊ راجا رميز پاران ڳوٺاڻن سان ڳالهيون بنا نتيجي ختم ڳوٺاڻن جو معصوم ٻارڙن سان گڏ نور محمد، عبدالواحد خاصخيلي، غلام رسول ماڇي، راهب جي اڳواڻي ۾ احتجاج ان موقعي تي هن چيو ته هيلٿ ڪاٽي پاران هن مهل تائين اسان جي ڳوٺن ۾ صحت جون بنيادي ضرورتون پوريون ناهن ڪيون. ايتري قدر جو اسان جي ڳوٺ ۾ ارڙي جي بجاءِ لاءِ ڪا به ويڪسين ناهي ڪئي وئي ۽ چونڊيل نمائندن پاران پڻ نظر انداز ڪندي ڳوٺن ۾ ترقياتي ڪم ناهن ڪرايا ويا، جائز مطالبن جي مڃتا تائين پوليو مهم جو بائيڪاٽ جاري رکيو ويندو ٻئي پاسي ڊي ايڇ او هليت شهيد بينظير آباد اسدالله ڏاهري ۽ اي سي سڪرنڊ راجا رميز ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ڳوٺاڻن پاران ڪيل بائيڪاٽ غيرقانوني آهي، سندن پاران ڪيل مطالبا توڙي جو جائز آهن، پر انهن جي حل لاءِ تڪ جا چونڊيل نمائندا موجود آهن.

ارسا ايڪٽ ۾ ترميمون سنڌ ۽ درياهه دشمن آهن: عوامي ورڪرز پارٽي

پيپلز پارٽي سنڌ جي عوام سان اڪ پوٽ واري راند کيڏي رهي آهي: صدر ضياءَ پٽي

نصيرآباد (رپورٽ: بشيراحمد بروهي) عوامي ورڪرز پارٽي سنڌ جي صدر ضياءَ پٽي ۽ جنرل سيڪريٽري سينگار نوناري پنهنجي / ڏسو صفحو 2 ڪالم 1

هن وقت سڀ کان وڏيڪ سنڌ مسئلن جي گهيري ۾ آهي: اشرف پليجو

حيدرآباد (پ ر) قومي عوامي تحريڪ قادر ڏنو شاهه موري ۽ جنهان سومرو جو گڏيل اجلاس قومي عوامي تحريڪ سجاول ضلعي جي صدر پنهل سولنگي جي صدارت هيٺ قادر ڏنو شاهه موري تي فيروز ملاح جي رهائشگاهه تي ٿيو اجلاس ۾ قومي عوامي تحريڪ جو مرڪزي پريس ترجمان اشرف پليجو خصوصي طور شرڪت ڪئي. اجلاس کي خطاب ڪندي / ڏسو صفحو 2 ڪالم 7

ڪاڇي جو پورهيت چار مهينن کان پراسرار نموني گم

مزدوري لاءِ ڪراچي ويل ڳوٺ پوڻولنڊ واسي جاويد لنڊ جي موبائل فون بند پيل

وارثن پاران ڳولا باوجود پتو نه پئجي سگهيو، اختيارين کان ڳولا ۾ مدد جي اپيل

جوهي (ن ع آ) ڪاڇي جي ڳوٺ پوڻولنڊ جو رهواسي / ڏسو صفحو 2 ڪالم 1

پرياسٽي لڳ ناري جي اغوا معاملي تان ڌرين ۾ چڪتاڻ، فائرنگ، هڪ زخمي، مظاهرو

ڳوٺ ڦلو واهڻ ۾ ناري بختاور سولنگي جي اغوا معاملي تان سولنگي برادري جي ٻن ڌرين ۾ چڪتاڻ تيز ٿي وئي، فائرنگ جي ڏي وٺ

گولي لڳڻ سبب مظهر سولنگي زخمي ٿي پيو، پرياسٽي اسپتال ڪانپوءِ گنڀير حالت ۾ نوابشاهه منتقل، 11 ڄڻن مٿان اين سي داخل

ڌرين ۾ خونريزي جو خدشو، متاثر ڌر جي عورتن ۽ مردن احتجاجي مظاهرو ڪيو، ناري واپس ڪرائڻ ۽ زخمي جا جوابدار گرفتار ڪرڻ جي گهر

پرياسٽي (رپورٽ: عبدالمجيد ڪيريو) پرياسٽي پرسان ڳوٺ ڦلو واهڻ ۾ 10 ڏينهن اڳ مبيناطور نوجوان ناري بختاور سولنگي کي اغوا ڪري کڻي وڃڻ واري واقعي جو ڪيس پرياسٽي ٿاڻي تي داخل ٿيڻ بعد / ڏسو صفحو 2 ڪالم 2

سيڪارجا ۾ ٿوڊ گوڏار تي مزدوري تي پورهيون ڪرڻ سبب 2 پورهيت ڌڪجي زخمي

سيڪارجا (ن ع آ) سيڪارجا جي ٿوڊ گڏار تي مزدوري ڪندڙ ٻه پورهيت خان ملاح، سڪندر پليجو مٿان ڪٽڪ جون پورهيون لوڏنگ ڪرڻ دوران ڌڪجي هيٺان اچڻ ڪري سخت زخمي ٿي پيا جن کي گنڀير حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو 02

پرياسٽي: ناري جي اغوا معاملي تان ڌرين ۾ چڪتاڻ بعد هڪ ڌر احتجاج ڪندي

ميهڙ پوليس هٿان ڪنيي گم ڪيل نوجوان جي آزادي لاءِ وارثن جو احتجاج، نعريبازي

ڪنيي گم ڪيل نوجوان فيض محمد لاشاري جي امڙ، ڀيڻ ۽ ٻين مائٽن پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي نعريبازي ڪئي

پوليس اسان جي نوجوان کي گرفتاري بعد گم ڪري ڇڏيو آهي، ٿاڻن جا چڪر ڪاٽي ڪاٽي ٿڪجي پيا آهيون، پتو نه پيو پوي

خدشو آهي ته اسان جي نوجوان کي ڪوڙي مقابلي ۾ قتل ڪيو ويندو، اختيارين نوٽيس وٺي انصاف ڪن: مظاهرين جي گهر

ميهڙ (رپورٽ: فراز چنا) ميهڙ پوليس هٿان مبينا طور گرفتاري بعد گم ٿيل نوجوان فيض محمد لاشاري جي بازيابي لاءِ ميهڙ جي مدينه ڪالوني جي رهواسين ۽ نوجوان جي امڙ والد ۽ وارث مرد ۽ عورتن پاران شمشاد / ڏسو صفحو 2 ڪالم 2

ڪنڊڪوٽ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ نوجوان گم، اغوا جو شڪ ظاهر

ڪنڊڪوٽ (ن ع آ) ڪنڊڪوٽ اي سيڪشن ٿاڻي تي نوجوان جي لاپتا ٿي وڃڻ جو رپورٽ درج وارثن پاران اغوا جو شڪ ظاهر ڪري ڇڏيو خبر موجب ڪنڊڪوٽ جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد عيدگاهه محلي جو رهواسي نوجوان 30 سالا عرفان علي پتو اوچتو لاپتا ٿي ويو جن جي وارثن ميڊيا کي اطلاع ڪري نوجوان جي اغوا جو شڪ ظاهر ڪري ڇڏيو آهي. ان سلسلي ۾ لاپتا ٿي ويل نوجوان جي والد لال بخش پتو جو چوڻ هو ته پٽ عرفان علي پتو گذريل 2 ڏينهن کان لاپتا ٿي ويو آهي جنهن جي ڳولا ڪرڻ جي باوجود هن جو ڪوبه ڏس پتو نه پئجي سگهيو آهي ۽ نوجوان جي لاپتا ٿي وڃڻ جو اطلاع اي سيڪشن ٿاڻي تي ڏنو ويو آهي / ڏسو صفحو 2 ڪالم 8

ميهڙ: پوليس هٿان ڪنيي گم ڪيل نوجوان جي آزادي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪوٽڏيجي پوليس جي تحويل مان قيدي فرار معاملو، ڪيس داخل

آءِ او مشتاق بگٽي مٿان ڊيوٽي ۾ غفلت ڪرڻ تي سرڪار جي فرياد تي ڪيس داخل

پوليس تحويل ۾ فرار ٿيل جوابدار اعجاز چانڊيو کي پوليس گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام

ڪوٽڏيجي (ن ع آ) ڪوٽڏيجي پوليس جي تحويل مان قيدي فرار ٿيڻ واري معاملو جو ايس ايس پي خيرپور نوٽيس ورتي. / ڏسو صفحو 2 ڪالم 3

ڪنري لڳ شاخ کي گهارو، فصل ۽ گهر پاڻي هيٺ، ڳوٺاڻن جو مظاهرو، ڌرڻو

راهمور شاخ کي ڪارونجهر ڪالوني وٽ 20 فوٽ گهارو پوڻ سبب فصل ۽ گهر ٻڏي ويا، ڳوٺاڻن پاران بند ڪرڻ جون ڪوششون

6 ڪلاڪن ڪانپوءِ آبپاشي کاتي مشينري آڻائي گهارو بند ڪرايو، نقصان پهچڻ تي ڳوٺاڻن ٿاڻن کي ٻاهيون ڏئي ڌرڻو هنيو

ٽن شاخن جو پاڻي هڪ ۾ ڇوڙ ڪرڻ سبب گهارو لڳو (ڳوٺاڻن جو الزام) پوليس مظاهرين سان ڳالهيون ڪري ڌرڻو ختم ڪرايو

ڪنري (رپورٽ: وسرام چند مڪواڻا) ڪنري پرسان راهمور شاخ کي ڪارونجهر ڪالوني وٽ 20 فٽ گهارو لڳي ويو، گهارو جو پاڻي ڪالوني ۾ گهرن ۽ فصلن ۾ ڪاهي پيو ڳوٺاڻا سموري رات گهارو ڪي / ڏسو صفحو 2 ڪالم 6

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 6 ڄڻا فوت

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 6 ڄڻا فوت ٿي ويا، جڏهن ته 6 ڄڻا ٻيا زخمي ٿي پيا. ڊفينس فيز 8 خيابان ٽيپو سلطان جي پرسان زير تعمير بنگلي ۾ ڪم ڪرڻ جي دوران ڇت تان ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ 43 سالن جو مزدور عمران فوت ٿي ويو. سرجاني ٽائون جي علائقي ليار ي آفيس گو پمپ جي پرسان روڊ حادثي جي نتيجي ۾ عورت ۽ مرد فوت ٿي ويا، جڏهن ته ٻارڙي سميت 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا. فوت ٿي ويلن جي سڃاڻپ 75 سالن جي رشيدا زال عثمان ۽ 50 سالن / ڏسو صفحو 2 ڪالم 8

لاڙڪاڻي ۾ وليد پوليس جي مبينا ظلم خلاف پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج

يار محمد ڪالوني واسين گرفتار نوجوانن جي آزادي لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

معاملي جو نوٽيس وٺي ايس ايڇ او کان پڇاڻو ڪري انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

لاڙڪاڻو (ن ع آ) لاڙڪاڻي شهر جي يار محمد ڪالوني جي رهواسين طرفان پاڪ ڪتاب کڻي وليد پوليس هٿان مبينا گرفتار / ڏسو صفحو 2 ڪالم 5

قنبو سعيد خان پوليس جي ڏاڍاين خلاف شهدادڪوٽ ۾ احتجاج

ڳوٺ جهانگير ڪوسو جي مردن ۽ عورتن پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو

ناانصافين جو نوٽيس وٺي اسان مٿان داخل ايف آءِ آر رد ڪري انصاف ڪيو وڃي: مطالبو

شهدادڪوٽ (ن ع آ) قنبو سعيد خان پوليس جي ڏاڍاين خلاف ڳوٺ جهانگير ڪوسو جي مردن ۽ عورتن شهدادڪوٽ پريس / ڏسو صفحو 2 ڪالم 3

ڪنڊڪوٽ ۾ پوليس اهلڪار پراسرار گولي لڳڻ سبب زخمي

ڪنڊڪوٽ (ن ع آ) ڪنڊڪوٽ پوليس اهلڪار کي هٿ ۾ گولي لڳل حالت ۾

ڪنڊڪوٽ ۾ دڪان تان ڦر مزاحمت، فائرنگ، دڪاندار معجزاتي طور محفوظ

ڪنڊڪوٽ (ن ع آ) ڪنڊڪوٽ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڪرياڻه دوڪان تي نامعلوم هٿياربندن ڪاهه ڪري دڪان مالڪ اندر سجديو کي يرغمال بڻائي ڦرلٽ جي ڪوشش ڪئي ان معاملي تي دڪان مالڪ اندر سجديو جو چوڻ هو ته اسين دڪان تي ويٺا هئاسين ته موٽرسائيڪل تي سوار 3 هٿياربندن مان 2 هٿياربند دڪان تي گهڙي ڦرلٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اسين هٿياربندن سان مزاحمت ڪئي سين ته هٿياربندن سڌيون گوليون هلائي ڇڏيون ۽ اسين معجزاتي طور محفوظ رهياسين هنن جو چوڻ هو ته شهر ۾ روز ڦر وارداتون ٿي رهيون آهن پر پوليس / ڏسو صفحو 2 ڪالم 8

ڪراچي ۾ قتل ٿيل پورهيت جا قاتل گرفتار نه ٿيا، ٺٽي ۾ مظاهرو

مقتول امير بخش شورو جي پاءُ بابو شورو جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو ويو

الهه بخش بگٽي ۽ ساجد پالاري کي گرفتار ڪري پاءُ جي خون سان انصاف ڪيو وڃي: مطالبو

ٺٽو (پ) ڪجهه ڏينهن اڳ ڪراچي ۾ بيدردي سان قتل ٿي ويل پورهيت اميربخش شورو جي وارثن پاران حقيقي قاتلن کي گرفتار ڪري ڪڏاپ سٽي ٿاڻي تي داخل ايف آءِ آر ۾ شامل ڪري ڪين انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ احتجاجي مظاهرو پريس ڪلب ٺٽي اڳيان مقتول اميربخش شورو جي پاءُ بابو شورو، پرويز عرف پرو عرف اسلم ڪوسو ۽ ٻين سان گڏ احتجاج ڪندي / ڏسو صفحو 2 ڪالم 3

سامارو مان نوجوان ناري گم، وارث سخت پريشان

چانڊيا پاڙي واسڻ رخسانه چانڊيو گذريل ڏينهن گهران نڪرڻ ڪانپوءِ گم ٿي وئي

عورت جو دماغي توازن درست نه آهي، سندس ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي: وارث

سامارو (ن ع آ) سامارو شهر جي وارڊ چار جي چانڊيا پاڙي جي رهاڪو 35 ورهين جي مسمات رخسانه ڌي مصري چانڊيو جيڪا گهران نڪري گم ٿي وئي آهي جيڪا اڃا تائين واپس نه پهتي آهي جنهن ڪري وارث پريشاني شڪار بڻيل آهن وارثن ميڊيا کي ٻڌايو ته مسمات رخسانه گهران نڪتي جيڪا واپس نه پهتي آهي جنهن جو دماغي توازن پڻ درست نه آهي عورت جي ڳولا لاءِ مدد ڪئي وڃي. 02

پنوعاقل لڳ نينگر واهه ۾ ٻڏي فوت

ڳوٺ جاڻڻ ڪوراڻي واسي فيصل ڪوراڻي پير ترڪڻ سبب واهه ۾ ڪري پيو

وارثن ڳولا ڪانپوءِ نينگر جو لاش ڪڍي ورتو، مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام

پنوعاقل (ن ع آ) پنوعاقل پرسان ڳوٺ جاڻڻ ڪوراڻي ۾ 8 ورهين جو نينگر فيصل ڪوراڻي پير ترڪڻ سبب ڪوراڻي واهه ۾ ٻڏي / ڏسو صفحو 2 ڪالم 2

شاهه پنجو لڳ چار ٻار ٻوڙ ۾ ٻڏي ويا، هڪ فوت، ٻين کي بچايو ويو

پنڊ ماڙيءَ ۾ چار ٻار ٻوڙ ۾ لڙهي ويا، هڪ اسدالله پٽ ذوالفقار علي لاڪير ٻڏي فوت

علائقي واسين ٽن ٻارڙن کي بچائي ورتو، فوت ٿي ويل نينگر جو لاش گهر پهچڻ تي ماتم

ميهڙ (ن ع آ) ميهڙ تعلقي جي ڪچي واري علائقي شاهه پنجو سلطان لڳ پنڊ ماڙيءَ ۾ چار ٻارڙا دريائي ٻوڙ ۾ ٻڏي ويا علائقي/ ڏسو صفحو 2 ڪالم 3

گهوٽڪي ۾ بدامني، ڏينهن ڏٺي جو 2 وارداتون

ڊيوري روڊ ۽ ٽنڊو ڦاٽڪ وٽان ڦورو عبدالرحمان ۽ توحيد کان موٽرسائيڪلون ڦري ويا

ٻنهي وارداتن جو ٿاڻي تي اطلاع، پوليس ڪک پڇي ويٺو نه ڪيو، متاثر پريشان

گهوٽڪي (ت ر) گهوٽڪي مان شهر مان امن جو پکي اڏامي ويو موٽرسائيڪل جي چوري ۽ اسٽريٽ ڪرائيم ۾ واڌ گهوٽڪي/ ڏسو صفحو 2 ڪالم 2

گلشن معمار ويجهو شاهاڻي برادري جي گهرن تي حملو، 8 ڄڻا رتورت

مري برادري جي ماڻهن ٻن نينگرن سميت موندر شاهاڻي ۽ ٻين کي زخمي ڪيو

واقعي جي ايف آءِ آر داخل هجڻ جي باوجود گرفتاري عمل ۾ نه آئي، جوابدار فرار

ڪڏاپ (ن ع آ) ڪڏاپ گلشن معمار ٿاڻي جي حد ۾ جوابدارن حملو ڪري شاهاڻي برادري جي ٻن نينگرن سميت 8 ڄڻن کي رتورت / ڏسو صفحو 2 ڪالم 1

ٺٽي ۾ قتل ٿيل واپاري جو ڪيس داخل، 2 جوابدار گرفتار

مڪلي پوليس ٻن جوابدارن پيار علي ۽ علي رضا بروهي کي گرفتار ڪري ورتو

واپاري رضوان سمون جي قتل ۾ ملوث ٻيا جوابدار به جلد پڪڙ ۾ ايندا: پوليس

ٺٽو (پ) ٺٽي لڳ 3 ڏينهن اڳ بيدردي سان قتل ٿي ويل مال جي واپاري نوجوان رضوان سمون جي قتل ۾ ملوث 2 جوابدارن / ڏسو صفحو 2 ڪالم 2

ڪراچي مان ڪنيپل مورو واسي ٻن نوجوانن جو پتو نه پيو

ٻالٿرن جي چرچ تي ڪنيي گم ڪيل سلطان خان ۽ رياض عالماڻي جا وارث سخت پريشان

گرفتار ڪيل نوجوانن کي ڪجهه به ٿيو ته ذميوار متياري پوليس هوندي: وارثن جو چوڻ

متياري (ت ر) 6 ڏينهن اڳ ۾ متياري ضلعي جي ٿاڻي هالا، نيو سعيدآباد جي اٿالن مورو جي ٻن نوجوانن سلطان خان ۽ رياض / ڏسو صفحو 2 ڪالم 2

متياري: ڪنيپل مورو واسي نوجوانن جون تصويرون

پٽ شاهه درگاهه تي نامعلوم عورت تازو ڄاول ٻار رکي گم، فونيجز هٿ

معصوم ٻار جو لاش ڏسي زائرين پوليس کي اطلاع ڪيو، وارثن نه ملڻ تي ايڌي حوالي

پٽ شاهه (رپورٽ: ارشاد علي بگهيو) پٽائي جي درگاهه تي تازو ڄاول ٻار لاوارث حالت ۾ هٿ آيو تازي ڄاول ٻار کي ڇڏي ويندڙ / ڏسو صفحو 2 ڪالم 2

بدائي ۾ برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن جو مظاهرو

10 ڏينهن کان ڳوٺن ۾ 2 کان 3 فوٽ پاڻي بيٺل آهي، انتظاميا ڪو تحرڪ ناهي ورتو

ڳوٺن ۽ فصلن ۾ بيٺل پاڻي نيڪال ڪرائي پريشاني ختم ڪئي وڃي: ارباب چڇڻ ۽ ٻيا

بدائي (ن ع آ) بدائي لڳ ڳوٺ بيلو خان چڇڻ ۽ ڳوٺ مولوي ڏاڙو چڇڻ ۾ 10 ڏينهن اڳ واري ٿيل برسات تباهي مچائي ڇڏي، 10 ڏينهن گذرڻ باوجود انتظاميا طرفان برسات جو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن حاجي ارباب چڇڻ، محب خان ملڪ، رمضان ثناءالله، مراد علي ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪندي ڳالهائيندي چيو ته 10 ڏينهن اڳ ٿيل برساتي پاڻي/ ڏسو صفحو 2 ڪالم 1

ڪڪڙ ۾ وڏيري جو ڏاڍ، معزور پورهيت کي ڌمڪيون، احتجاج

وڏيرو هاشم ابڙو پلاٽ ڦٻائڻ لاءِ گهر خالي ڪرڻ جون ڌمڪيون پيو ڏئي: ابراهيم ابڙو

ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ حراسان پيو ڪري، ظلم جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي: معذور جي اپيل

ڪڪڙ (ن ع آ) ڪڪڙ جي ڳوٺ درمحمد ابڙو واسي معزور پورهيت محمد ابراهيم ابڙو پاران بااثر وڏيري جي مبينا ظلم ۽ زيادتين خلاف / ڏسو صفحو 2 ڪالم 4

وڳڻ ۾ چوري ٿيل پاڻ جي واپسي لاءِ دڪاندارن جو ڌرڻو

واپارين ۽ شهرين وارهه ـ لاڙڪاڻو روڊ تي لعلوراڻڪ پوليس خلاف ڌرڻو هنيو، ٽريفڪ معطل

چوري ٿيل لکن جو پاڻ واپس نه ٿيو ته انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويندو: چڻاءُ

وڳڻ (ن ع آ) ڪجهه ڏينهن اڳ لعلوراڻڪ جي واپاري جاويد علي ٽيبو جي دڪان مان اٽڪل چور ڊي اي پي پاڻ جون / ڏسو صفحو 2 ڪالم 6

هاءِ ڪورٽ پاران سڪرنڊ ۾ زمين تي قبضي بابت جواب طلب

نالي لاءِ ليز ٿيل زمين تي قبضو ڪري رهائشي اسڪيم جوڙي پئي وڃي: درخواستگذار

عدالت چيف سيڪريٽري، بورڊ آف روينيو ۽ ٻين کان 4 هفتن ۾ جواب طلب ڪري ورتو

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ حيدرآباد ۾ محمد مبين نالي شهري پٽيشن داخل ڪرائيندي موقف / ڏسو صفحو 2 ڪالم 4

دادو ۾ اڳوڻي مڙس جو عورت تي تشدد، ٻارن سميت احتجاج

شهباز ڪالوني واسڻ شبانه برهماڻي امڙ ۽ ٻارن سميت احتجاج ڪيو

طلاق بعد به امتياز ڪوسو تشدد ڪري ٿو، ايس ايس پي تحفظ ڏئي

دادو (پ ر) دادو شهر جي شهباز ڪالوني جي رهواسڻ 3 ٻارن جي ماءُ شبانه برهماڻي پنهنجي امڙ جاملن سان گڏجي پنهنجن معصوم ٻارن کي هٿ ۾ وٺي

دادو: اڳوڻي مڙس جي تشدد جو شڪار ناري احتجاج ڪندي

ميهڙ ۾ بدامني تي ايس ايس پي پاران نوٽيس، احتجاج ختم

ايس ايڇ او بي سيڪشن ۽ ون فائيو انچارج جي اڳواڻي ۾ مظاهرين سان ڳالهيون

ميهڙ (ن ع آ) ميهڙ ۾ وڌندڙ بدامني، ميڊيڪل اسٽورن تان ڦر وارن واقعن ۽ ڊي ايس پي ميهڙ سميت پوليس جي بي ڌياني / ڏسو صفحو 2 ڪالم 3

هگورجا ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ ٻار فوت ٿيڻ معاملو، ڊي ايڇ او پاران جاچ ڪاميٽي قائم

ڳوٺ محمد خان جانوري ۾ ڳلي جي بيماري سبب ڪجهه ڏينهن اڳ ٻار فوت ٿيا

ڳوٺن ۾ وڃي جاچ ڪندا سين ته پيشريا بيماري ڪيترن ٻارن کي متاثر ڪيو: ڊاڪٽر

هگورجا (رپورٽ: قاصد الله آرائين) هگورجا / ڏسو صفحو 2 ڪالم 5

ميرپورخاص ۾ گهريلو مسئلن کان تنگ ٿي نوجوان آپگهات ڪري ڇڏيو

نائي پاڙي جي رهواسي فراز انصاري دڪان جي ڪمري ۾ پاڻ مٿان پسٽل جو فائر ڪيو

اطلاع تي گهر ۾ ڪهرام، نوجوان جي زال صدمي ۾ بيهوش ٿي وئي، حيدرآباد منتقل

ميرپورخاص: گهر جي جهيڙن سبب آپگهات ڪندڙ نوجوان جي تصوير

ميرپورخاص (بيوروو رپورٽ) ميرپورخاص جي علائقي نائي پاڙي جي رهواسي ۽ ميرپورخاص جي مشهور سنڌ ڪتاب گهر جي مالڪ فراز انصاري شهر جي مک علائقي پوسٽ آفيس چوڪ واري پنهنجي دڪان جي ڪمري ۾ پاڻ مٿان پسٽل جو فائر ڪري پنهنجي زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو، گهريلو تڪرارن سبب آپگهات ڪندڙ نوجوان پوئيرن ۾ زال ۽ ٻه معصوم ٻار ڇڏيا آهن. واقعي جي اطلاع حد جي پوليس ۽ سوين ماڻهون گڏ ٿي ويا حد جي ٿاڻون ٿاڻي جي پوليس لاش ڪٺائي سول اسپتال پهچايو جتان قانوني ڪاروائي / ڏسو صفحو 2 ڪالم 7

تنگواڻي ۾ بدامني، اغوا ۽ ڦر واقعن خلاف جسقم جي سڏ تي شٽر بند هڙتال، ريلي

جعفرآباد روڊ کان وقار ملڪ، ديشي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سياسي سماجي اڳواڻن احتجاج ڪيو

پوليس چوڪين مٿان ڌوهاري ڪاهه ڪري اهلڪارن کي شهيدن ڪن ٿا، چونڊيل نمائندن جي بي حسي آهي: وقار ملڪ

بدامني سبب شهر شام ٿيندي ئي ويران ٿي وڃي ٿو، وفاقي حڪومت تحفظ فراهم ڪري

تنگواڻي (رپورٽ: مهتاب ملڪ) تنگواڻي ۾ وڌندڙ بدامني اغوا، ڦر، چوري وارداتن خلاف جسقم جي سڏ تي شٽر بند هڙتال ڪري ريلي ڪڍي وئي، شهر مڪمل بند رهيو. جعفرآباد روڊ کان جسقم/ ڏسو صفحو 2 ڪالم 3

تنگواڻي: بدامني، اغوا ۽ ڦر واقعن خلاف شٽربند هڙتال سبب دڪان بند پيل آهن

ڪراچي جي صحافي جي لاڙڪاڻي جي گهر مان 3 دفعا چوري، احتجاج

ڪراچي (رپورٽر) روزاني عوامي آواز ڪراچي جي سينئر صحافي، ڪراچي پريس ڪلب، ڪراچي يونين آف جرنلسٽ جي اڳوڻي عهديدار، پاڪستان آرٽ ڪائونسل جي ميمبر ۽ ليڪڪ ذوالفقار راجپر جي ڏڙي ٿاڻي جي حد لاڙڪاڻي شهر ۾ هڪ ئي سال ۾ ٽي دفعا ٿيل چوري لاڙڪاڻو پوليس واپس ڪرائڻ ۾ ڌوهارين / ڏسو صفحو 2 ڪالم 8

سنڌ کي هٿ سان منشيات جو گڙهه بڻايو ويو آهي: اياز پليجو

سڄي سنڌ ۾ ايم اين اي ۽ ايم پي اي جي مرضي جا آفيسر مقرر آهن

پ پ حڪومت ڪرپشن ڪانپوءِ منشيات کي ڪاروبار بڻائي ڇڏيو آهي

حيدرآباد (پ ر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو چيو آهي ته سنڌ کي هٿ وٺي منشيات جو گڙهه بڻايو ويو آهي. / ڏسو صفحو 2 ڪالم 2

محرابپور ۾ بينظير جي پئسن مان ڪٽوتي، 2 ڊرائيز هولڊر گرفتار

محرابپور (ن ع آ) محرابپور ۾ هلندڙ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي آيل قسط جيڪا مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج/ ڏسو صفحو 2 ڪالم 7

ٺٽي پرسان 2 ٻارڙيون ٻوڙ جي پاڻي ۾ ٻڏي ويون، هڪ فوت، ٻي بيهوش حالت ۾ هٿ

ڪجي جي علائقي فقير جي ڳوٺ واسي نينگريون مسڪان جاکرو ۽ شاهده جاکرو ٻوڙ جي بيٺل پاڻي ۾ ٻڏي ويون

هڪ ٻارڙي مسڪان ڌيءَ بهرام جاکرو ٻڏي فوت ٿي وئي، شاهده جاکرو کي بيهوشي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو

فوتي ٻارڙي جو مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، جنازي نماز ڪانپوءِ مٽي ماءُ حوالي، ڳوٺ ۾ سوڳ جي لهر ڇانيل

ٺٽو (پ) ٺٽي لڳ فقير جي ڳوٺ جي رهواسي جاکرا برادري جون 2 نينگريون مسڪان ڌيءَ بهرام جاکرو ۽ شاهد ڌيءَ شريف جاکرو ڪچي واري علائقي ۾ سنڌو درياهه جي بيٺل ٻوڙ واري پاڻي ۾ اوچتو ڪري / ڏسو صفحو 2 ڪالم 3

خيرپور ۾ بيواهه جو ڌير خلاف احتجاج، جنسي زيادتي جو الزام

بيواهه بي بي خاتون پنهنجي امڙ ۽ ٽن ٻارڙن گڏجي پريس ڪلب

ڌير گل چند اوڊ جي ظلم جو نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي: عورت

خيرپور (س ر) هندو برادري جي بيواهه عورت بي بي خاتون زال مرحوم رميش ڪمار اوڊ پنهنجي امڙ سردارن ۽ ٽن معصوم / ڏسو صفحو 2 ڪالم 1

ڏوڪري لڳ 2 ٻار راند ڪندي ناري ۾ ڪري پيا، ڳوٺاڻن بچائي ورتو

ڏوڪري (ن ع آ) ڏوڪري پرسان ڳوٺ خير محمد جهتيال ۾ پاڻي جي ناري ۾ ٻه معصوم ٻارڙا راند ڪيڏندي لهي ويا، ڳوٺاڻا پاران ٻارڙن کي پاڻي جي ناري مان ڪڍي جان بچائي ورتي، اسپتال منتقل ڪيو ويو/ ڏسو صفحو 2 ڪالم 1

احسان شيخ جي قتل ڪيس ۾ ڪاميابي ملي آهي: ڊي ايس پي

مک جوابدار ماجد ميمڻ اعتراف ڪيو ته هو ناجائز لاڳاپا رکڻ لاءِ تنگ ڪندو هو

مقتول ڪنهن سان به گهمڻ نه ڏيندو هو، تنگ ٿي اهو قدم کنيو

خيرپور (پر) 4 ڏينهن اڳ نوجوان تي سندس دوستن پاران تشدد ڪري تذليل ڪرڻ بعد سندس لاش ميرواهه ڪئنال ۾ اڇلائڻ وارو / ڏسو صفحو 2 ڪالم 1

ڪي اين شاهه ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو، عورت سميت 5 ڄڻا زخمي

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع آ) ڪي اين شاهه ۾ حسنين سٽي جي رهواسين ڪولاچي ۽ ڪوهارا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو، فائرنگ سبب اسد علي، قربان علي، جمن علي، عمران سميت عورت مسمات زبيل زخمي ٿي پيا آهن. زخمين کي تعلقه اسپتال ڪي اين شاهه پهچايو ويو آهي، جتي ڊاڪٽر عملي پاران طبي امداد ڏئي مسمات / ڏسو صفحو 2 ڪالم 7

ڪيهر و عدالت قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدار کي 25 سال سزا ٻڌائي ڇڏي

ڪيهرو (ن ع آ) ايڊيشنل سيشن ڪورٽ ڪيهرو ۾ ايڊيشنل سيشن جج علم الدين جانوري نوجوان زمان بوزدار کي واصل بوزدار گوليون هڻي قتل ڪيو هو جنهن جو ڪيهرو ٿاڻي تي مقتول جي پاءُ جي فرياد تي ڪيس/ ڏسو صفحو 2 ڪالم 1

ڪوسڪي پرسان ڳوٺاڻا جنازو به برساتي پاڻي مان گذارڻ تي مجبور، وڊيو وائرل، احتجاج

يوسي سعيد خان پرڳڙي جي ڳوٺ گهنور ملاح جي رهواسين جو يوسي چيئرمين خلاف احتجاج

فوري طور تي نوٽيس وٺي ڳوٺ مان برساتي پاڻي نيڪال ڪرائي ڏنو وڃي: مظاهرو ڪندڙ

ڪوسڪي: ڳوٺاڻا جنازي کي برساتي پاڻي مان گذر ڪري ويندي

ڪوسڪي (ن ع آ) ڪوسڪي شهر لڳ ڳوٺ گهنور ملاح جي گهرن مان بيٺل برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيو ڳوٺاڻن کي جنازو به برساتي پاڻي مان کڻي وڃڻو پيو وڊيو وائرل يوسي سعيد خان پرڳڙي جي چيئرمين سارنگ پرڳڙي خلاف ڳالهائيندي چيو ته اسان جي گهرن ۾ گوڏي جيڏو گندو برساتي پاڻي بيٺل آهي يوسي چيئرمين جي آفيس جا چڪر ڪاٽي ٿڪجي پيا آهيون ڪير ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونهي هنن چيو ته اسان ڳوٺ مر جنازو به قبرستان کڻي وڃڻ لاءِ رستو نه / ڏسو صفحو 2 ڪالم 6

سيراڻي لڳ برسات متاثرن جي واهر نه ٿي، کليل آسمان هيٺ ويٺل، احتجاج

يوسي شهيد دودو سومرو جي ڳوٺ جاڻي ۽ ڳوٺ يوسف ملاح مان برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ سبب پريشانين کي منهن ڏيڻ لڳا

هيلوڪين برساتن ۾ 15 ڪچا گهر ڊهي پٽ ٿي ويا ۽ 30 گهرن کي نقصان پهتو، رستا ٻڏل هجڻ سبب بيماري ۾ عزيز فوت ٿي ويو

فصل چٽ ٿي ويا، اسڪول ۽ گهر پاڻي هيٺ آهن، ڪنهن به واهر ناهي ڪئي، سخت پريشان آهيون: منظور ملاح ۽ ٻين جون دانهون

سيراڻي (ن ع آ) سيراڻي لڳ يونين ڪائونسل شهيد دودو سومرو جا ڳوٺ جاڻي ڳوٺ يوسف ملاح هيلوڪين برساتن پوڻ سبب پاڻي هيٺ اچي ويا جنهن ۾ پورهتن جا 15 ڪچا گهر ڊهي پٽ ٿي / ڏسو صفحو 2 ڪالم 5

سيراڻي: برسات متاثرن جي واهر نه ٿيڻ خلاف متاثر احتجاج ڪندي

پٺورو لڳ ٽريڪٽر جو گڏهه گاڏي کي ٽڪر، پورهيت فوت، سندس زال زخمي

پٺورو (ن ع آ) پٺورو پرسان ڪاهي ٿاڻي جي حد ۾ سڄي موري لڳ ٽريڪٽر جي گڏهه گاڏي کي ٽڪر سبب سوار پورهيت پريمون ڪولهي ۽ سندس گهرواري سخت زخمي ٿي ويا، زخمين مان پورهيت پريمون ڪولهي کي مقامي ماڻهو تعلقه اسپتال ڪيهرو ڪڻائي ويا، جتي زخمن جاسور نه سهندي پورهيت فوت ٿي ويو جڏهن ته سندس گهر واري لاڏو ڪولهڻ کي علاج لاءِ ميرپورخاص آماڻيو ويو 02

هاءِ ڪورٽ ۾ پچڙي ۾ پاڻي ڪوٽ بابت درخواست تي ٻڌڻي ملتوي

عدالت پاران طلب ڪرڻ باوجود سيڪريٽري آبپاشي ۽ ڊائريڪٽر ليفٽ ڪئنال پيش نه ٿيا

عدالت وڏي وزير پاران پاس ڪيل سمري ۽ پاڻي منظوري وارو نوٽيفڪيشن طلب ڪري ورتو

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ حيدرآباد ۾ درخواستگذار ايڊووڪيٽ نور احمد ميمڻ ذاتي حيثيت ۾ درخواست / ڏسو صفحو 2 ڪالم 4

ٽنڊو آدم لڳ مشهور ڪرڪيٽر بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ فوت

ٽنڊو آدم (ن ع آ) ٽنڊو آدم لڳ ڳوٺ عارب خاصخيلي ۾ مشهور ڪرڪيٽر ۽ بجلي جو مستري 40 ورهين جو غلام محمد خاصخيلي بجلي جو ڪم ڪندي زخمي ٿي پيو جنهن کي وارثن بيهوشي جي حالت ۾ تعلقي اسپتال آندو جتي ڊاڪٽرن پاران سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي جنهن بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جيڪي اباڻي ڳوٺ ڪٺائي ويا لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو فوتي شادي شده هو ۽ ڪيس 3

مبارڪپور پوليس هٿان 3 ڦورو سوگهيا، اٿچاتل هنڌ منتقل

پوليس واپاري کان ڦر ڪندڙ جهان شاهه، راجا ڪونهارو ۽ راشد اوٺو کي گرفتار ڪري ورتو

ڦورن کي ڳوٺاڻن ۽ پوليس گڏجي پڪڙيو، سندن گرفتاري ظاهر ناهي ڪئي وئي: ذريعا

مبارڪپور (ن ع آ) 2 ڏينهن اڳ واپاري نبي بخش ڪٽو کان ڦر واقعي جا جوابدار ڳوٺاڻن جي مدد سان پوليس ٽنهي جوابدارن / ڏسو صفحو 2 ڪالم 4

دڙو: ٻنون جي ڪيترن ئي ڳوٺن مان گندو پاڻي نيڪال نه ٿيو، متاثرن جو احتجاج

يوسي ديهه ٻڍ جي ڳوٺن ۽ زرعي زمين مان 20 ڏينهن گذرڻ باوجود پاڻي نيڪال نه ٿيو

ڪيترائي گهر ڪري پٽ ٿيا آهن، زرعي زمينون پاڻي هيٺ آهن، ڪروڙن جو نقصان ٿيو آهي: رهواسي

برساتن جو گندو پاڻي نيڪال ڪرائي ڪريل گهرن جي بحالي سميت مالي سهائتا ڪئي وڃي

دڙو (ن ع آ) ٻنون جي يوسي ديهه ٻڍ جي ڳوٺن ۽ زرعي زمينن مان 20 ڏينهن گذرڻ باوجود برساتن جو گندو پاڻي نيڪال نه ٿيو ڪيترائي ڳوٺ ۽ زرعي زمينون اڃا تائين برساتن جي گندي پاڻي هيٺ آيل آهن جنهن سبب ڪيترن ئي ڏينهن کان سموري انساني زندگي مفلوج بڻيل آهي. ٻنون جي ڳوٺ حاجي عمر لاشاري جي ڳوٺاڻن حاجي موسى لاشاري، دودو لاشاري، عثمان لاشاري، قاسم لاشاري، عيسى لاشاري ۽ ٻين ڳوٺن مان / ڏسو صفحو 2 ڪالم 7

ميان صاحب ويجهو پوليو ورڪر يرغمال، موٽر سائيڪل ڦر

هٿيار ٻڌل سلطان ڪوٽ لنڪ روڊ وٽ ٽيم کي يرغمال بڻايو

پوليس ورڪر سليم الله ٻيڄوهو کان موٽر سائيڪل ڦر، ڌوهاري فرار ٿي ويا

ميان صاحب (رپورٽ: مظفر ملڪ) ميان صاحب ٿاڻي جي حد ميان صاحب سلطان ڪوٽ لنڪ روڊ لاڳو شاهه لاڙي وٽان ميان صاحب / ڏسو صفحو 2 ڪالم 7

پريالوءِ ويجهو پورهيت يرغمال، تشدد، ڦر

ڌوهارين رات جو حماد الله، الطاف ابڙو، شعيب ٻيڙ کان ڦر ڪئي

پريالو (ن ع آ) گذريل رات ڊيرسان تي نوجوان حماد الله انصاري، الطاف ابڙو ۽ شعيب ٻيڙ موٽر سائيڪل تي سکر کان ڳوٺ واپس / ڏسو صفحو 2 ڪالم 5

احمدپور لڳ مبينا هٿياربندن هٿان گوليون هڻي بيدرديءَ سان قتل ٿيل نوجوان جي تدفين

احمدپور (رپورٽ: مختيار علي ميتلو) احمدپور لڳ مبينا هٿياربندن هٿان گوليون هڻي بيدرديءَ سان قتل ٿيل نوجوان جي تدفين. ڪيس داخل نه ٿي سگهيو. شڪ جي بنياد تي پوليس ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو رپورٽ موجب احمدپور لڳ ڳوٺ حسو ڪانهر پرسان مبينا هٿياربندن هٿان گوليون هڻي بيدرديءَ سان قتل ٿيل ڳوٺ ميتهون پنهيار جي رهواسي نوجوان صدام حسين پنهيار کي سوين اکين اڳين سان سندس اباڻي ڳوٺ ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو چوويهه ڪلاڪ گذرڻ باوجود به مقتول جي قتل جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو احمدپور پوليس شڪ جي بنياد تي پنهيار برادريءَ جي ٻن ڄڻن جيئل پنهيار ۽ بخت پنهيار کي گرفتار ڪري ورتو آهي ان ڏس ۾ پوليس جو چوڻ هو ته نوجوان جي قتل جي جاچ ڪري رهيا آهيون شڪ جي بنياد تي ٻن ڄڻن کي گرفتار به ڪري ورتو آهي وارثن / ڏسو صفحو 2 ڪالم 8

نوابشاهه ۾ نوجوان ناري اغوا ڪانپوءِ ڏاڍائي جو شڪار

ممتاز ڪالوني واسي علي عباس زال ۽ نياڻي عابده سان گڏجي پريس ڪلب پهتو

نياڻي سان ظلم ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي: علي عباس

نوابشاهه (د ن) نوابشاهه بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ممتاز ڪالوني جي رهواسي علي عباس پنهنجي زال ۽ نياڻي عابده سان گڏ / ڏسو صفحو 2 ڪالم 6

نوابشاهه: نوجوان ناري سان ڏاڍائي بعد متاثر احتجاج ڪندي